

ڪَجَلَ پِنل نيٽ
عبدالحئي پليجو

ڪَجَل پِنَل نيٽ

(يورپ ۽ آمريڪا جو سفرنامو)

عبدالحئي پليجو

نيو فيلڈس پبليڪيشن

ٽنڈو ولي محمد، حيدرآباد ، سنڌ

2001ع

ڊجيٽل ايڈيشن:

2018ع

سنڌ سلامت ڪتاب گھر

ارپنا

پنهنجي پياري محبوبہ مومل سنڌو جي نانءُ

سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **"ڪجل پنل نيٽ"** اوهان اڳيان پيش آهي. هي ڪتاب يورپ ۽ آمريڪا جو سفرنامو آهي جنهن جو ليکڪ نامياروسفرناما نگار **عبدالحئي پليجو** آهي.

عبدالحئي پليجي جو هي سفرنامو يورپ جي مختلف ملڪن ۽ شهرن ۽ آمريڪا جي مختلف شهرن ۽ رياستن بابت آهي. پليجي صاحب نہ صرف اسان کي اتان جا شهر، نظارا، مارڪيٽون ۽ ميلا گهمايا آهن پر ان سان گڏ اتان جي تاريخ ۽ ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي بابت بہ لکيو آهي. سفرنامو پڙهندي اهو پائنبو تہ جڻ پاڻ بہ اتي ئي موجود هجون. عبدالحئي پليجي نهايت گهري نظر سان ماڻهن ۽ ملڪن جو مطالعو ڪيو آهي.

هي سفرنامو 2001ع ۾ **نيو فيلڊس پبليڪيشن، ٽنڈو ولي محمد حيدرآباد** پاران چپايو ويو. ٿورائتا آهيون سائين عبدالحئي پليجي صاحب جا جنهن سنڌ سلامت تي اعتماد ڪندي پنهنجا سمورا ڪتاب نئين سر ڪمپوز ڪرائي سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ اپلوڊ ڪرائڻ جي خاطري ڪرائي آهي ۽ هي ڪتاب به ان ئي سلسلي جي ڪڙي آهي.

اوهان سيني دوستن، پائرن، سجڻن، بزرگن ۽ ساڃاهه وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائيءَ جو منتظر.

محمد سليمان وساڻ
مينيجنگ ايڈيٽر (اعزازي)
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

پيش لفظ

اسان وٽ جڏهن ايجان لاڙڪاٽي کي سياحت جو مرڪز سمجهيو ويندو هو ۽ اهڙا محاورا نٿندا هئا ته "هجيئي ناٽو ته گهر لاڙڪاٽو" تڏهن يورپي ملڪن جا ماڻهو سڙهه سنوان ڪري، ٻيڙا ٻار وجهندا هئا. نوان ملڪ، نوان ماڻهو، جيئڻ جا نوان انداز، ترقيءَ جا نوان مفهوم..... ڏگهي سياحت کانپوءِ موتي اچي انهن ملڪن جي باري ۾ ڪتاب لکندا هئا. سامونڊي سفرن ۽ انهن جي باري ۾ لکيل سفرنامن جي ڪري يورپ جي ملڪن ۾ ڪيتريون ئي سماجي ۽ ثقافتي تبديليون آيون. منهنجي خيال ۾ صنعتي انقلاب (Industrial Revolution) جو هڪ وڏو سبب سامونڊي سفر به هو. هنرمندن ٻاڦ تي هلندڙ انجڻ ايجاد ڪئي ۽ دنيا تهذيب جي هڪ نئين دور ۾ داخل ٿي. ريل گاڏيڻ هلڻ شروع ڪيو. ريلوي استيشنون ٺهيون. استيشن جي پرسان وڏيون ۽ ننڍيون هوٽلون ۽ مسافر خانا تعمير ٿيا. پهرين جيڪو سفر ٽن هفتن ۾ ٽيندو. هاڻي ٽن ڏينهن ۾ ٽيڻ لڳو. واسڪوڊي گاما ٻيڙا ڪاهي آمريڪا پهتو. ڪئپٽن ڪڪ آسٽريليا ڳولهي لڌي. گولڊ ڪوسٽ جون سون جون ڪاٽيون، آفريڪي غلام، ايسٽ انڊيا ڪمپني هندستان پهچي وئي.... اسان وٽ صورتحال بنهه ابتڙ هئي. وڻجاري ڪارو ڪيڙڻ جا سانباها ٿي ڪيا ته سندس ونيءَ، ونجهه کي ور وجهي الوڙڻ نٿي ڏنس ۽ پنهنجي گهوٽ جي ماڻ کي ٿي چيائين ته :

وڻجاري جي ماڻ، وڻجارو نه پليين،
آيو ٻارنهين ماهه، پڻ ٿو سفر سنبهي.

هوڏانهن اتر ڏانهن ونيءَ جو گهوٽ ڪنهن ڪم سانگي لاڙ تي سنيريو ته سندس ونيءَ ٿي سمجهيو ته لاڙ انڪري ٿو وڃي جو اتي اونهاري ۾ به ٽڏيون هوائون گهلندڙيون آهن ۽ اتر ۾ گرميءَ کان ساهه ٿو ٻوساڻجي. هوءَ ڪيس لاڙ نه وڃڻ لاءِ ايلاز ڪندي چوڻ لڳي ته :

سهڻا، تون نه وڃ لاڙ، پڪو مان جهلينديءَ سان

سياحت لاءِ اختيار ڪيل اسانجي اهڙي رويي جو سبب شايد اهو هو ته سنڌي سوسائيٽي پنهنجو پاڻ ۾ مطمعن سوسائيٽي هئي ان جاي پيٽ ۾ يورپ جي سوسائٽيءَ ۾ عجيب بي اطميناني ۽ بي چيني هئي. بي چيني ۽ بي اطميناني تبديليءَ جي خواهش مان جنم وٺندي آهي ۽ ان بيچيني يورپ جي سموري سماج کي، نهايت تيز رفتاريءَ سان، بدلائي ڇڏيو. اتان جا حڪمران پنهنجن مصاحبن کي، حڪومتي خرچ تي ٻاهرين مالڪن ڏانهن موڪليندا هئا ته جيئن هو اتان کي سنيون ڳالهيون سکي اچن جن

ڪي ملڪ ۾ رائج ڪيو وڃي. راڻي ايلزبيٿ پهرينءَ، سر فلپ سڊني نالي پنهنجي هڪ مصاحب کي يورپ جي سير لاءِ موڪليو جيڪو پورا ٽي سال ٻين ملڪن جي ماڻهن جي ريتن رسمن جو مطالعو ۽ مشاهدو ڪري موٽيو. اسان وٽ تبديلي نه اچڻ جو هڪڙو وڏو سبب سفر کان نٽائڻ به هو ۽ هاڻي جڏهن ساري دنيا ۾ تبديليءَ وجو طوفان آيل آهي، تڏهن سنڌي سماج جي رڳو مٽاڇري تي تبديليءَ جا ٽورا گهٽا آثار نظر اچن ٿا. باقي پاتار ۾ اها ساڳئي مانار آهي.

انگريزن جي اچڻ کانپوءِ سنڌين به بمبئي ۽ انگليڊ وڃڻ شروع ڪيو پر سفرناما تمام گهٽ لکيا ويا. ڏٽي ڪيو جو الطاف شيخ کي مرچنٽ نيويءَ ۾ نوڪري ملي ۽ هن ايڏا سفرناما لکيا جو ساري ڪسر پوري ڪري ڇڏيائين. هاڻي ته جيڪو ٿو سفر تي اسهي سو ٿو موٽي اچي سفر نامو لکي. عبدالحئي پليجو نه مرچنٽ نيوي ۾ آهي ۽ نه سرڪاري نوڪريءَ ۾، جو سرڪاري خرچ تي ڏيساور ڏوري اچي. هو ته سنڌي جي چوٽيءَ مطابق ته "هجيئي ناڻو ته گهر لاڙڪاڻو" يورپ جو لاڙڪاڻو گهمڻ ويندو آهي. چوندا آهن ته لاڙڪاڻي ۾ ڪا حسينه هوندي هئي جنهن جي وصل جي تمنا ۾ ماڻهو لاڙڪاڻي وڃي، ناڻو لٽائيندا هئا. عبدالحئي پليجو حسين ڪٽي نه هجي ، ڪير به هجي! ڪنهن به طرح مٽس ناڻو لٽائڻ وارن مان نه آهي. هونئن به مٽ پيڙيائي پلي، پٽي ته واءُ، سياحت جو شوق اٽس. سفر جي پهرين منزل دبئيءَ ۾ ئي ڪيس لاڙڪاڻي واري حسينه ملي وئي. هو يورپ جي نائيٽ ڪلبن، جوا گهرن ۽ حسينائن جو اهڙو ته هرڪائيندڙ انداز ۾ ذڪر ٿو ڪري جو پڙهڻ واري جي دل چوي ٿي ته گهر گهاٽ وڪٽي يورپ ۽ آمريڪا جي سفر تي هليو وڃان ۽ جي اوڏانهن وڃي نه سگهان ته پوءِ جهنگ منهن ڪري هليو وڃان.

عبدالحئي جنهن به ملڪ ۾ ويو آهي اتان جي تاريخ، جاگرافي سياسي ۽ سماجي صورتحال، ماڻهن جو سياڻ ۽ رويا... اتان جا پارڪ، آمدورفت جون سهولتون، ساوڪون، گلڪاريون، وڏا وڏا ڊپارٽمينٽل استور، وڏيون وڏيون شاهراهون، تيز رفتاري جيڪا ترقيءَ جو اصل سبب آهي. نائيٽ ڪلبون، جسم فروشيءَ جا اڏا، جسم فروشي ته پاڻ وٽ به پئي ٿئي پر اسين پنهنجو پاڻ سان منافقت ڪندي، انکي لڪايو وينا آهيون. جڏهن ته يورپ جي ڪن ملڪن جرئت مندي ڏيکاريندي نه رڳو ان کي قبول ڪيو آهي پر Transforming non wage worker into wage_worker واري اصول تي عمل ڪندي،کين ڪاروبار وڌائڻ لاءِ ڪيتريون سهولتون ڏنيون آهن. عبدالحئي اسان کي ٻڌائي ٿو ته هالينڊ ۾ طوائفون پنهنجي ڪمائيءَ مان ٽيڪس ڏيندڙ آهن، حڪومت کين ڏنڊو وڌائڻ لاءِ قرض ڏيندي آهي. هنن جي باقاعده رجسٽر ٿيل يونين آهي ۽ سندن هڪڙو رسالو به نڪرندو آهي.

لنڊن جون انڊر گرائونڊ ٽيوب ٽرينون، مسافرن سان ستيل گاڏا، ماڻهو سڀ مهذب، منظم ۽ فضيلت جو جيڪو جتي ويٺو آهي اتان چُري ئي نڏو. اخبار جي ورق ورائڻ جو آواز بہ نڏو ٻڌجي. فقير گٽار يا ڪو ٻيو ساز وڄائي پيا پنن. هتان وانگر نہ جو فقير ائين چنبڙي پوندا جو ڏٺيءَ جي نالي خيرات ڏئي ثواب ڪمائڻ جي بدران ماڻهو کانئن جان ڇڏائڻ لاءِ خيرات ڏيئي ڇڏيندو. ريل ۾ مسافرن کي ٿورو بہ ڪو مسئلو ٿئي تہ ريل جو عملو هڪيو تڪيو حاضر..... اسان وٽ ريل جي عملي جي ڪارڪردگي اها آهي جو هڪ دفعي ڪوئيٽا وڃڻ لاءِ اي سي گاڏي ۾ سيٽ رزرو ڪرايم. اسٽيشن تي پهتس تہ خبر پئي تہ خيبر ۾ اي سي گاڏو ئي ڪونہ لڳو آهي!

عبدالحئي نهايت گهري نظر سان ماڻهن ۽ ملڪن جو مطالعو ڪيو آهي. هو لنڊن جي هڪ پاڪستاني پنجابيءَ جو ذڪر ٿو ڪري جيڪو هوٽل هلائيندو آهي، پنجابي اسلام ۽ پاڪستانيت جا ٻڌا ٺيڪيدار. پر هوٽل جو نالو مهاڀارت يعني عظيم هندستان! آسٽريليا ۾ هڪ هندو عورت مهاراڻي نالي هوٽل هلائيندي هئي. ان هوٽل ۾ سڀ کان سنيون ڏشڻ گئوماتا جي گوشت جون هونديون هيون! سرمائي جي ڪا سرحد ڪانہ ٺيندي آهي ۽ نفعي جو ڪو مذهب نہ هوندو آهي.

انگليڊ، فرانس، هالينڊ ۽ جرمني، جرمني جي ڪار ۽ زال ڪڏهن دوکو نہ ڏين. بون جو شهر ڪارل مارڪس، بيٿووين ۽ اين ميري شمل جو شهر! هالينڊ جا گل ۽ طوائفون، آمريڪا جي لاس اينجلس ۽ لاس ويگاس، ڊزني لينڊ، هالي ووڊ، گولڊن گيٽ برج، يونيورسل اسٽوڊيو، نائيٽ ڪلبز، نيڪڊ ڊانسز..... دنيا ڪيڏي نہ وسيع آهي، رڳو آمريڪا ايڏو وڏو ملڪ آهي جو هوائي جهاز ۾ هڪ ڇيڙي کان ٻي ڇيڙي تائين سفر ۾ چوڏهن ڪلاڪ لڳيو وڃن.....

عبدالحئي آمريڪا جي سياسي نظام، صدر جي چونڊ، سينيٽ ۽ ڪانگريس جي جوڙجڪ ۽ ڪارڪردگي جي باري ۾ وڏي مطالعي سان لکيو آهي. سندس سفرنامي ۾ شراب ۽ شباب بہ آهي تہ ڄاڻ جي روشني بہ آهي. سچ پچ تہ عبدالحئي جو هي سفرنامون نہ رڳو سندي ادب ۾ واڌارو آهي، پر هن جي پڙهڻ سان ڪيترن ئي ماڻهن جو سياحت ۾ اتساه پڻ پئدا ٿيندو.

آغا سليم

پنجن چئن سالن جي سفر ۾ دنيا جا ڪيئي ملڪ گهمي آيس ۽ پنج سفرنامه لکي چڏيم، جيڪي شايع ٻ ٿي ويا. 1_ڏوريم ڏيساور 2_هوجي وڻ ولات جا، 3_ديس بديس4_ ڪنواريون ۽ ڪنول 5_ٻنون ٿو ٿوڪيو. پر وري گذريل پنجن ڇهن سالن کان مسلسل ملڪ کان ٻاهر وڃڻ نه ٿيو. گذريل سال ٻن سالن کان ڏاڍي ڪوشش ۾ هوس ته ڊاڪٽر راڄو مونسان گڏ هلي ته ايشيا، يورپ ۽ آمريڪا جو يڪو ٽوئر لڳائي اچجي. ڊاڪٽر راڄي سان اڳ ٻ، ٽي چار ملڪ گهمي آيو هوس ۽ ڏاڍو Enjoy ڪيم. سو ٻ سال مسلسل ڊاڪٽر جي پٽيان لڳس ته گڏجي هلي. پر ڊاڪٽر پلي ولايت يعني حج مان موٽڻ کان پوءِ اڪثر ماڻهن جي اڳيان صرف ٻئنڪاڪ گهمڻ جي ڳالهه کان ٻ لهرائيندو آهي. سو يورپ ۽ آمريڪا جو ٻڌي ٽپ جواب ڏنائين. پوءِ محمد صابر ۽ حمزه خان کي چيم. پر پروگرام نه ٺهيو. مصروفيتن جي ڪري چيئين ته تون هل، پٽيان آئون ٻ اچي توکي پهچندس. سو آئون ٻ سڀ آسرا لاهي اڪيلو ئي اڪيلو "مارو اڪيلڙا" جي راهه تي هلندي، سر جو بندوبست ڪرڻ لڳس. پاسپورٽ ته اڳيئي ٺهيل هو، پر اتڪل نون ملڪن جون ويزائون يعني متحده عرب امارتون، انگلينڊ ۽ آمريڪا لاءِ ملٽيپل ويزائون، بيلجيم، هالينڊ، جرمني، لنگزمبرگ، فرانس ۽ ميڪسيڪو لاءِ سنگل انٽري ويزائون گهربل هيون.

صبح شام ٽريويلر ايجنٽ جي آفيس ۽ سفارت خانن جي آفيس ۾ وچ ۾ هلي هلي ڪار جا ٽائر گسي ويا. آمريڪا ۽ انگلينڊ وارن ته جهڙي سفارت خاني ۾ نوڪري ٽي ڏني. صبح جو فارم ملندو، شام جو فارم ونبو، لائين ۾ بيهبو، صبح جي لائين اوپر کان شروع ٽيندي ۽ شام جي لائين اولهه کان شروع ٽيندي، پاسپورٽ صبح جو ڇهين بجي ڏجو. انترويو ٻ هر هڪ جو ضرور ٽيندو. ٽيندو ٻ انگريزي ۾ پلي انگريزي ڄاڻي يا نه. انترويو ٽيندو ٻ روبرو، پر ٽيندو ٻ فون تي. وچ ۾ شيشو هوندو. انترويو ونڊ وارو فون رکي چڏي ته سڀ ڪجهه ختم. سڄو ڏينهن ڳالهائي پر رزلٽ ٻڌي، دوستن کان مشورا ٻ ڏاڍا ورتم. پر چيائون ته فضول آهي، آمريڪا ۽ انگلينڊ وارا ڪڏهن ته درياءَ ٽپي وڃن ڪڏهن ته ڪسيءَ تي ٻ گوهي ڪن. خلاف توقع آمريڪا جي ويزا ڏاڍي آساني سان ملي. نه صرف آسانيءَ سان ملي پر اسسٽنٽ سيڪريٽري شايد مس جوليءَ وٽ آئون جڏهن ڪاغذ ڪٽي وڃڻ لڳس ته احترامن اٽي بيهي رهي ۽ مونکي منهنجي سفر لاءِ دعا پڻ ڪيائين. ٽيو ائين ته مونکي منهنجي دوست ڪيلا جيڪو آمريڪا مان P.H.D پي ايچ ڊي ڪري آيو هو، تنهن صلاح ڏني ته انترويو وقت ڪاغذ پٽ جام ڪٽي وڃج. سو آئون اڳوٽا پاسپورٽ، عشر ۽ آبياني جون رسيدون، ٻئنڪ شيٽس، پاس بوڪ، شگرمل بلس،

ڪمپيوٽر شيٽس، سني آبادگار طور مليل شيلڊ، ڇپيل ڪتاب ۽ ان تي مليل ايوارڊ ۽ شيلڊ سپ سامان وجي رڪيومانس، شيشي کي ورائي سيئي سامان اندر ڪري شيشِ کي بند ڪري ڇڏيائين. سپ کان پهرين ڪتاب ڏنائين. مون فون تي چيس تہ اهي سيئي ڇپيل ڪتاب منهنجا لکيل آهن. ۽ انهن ۾ چار سفرنامو ۽ هڪ ڪتاب يعني ديس بديس تي مونکي ادبي ايوارڊ پڻ مليل آهي ۽ هاڻ جڏهن آمريڪا گهمي واپس موٽندس تہ آمريڪا تي پڻ ڪتاب لکندس. اهو ٻڌي تہ آئون ليڪڪ آهيان سندس ڳالهائڻ جو ٽون بدلجي ويو ۽ احترام سان کلي ڳالهائڻ لڳي. وڌيڪ ڪاغذ ڏسڻ ۽ سوال ڪرڻ کانسواءِ چيائين تہ شام جو ويزا لڳل پاسپورٽ ڪٽي ويجو. ۽ آمريڪا جڏهن گهمي ايندا ۽ اتي جو سفرنامو ڇپرائيندا تہ هڪ ڪاپي سفارتخاني کي ضرور موڪلجو. ٻيون ويزائون پڻ آساني سان ملي ويون. صرف انگلينڊ وارن انٽرويو دوران ٽورو رين رين ڪئي. سا انگريزن جي پراڻي عادت آهي ۽ اسين برصغير جا ماڻهو انهيءَ تي هريا پيا آهيون منهنجو ٽريويلر ايجنٽ مسٽر خوبچند هو. جنهن ويچاري سڄي ٽوئر کي سني نموني سيٽ ڪيو. منهنجي ائيرلائين لنڊن دبئي عرب ايمرائٽ هئي. لنڊن هوسٽن۔ هوسٽن لاس اينجلز لاءِ ڪانٽينٽل هئي. لنڊن کان سواءِ سڄي يورپ لاءِ ڪاسموس وارن جي ڪراچي ايجنٽ يعني اجني Ajnee ٽوئر وارن جي معرفت ٽوئر بوڪ ڪرايم. اڪيلي هئڻ جي ڪري نہ تہ سڄي ٽوئر ۾ تڪليف ٿئي ها ۽ ڪٽي هوٽل ملي نہ ملي، ڪٽي ٽيڪسي جي تڪليف، تہ ڪٽي ڪا ڪنهن پروگرام لاءِ ٽڪيٽ هجي يا نہ، سو سڄي يورپ جو ٽوئر پروگرام ڪاسمورس وارن معرفت تيار ڪيم. جن سڄي پروگرام جي بڪنگ شيٽ ۽ ڪيترا ڪتاب هٿ ۾ ڏيئي ڪٽي خدا حافظ چيو. ۽ چئون تہ لنڊن ۾ اسان جي آفيس وارا مقرر تاريخ تي تنهنجي لاءِ لنڊن ۾ هي گانو پنهنجي آفيس ۾ چاڙهيو وينا هوندا تہ "اڳٽ ڀهاريان تنهنجون واٽون نهاريان." بس صرف تنهنجي لنڊن ۾ اسانجي آفيس ۾ پهچڻ جي دير آهي. جيئن تہ آئون سڄي ٽوئر ۾ اڪيلو سندرو ٻڌي نڪتو هوس. سو باقي دبئي، لنڊن ۽ آمريڪا ۾ يارن ۽ واقفڪارن جي لسٽ تيار ڪرڻ شروع ڪيم. جيئن اتي اڪيلائي نہ محسوس ڪريان ۽ سندن ساڻ سان سني نموني گهمي ڦري سگهان ۽ پڻ سندن گڏ ڪيل ڊالرن ۾ ڪجهہ گهٽتائي آڻي سگهان. دبئي ۾ منهنجي پياري پاڻ مرحوم غلام رسول جي سالي محمود، لنڊن ۾ ڊاڪٽر خشڪ ۽ گل سهتي، آمريڪا ۾ نظام الدين جتوئيءَ جون ائڊريسون ۽ فون نمبر هٿ ڪيم. ڪن کي فون ڪيم، ڪن کي خط لکڻ شروع ڪيم. نظام الدين جتوئي کي آمريڪا ۾ ايترا خط ۽ فون ڪيم جو مجبورن ويچاري فون تي چيو تہ پليجا صاحب هروپرو فونن تي ايترا پئسا خرچ ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي. توهان رڳو آمريڪا پهچو آئون ايئرپورٽ تي حاضر هوندس. سڄي ٽوئر ۾ توهان سان گڏ هوندس تہ جيئن توهان واپس وارري جهاز ۾ نہ وڃي ويهو. ٽيو بہ ائين جو

واپسي ۾ همراهه ڇڏي ئي نه. ڇئي سائين تن هفتن ۾ آمريڪا جا گهميا آخر ۾ ته پاسپورٽ لڪائڻ جي ڏمڪي ڏنائين چيائين ته مهمان ايندو پنهنجي مرضي سان آهي ۽ ويندو ميزبان جي مرضي سان آهي. خير اهي احوال اڳتي وڃڻ واري رات ڊاڪٽر اقبال ميمڻ وٽ ترسيس. صبح جو سامان کڻي پهريائين خوبچند جي ٽريولر ايجنسيءَ پهتس. جتي خوبچند پاسپورٽ ٽڪيٽون ۽ ڪرنسي لاءِ ايئرپورٽ بئنڪ لاءِ ليٽر ۽ ٻيا ڪاغذ پٽ ڏنا. آئون سڏو ايئرپورٽ پهتس. ايئرپورٽ تي منهنجو دوست حمزو پليجو M.N.A ارباب وزير ميمڻ، ڊپٽي ڪمشنر شوڪت پنهور، ڪنزرويٽر ڪيلا صاحب، منهنجو پاءُ مير نصير، محمد صابر ۽ عبدالعليم ميمڻ ۽ ٻيا به ڪيترا سارا دوست ائيرپورٽ آيا هئا. ڪيترائي پراٽا ساٿي گڏيا، هڪ سينيٽر، ٻيو M.N.A هئڻ ڪري اسان به V.I.P ٿي وياسين. يعني V.I.P لونج جي سهوليت ۽ ايئرپورٽ کان جهاز تائين وڏي V.I.P ڪار ۾ وياسين. اسان Emirates جي جهاز ۾ دبئي لاءِ روانا ٿي وياسين. ٻن ڪلاڪن جي سفر ۾ دبئي جي انٽرنيشنل ايئرپورٽ تي پهچي وياسين. اسان لنڊن پهچون، انهي کان اڳ اسانجي ايئرلائين وارن اسان کي مفت ۾ دبئي ترسايو. جنهن ۾ فائيو اسٽار هوٽل ۾ رهائش ۽ کاڌو، جهاز کان هوٽل، هوٽل کان جهاز تي پهچائڻ جو ڪم پڻ ائيرڪمپنيءَ وارن ڪيو. دبئي جي انٽرنيشنل ائيرپورٽ تي جڏهن پهتاسين ته اسانجو پاسپورٽ اسان کان واپس وٺي پاڻ وٽ رکيئون ۽ ان جي عيوض اسان کي هڪ رسيد ڏنئون ۽ اهو پڻ سمجهايائون ته توهان جڏهن واپس لنڊن ويندا ۽ دبئي ايئرپورٽ تي هيءَ رسيد ڏيکاري پنهنجو پاسپورٽ ۽ ٽڪيٽ واپس وٺي سگهو ٿا. توهان پلي دبئي ابوداپي ۽ شارجه گهمو ڦرو. موج ڪريو (United Arab Emirates) يا متحده عرب امارات 1971ع ۾ ستن ننڍڙين رياستن يا (Shaikh Doms) کي ملائي ٺاهي ويئي هئي. جنهن ۾ ابوداپي، دبئي، شارجه، اجمان، ام ال قيوم ۽ راسل جبال اچي وجن ٿيون. هنن جا باربر سعودي عرب قطر ۽ عمان سان ملن ٿا. هن جو عارضي تخت گاهه ابوداپي ٺاهيو ويو. پر اهو صرف پنجن سالن لاءِ باقي پوءِ نئون تخت گاهه ابوداپي ۽ دبئيءَ جي وچ ۾ ٺاهيو ويندو. ان وقت سڄو ملڪ واريءَ جو رڻ پٽ هيو. پر 1971ع کان هيستائين هن منهنجي ملڪ کي خاص ڪري سمنڊ ڪناري کي سرسبز ڪري ڇڏيو آهي. هت جبل تمام اوچا آهن. جن جي ڪٽي ڪٽي اوچائي 10.000 ڏهه هزار فوٽ به آهي. هتي جي سامونڊي بندرن، ۽ هوائي اڈن جي اهميت سڄي مڊل ايسٽ ۾ آهي.

دبئي 1971ع کان 1998ع تائين بي پناهه ترقي ڪئي آهي. دبئي جي هوائي ڪمپني گذريل ڇهن سالن ۾ مسلسل سڄي دنيا جي هوائي ڪمپنين ۾ پهريون نمبر اچي رهي آهي. واقعي تمام آرام ده هوائي سروس اٿس. ايئرهوسٽس کانسواءِ ٻيو عملو گهٽو ڪري سڀ يورپين آهي. باقي ايئرهوسٽس

گھٽوڪري عرب پاڪستاني ۽ ٽائي اٽس. جيڪي پڻ سني سروس ڪن ٽيون، فلائيٽ اسٽاف سان گڏ گرائونڊ اسٽاف پڻ ڏاڍو سنو سھٽو چاڪ چوبند، برجستو ۽ ڪو آپريٽيو آھي. مون دنيا جي گھٽو ڪري ڪيترن ئي ايئر لائين ۾ سفر ڪيو آھي. پر اڇڪلھ Emirates واقعي نمبر ون آھي. ۽ دنيا ۾ گندي ۾ گندي ايئرلائين ايئرانڊيا آھي.

ھت برسات تمام گھٽ پوندي آھي، گرمي بہ تمام گھٽي ٽيندي آھي، يعني پاڪستان کان گھٽي پر ھت ان جو گھٽ اثر آھي. ھتي ھر ھوٽل، ڪار، سپر مارڪيٽ ۽ مسجد مطلب تہ ھر جڳھ ايئرڪنڊيشنڊ آھي. ھتي جي قومي ٻولي عربي آھي. ھتي جا اصل رھاڪو عرب آھن. پر ٻين ملڪن کان نوڪرين ۾ ڏاريا ايترا تہ اچي ويا آھن جو شھر ۾ خاص ڪري دبئي ابو ڊاپي ۽ شارجہ ۾ توھان کي عرب گھٽ ۽ ٻين ملڪن کان آيل ماڻھو گھٽا نظر ايندا. تيل جي طاقت سڄي دنيا جي ماڻھن کي اچي ھت حاضر ڪيو آھي. ھتي 1985 ع ۾ پھريون دفعو تيل مليو، جنھن کي انگريزن ۽ فرينچن دريافت ڪيو. ھاڻ تہ سڄو ملڪ خاص ڪري ابو ڊاپي جو سمنڊ جي ڪناري وارو علائقو تہ سڄو تيل جا کوھہ ٽيو پيو آھي. جنھن ۾ وري (Umm Shaif) اوم شيف وارو علائقو، ھاڻ تہ سڄي تيل جي دولت تي آمريڪا جو قبضو آھي. ٻيا سي سندس پيٽي ٺيڪدار آھن، (Ajman and Fujairah) اجمان ۽ فوجيراہ ۾ ٿوري زراعت پڻ ٽيندي آھي.

حڪومت جو سڄو نظام سپريم ڪائونسل ھلائيندي آھي. جنھن ۾ سي ريياستون ميمبر آھن. نائب صدر، وزير اعظم ۽ وزير پڻ سپريم ڪائونسل مقرر ڪندي آھي. اسان کي پاسپورٽ ۽ ٽڪيٽ عيوض رسيد ھٽ ۾ ڏيئي. ھڪ گرائونڊ ھوسٽس ساڻ ڏيئي. ڪوچ ۾ روانو ڪري ڇڏيائون. جنھن اسان کي اچي اسانجي ھوٽل ۾ لاٿو. شايد ھوٽل جو نالو ھوٽل ايئرپورٽ (Hotel Airport) ھو. دبئي سڄو فري پورٽ آھي. جنھن ڪري ولايتي شيون اصل ملڪن کان بہ سستيون ملن ۽ سپر مارڪيٽن ۽ (Seaport and Airport) تي ڊيوٽي فري ھئڻ ڪري تمام گھٽي رش ھوندي آھي. مون تڙ ڪري چانھہ پي پوءِ پروگرام ناھيو تہ اڄ اڏ ڏينھن ۽ سڄي رات جيترو گھمجي اوترو ٿورو. صبح ڏھين بجي اڳتي لنڊن وڃڻو ھو. ٻاھر اچي ٽئڪسي ڪري دبئي شارجہ ۽ ابو ڊاپيءَ جي چڪر لاءِ نڪري پيس. سلطان جو محل، پاڪستاني اسڪول، ھاليڊي ان ھوٽل، شاھد بازار، ورلڊ ٽريڊ سينٽر، مخدوم روڊ، پارڪ، بيچ ۽ مشھور شارجہ ڪرڪيٽ اسٽيڊيم جنھن ۾ ھر سال، سالياڻو ڪرڪيٽ مئچون ٿين. جنھن ۾ سڄي دنيا جون ڪرڪيٽ ٽيمون حصو وٺن. شارجہ ڪپ ٽورنامينٽ پاڪستان ۾ پڻ وڏي چاھہ سان ڏني ويندي آھي. مونکي اھو ٻڌي ڏاڍو تعجب لڳو تہ اھو اسٽيڊيم ھڪ خانگي ماڻھو جو آھي. جيڪو ڪمائڻ يا پنھنجي شوق لاءِ اھڙيون ٽورنامينٽ ڪرائي ٿو. ۽ سڄي دنيا جا ماڻھو ۽ فلم

استار پڻ اها تورنامينٽ شوق سان ڏسڻ اچن ٿا. دبئي ۾ پارڪ ۽ بين تفريح جي جڳهين تي توهان کي عربن کان وڌيڪ هندستاني، پاڪستاني، فلپينو ٽائي ۽ سلوئي نظر ايندا. شام جي وقت پارڪن ۾ ڏاڍو عجيب منظر ڏسڻ ۾ ايندو. دنيا ۾ شايد ئي ڪٿي اهڙو منظر ڏسڻ ۾ اچي. آئون عربستان ۾ارن سان به ويو آهيان، پر اهڙو منظر ڏسڻ ۾ ڪونه آيو. مثال توهان ڪنهن پارڪ، سئنيما يا نائيٽ ڪلب ۾ وڃو. ته توهان کي عجب لڳندو. پارڪ جي هڪ ڪنڊ ۾ عربي ڳالهائڻ هوندو ته بي ڪنڊ ۾ سنڌيءَ ۾ پيا ڳالهائيندا ته ڪنڊ ۾ مرهٽيءَ ۾، ته چوٽين ڪنڊ ۾ فلپينو ته وچ ۾ هندي ۽ بنگالي ته ڪٿي سنڌيءَ ۾ هڪ ٻئي کي سڏ پيا ڪندا. پان، چٽا، ملڪن، ملڪن جا ڪاڌا ۽ آواز ٻڌي ماٺو خوب پيو مزو وٺندا آهي. آئون جيئن ته اڪيلو هوس ۽ سفر کي اڪيلائي ۾ هر طرح پي انجوائي ڪرڻ چاهيم. تنهن ڪري اهڙين جڳهين تي وڃڻ پي چاهيم. جو اڪيلائي جو احساس نه ٿئي ۽ ڪجهه ڏيسان ۽ پرايان. ۽ پرهڻ وارن کي به ان ۾ شامل ڪريان ۽ اڪيلائي محسوس نه ڪريان. ننڍي هوندي کان وٺي سفر شروع ڪيو اٿم. ڪيترائي ملڪ ۽ ماڳ ڏٺم. دنيا جي هڪ ڪنڊ يعني ڪراچي ۽ بي ڪنڊ يعني جپان، ۽ ٽئين ڪنڊ يعني آمريڪا جي اولهه ۾ پئسفڪ سمنڊ واري ويسٽ ڪوسٽ تائين وڃي دنگ ڪيم. نه رڳو پاڻ پر پنهنجي گهر واريءَ ۽ ٻارن کي پڻ انهن گهمڻ ڦرڻ جي شوق ۾ شامل ڪيم. دنيا جي ڪيترن ملڪن سان گڏ ڪيترا ماٺهو ۽ ڪيتريون قومون ۽ انهن جون ثقافتون اکين سان ڏسڻ جو موقعلو مليو. ان نتيجي تي پهتس ته دنيا ۾ آمريڪي قوم مقدر جي سڪندر ۽ پاڳ ڏٺي آهي ۽ اهڙي ڏرتي جتي ڪڏهن به جنگ نه ٿي ۽ خدا به ايڏو مهربان جو هاڻ دنيا جو واحد سپر پاور، جنهن وٽ ايڏو سهڻو رڇ آهي. جو جتي به اڇلائي ته سڀ مڇيون اچي سندس رڇ ۾ پون. ۽ وري جنهن کي چاهي ته تخت مان تختو ڪريو ڇڏيس. جنهن جو مثال لبنان ۽ ان جي گاديءَ وارو شهر بيروت آهي. ستر جي اڳ (Early Seventies) واري ڏهاڪي ۾ بيروت، مشرق کان ڇا پر يورپ جي شهرن کان پڻ سونهن سوڀيا ۾ سرس هو. ڇا ته شهر هو.

بيروت جون رونقون لنڊن، پئرس ۽ روم کان به اڳتي هيون. پر آمريڪا اسرائيل معرفت هن ملڪ ۽ شهر کي ڪنڊرات جا ڍير ڪري ڇڏيو. اڄ نئين نسل کي انهيءَ دور جي خبر ئي ڪانهي ته هي شهر ڪهڙي اوج تي هو. ان ڪانپوءِ انگريز قوم ڏاهپ ۽ دوراندیشي ۾ دنيا ۾ هڪ مثال آهي. ۽ وري جرمن ۽ جپان جهڙي محنتي قوم دنيا ۾ نه آهي. جنهن بي مهاياري لڙائي ۾ جيڪا شڪست کاڌي، خاص ڪري انهيءَ ۾ به جپان، جنهن پرل هاربر ۾ آمريڪي بندر تي حملو ڪري آمريڪا کي ڇتو ڪري ڇڏيو. نه ته جنگ جو مڪ ڪردار جرمن هو. پر آمريڪا صرف پرل هاربر جي بدلي وٺڻ جي ارادي سان جپان تي ائٽم بم سان حملو ڪري، دنيا کي اهو محسوس ڪرائڻ ٿي چاهيو ته اسان تي حملي ڪرڻ جي

اها سزا آهي ۽ ائين جهان تباهه ۽ برباد ٿي ويو. پوءِ ان قوم ثابت ڪري ڏيکاريو ته محنت ۽ صبر جو ڦل ڪيڏو نه مٺو آهي. اڄ جهان دنيا جي پهرئين نمبر جي امير ترين ملڪن ۾ شامل ٿئي ٿو. عرب سڳورا جهڙا هزار سال اڳ هئا. تهڙائي اڄ آهن. دنيا جي.....قوم پنجابي. دنيا جي سادي قوم سنڌيءَ جهڙي ڪٿي به ڪونه ڏسندا.

شيخ اياز هي شعر شايد سنڌين لاءِ چيو آهي ته "ماڻهو چند ٽپي ويو آهي، تون ته اتي ئي بينو آهين."

جيڪا جٽ سنڌي قوم سان پنهنجي سرزمين تي ٿي آهي، دنيا جي تاريخ ۾ اهڙي جٽ ڪٿي به بي قوم سان نظر نٿي اچي.

بندر جاپائي، ته سکاڻيا م سمهو،
ڪپر ٽوڪن ڪري، جيئن ماتيءَ منجهه مهي،
ايڏا سور سهي، نند نه ڪجي ناگئا.
(شاهه)

منهنجي ٽئڪسيءَ وارو مسقط جو بلوچ هو. جيڪو ڪراچي به ڪيترا دفعا ڏسي چڪو هو ۽ سندس مائٽ پاڪستان جي بندر واري شهر گوادر ۾ رهندا هئا. جنهن ڪري اردو بهترين ٿي ڳالهايائين. منهنجي ٽئڪسي وارو ڊرائيور گهٽ پر گائيڊ وڌيڪ ثابت ٿيو. ڪيترن سالن کان وٽي ٽئڪسي هلائيندو آهي. ڏاڍو مزيدار ماڻهو هو. ساڻس گڏ گهمندي ڏاڍو مزو پي آيو. پاڻ ڪوشش ڪري سنيون سنيون جڳهيون ڏيکارڻ جي ڪوشش پي ڪيائين. گهمندي گهمندي رات ٿي وئي. پاڻ چيائين ته سائين هتي جي نائيٽ لائيف به ڏاڍي سحر انگيز اهي.

سڄي دبئي سهڻن نائيٽ ڪلبن سان ڀري پئي آهي. ديس ديس جون ناريون سڄي رات پنهنجي فن جو مظاهرو ڪندي صبح ڪري ڇڏيندیون آهن، مون چيومانس ته يار سڄي رات ته نه پر هڪ بجي تائين اسين به جاڳي سگهون ٿا. باقي اسين ڳوناڻا ماڻهو سوير سمهڻ وارا سڄي رات جاڳي سگهون. مون اهو پڻ چيومانس ته هڪ نه پر ٻن، چئن نائيٽ ڪلبن ۾ هلبو. جيئن دبئي جي نائيٽ لائيف جي گهڻي آئيڊيا وٽي سگهجي. بسم الله ڪري هڪ نائيٽ ڪلب ۾ وياسين ته اسان کي اهو ڏسي حيرت ٿي ته نائيٽ ڪلب ۾ ڊانس ۽ ڳائڻ واريون پاڪستاني ڳائڻيون مجري جي انداز ۾ نچي ۽ ڳائي رهيون هيون. گانا پڻ انڊين فلمن جا ڳائي رهيون هيون. فقط هت نه پر سيني ڪلبن ۾ هندستاني، پاڪستاني ڊانسرس مجري جي انداز ۾ نچي ۽ ڳائي رهيون هيون. ماڻهو پئسا به ائين ڳائڻين تان گهوري رهيا هئا. جڏ ته سنڌ ۾ ڪنهن سنڌي وڏيري جي شاديءَ ۾ پئسن جي ورکا ٿي رهي هئي. نائيٽ ڪلبن ۾ داخلا جي ڪابه ٽڪيٽ يا في وغيره نه ٿئي. پر ڊرنڪ ضرور ڪرڻو پوي. گهڻي دير تائين نائٽ ڪلبن جا

چڪر هڻي اچي هنڌ پيڙا ٿياسين. صبح ڪجهه دير سان جاڳ ٿي. آئون گلنار جي ٻانهن هينان سرڪي اٿي، باٿ روم مان تيار ٿي ٻاهر آيس ته پاڻ ائين بيڊ تي ستي پئي هئي. سندس هيڻين ڏڙ تي سفيد چادر پئي هئي. پر سندس متئين ڏڙ تي پر واري A.C جي تيز هوا ڪري چادر لهي ويئي هئي. سندس اڇي بدن تي برسيز پائڻ ڪري برسيز جا نشان چمڙي تي صاف ظاهر نظر اچي رهيا هئا. باقي پنيءَ تي تمام سنها پورا وار بلب جي روشنيءَ ۾ صاف نظر اچي رهيا هئا. پاڻ سڃي رات جي اوجاڳي ڪري ڏت ننڊ ۾ ستي پئي هئي. آئون انهيءَ پوزيشن ۾ پنهنجي پروفيشنل محبوبا کي ڇڏي پنهنجي بئگ کڻي ٻاهر منهنجي انتظار ۾ بينل ايئرپورٽ شٽل تي اچي وينس. جنهن اسانکي دبئي ايئرپورٽ تي اچي لاٿو. اتي ڪلهه واري بندري عرب گرائوند هوسٽس اسانجو ڪلي استقبال ڪيو ۽ اسانجا پاسپورٽ ۽ ايئرٽڪيٽ اسانجي حوالي ڪيا. اسان (Emirates) جي آرامده فلائيٽ ۾ اٽڪل ساڍن ستن ڪلاڪن جي نان اسٽاپ فلائيٽ کان پوءِ لنڊن جي گيٽ وات ايئرپورٽ مٿان اڏامي رهيا هئاسين. آئون اڪيلو هئس ۽ لنڊن پهريون دفعو آيو هوس. ڪنهن به دوست کي فون ڪونه ڪيم. لنڊن ايئرپورٽ جي باري ۾ ڏاڍو ٻڌو هوم. ته ايئرپورٽ تي ڏاڍي سختي آهي. جهاز مان لهي اميگريشن ڪائونٽر تي آياسين. يورپين ۽ آمريڪن لاءِ جدا لائين هئي. پاڪستانين لاءِ جدا لائين هئي، انهيءَ کانسواءِ ٻين، ملڪن جي شهرين لاءِ جدا لائين هئي. دنياجي ٻين ايئرپورٽن تي اميگريشن جو ڪافي وقت کان ڪمپيوٽرائيزڊ سسٽم آهي. پر (England) جهڙي ترقي يافتا ملڪ جي جڳ مشهور شهر ۾ اميگريشن جو پراڻو نظام ڏسي تعجب ٿيو. سو پنهنجي واري اڇڻ تي اميگريشن آفيسر کان اٽندي شرط اهو سوال ڪيم ته پاڻ مونکان پڇيائين ته تون اميگريشن ۾ آهين ڇا؟ مون کيس چيو ته آهيان نه پر هوس. کلي وڌيڪ ڪجهه به پڇڻ کان سواءِ استئمپ هڻي پاسپورٽ موٽائي ڏنائين.

آسمان سڃو جهڙالو هو، ڪا شيءَ نظر نه پئي آئي. اوچتو ڪرن کان نڪري جڏهن لنڊن کي ڏٺم ته جڙ نيٽ ٺري پيا ۽ روح کي راحت اچي ويئي. ڇا! ته ساوڪ هئي. يقين نه پئي آيو ته ائين هوندو. سڃو ملڪ ساوڪ ، حسين، دلڪش، سهڻا وڻ جن جو نه ڪٽندڙ سلسلو جنهن ۾ سڀ هڪجهڙا گهر ڳاڙهين سرن سان سهڻا، نقشي ۽ سليقي سان ٺهيل، ،مزو اچي ويو. سهڻي آواز ۾ اعلان ٻڌي خوشي ٿي ته لنڊن پهچي وياسين. ايٿرو ايئرپورٽ لنڊن شهر جي وچ ۾ آهي. پر گيٽ وڪ ڪافي پري آهي. جتان پهرئين ٽرين ذريعي شهر اچبو. اتان پوءِ ٽيوب رستي پنهنجي هوٽل اچڻو هو. لنڊن جو ريل سسٽم ۽ ٽيوب سسٽم ڏاڍو مزيدار آهي. خاص ڪري ٽيوب سسٽم هن کان اڳ هانگ ڪانگ ۽ ٽوڪيو جي ٽيوب ۾ سفر ڪري چڪو آهيان. پر لنڊن ۾ هي پهريون دفعو هو. پهريان ٻاهر سڃو نقشو دماغ ۾ ويهاري پوءِ ويسٽ ڪنگسٽن جي ٽڪيٽ ونڊي اچي هوٽل جي پرواري ٽيوب اسٽيشن تي لٿس. جتان هوٽل تمام

ويجهي هئي، هوٽل چا هت بنگلا ڪرائي تي ونبي، ماڻهو انهن کي هوٽل ڪري هلائين. اهو رواج پاڪستان ۾ ڪراچيءَ ۾ ڪونهي پر لاهور ۽ اسلام آباد اهڙن بنگلن ۾ قائم هوٽلن سان پريو پيو آهي. ان کي اسلام آباد لاهور ۾ چون گيسٽ هائوس. اسلام آباد ۾ پيپلز پارٽي جي مرڪز ۾ هئڻ ڪري اسلام آباد ۾ اهڙن گيسٽ هائوسن ۾ جڳهه ئي ڪانه ملندي آهي. جو ته سندّ مان پيپلز پارٽي جي حڪومت هئڻ ڪري سندّي ماڻهو تمام گهڻي تعداد ۾ اسلام آباد وڃن. ڪم ڪار ٿئي يا نه پر بهانو ڪم جو. به ٽي هفتا اسلام آباد ڪوهه مري گهميو اچن. جي هجي راءِ ونبِ ۾ اجتماع ته لاهور به ٿيو وڃن. مطلب ته پنجاب اچڻ جا سو بهانا نڪريو اچن. پر نواز شريف حڪومت سندّي ماڻهو اسلام آباد گهٽ وڃن ۽ گيسٽ هائوسن تي ايڏي رش به ڪانه ٿئي.

اسلام آباد جي گيسٽ هائوسن ۾ توهان کي صرف رسيپشن تي هڪ ڪال ڏيڻ سان هر شيءَ ملي ويندي. توهان چاهيو ته مجرو به ٽي سگهي ٿو. اها هتي ڪا وڏي ڳالهه ڪانهي. سيڪنڊن جو ڪم آهي. لنڊن ۾ پڻ اهڙن بنگلن نما گيسٽ هائوسن جي ڪا به ڪمي ڪانهي. هندستاني ۾ پاڪستانين جا اهڙا ڪوڙ گيسٽ هائوس آهن. جنهن ڪري ٻولي ۽ ڪاڏي جو ڪوبه مسئلو ڪونه ٿئي. انهن گيسٽ هائوسن جا مالڪ پاڪستاني ۽ هندستاني هئڻ ڪري توهان جي گهمڻ ۽ ٽئڪسي گهرائڻ ۾ ڪافي مدد ڪندا آهن. جنهن سان لنڊن گهمڻ ۽ ڏسڻ آسان ٿيو پوي. انهيءَ گيسٽ هائوس جو نالو الاظهر هو. سندس سنگل روم جي مسواڑ ويهه پائونڊ ورتائون. روم ۾ T.V فرج، فون ۽ اوون جي سهولت موجود هئي. آئون هوٽل تي پهتس ته گيسٽ هائوس جو مالڪ اڳ ۾ ئي منهنجي انتظار ۾ وينو هو. پاڻ هندستاني بوهري مسلمان هو. ڪيس ننڍي ڏاڙهي هئي. سندس گهرواريءَ به سندس مدد پئي ڪئي. پاڻ منهنجي پاسپورٽ چيڪ ڪري ضروري داخلائون ڪري موڪلائي ڏنائين. پر مون پاسپورٽ ۽ ڪرنسي ڪيس ڏني. جيڪا هن پئڪيٽ ۾ بند ڪري سيف ۾ رکي چڏي. هڪ ٻن ڏينهن ۾ اسان سان ڏاڍا فري ٿي ويا. ان حد تائين جو هن جي گهر واري جيڪا ننڍي نيٽي هئي، سا منهنجي ڪمري جي در تي اچي بيهي رهندي هئي. ڪيترو وقت پئي ڪچهري ڪندي هئي. مون حمزه خان کي چيو ته حمزه هي چا! ته پاڻ چيئن ته شايد تو تي دل ٿي وئي اٿس. پر مون انهيءَ رڪارڊ کي اڳتي ڪونه وڌايو. سندس نالو نسرين هو. ٺيڪ هئي. نظر جو چشمو پائيندي هئي. آئون اڪثر ڪيس چوندس هوس ته پنهنجي هٿن سان ڪافي ناهي اسان کي پيار. هوءَ چوڻ ۽ ڪرڻ تي ڏاڍي خوش ٿيندي هئي. پاڻ ڪيترا دفعا ائين ڪيئين. سند گهرواري فخرالدين جي سامهون اسان کي ڪافي ناهي ڏيندي هئي. انجا پئسا ڪڏهن به چارج نه ڪيئين.

اسان گيٽ وڪ کان (Victoria V_T) تائين ٽرين ۾ آياسين اهو سڄو علائقو سري وارو هو. جيڪو تمام خوبصورت علائقو آهي. هونئن به پهريون دفعو لنڊن ڏسي سنڈي چواڻي ته اسان جو ته وات ڦاٽي پيو. هوٽل فارملٽيز پوريون ڪري هوٽل جي مالڪ فخرالدين جيڪو مونکي ننڍي فرينچ ڪٽ ڏاڙهي ۽ پنهنجي مخصوص شخصيت ۽ ڳالهين جي ڪري هڪ سيڪنڊ هئنڊ انٽليڪچوئل لڳندو هو. تنهن کان ڪجهه پائونڊ ورتم ۽ ڪيس چيم ته مون وٽ صرف ڊالر ۽ ٽريولرس چيڪ آهن. تنهن ڪري ڪجهه پائونڊ ڏينئم ته سياڻي تائين ڪم هلايان پوءِ سياڻي ڪرنسي مٽائي توکي تنهنجا پائونڊ واپس ڪندس. آئون سڏو پنهنجي ڪمري پيڙو اچي ٽيس.

سفر جو ٽڪ لنڊن ڏسڻ ڪر ي صفا لهي ويو. پر تڏهن به چيلهه سڏي ڪرڻ واري عادت پوري ڪرڻ لاءِ ليٽي پيس. ڪجهه دير آرام ڪري اٽي لنڊن ۾ ڊاڪٽر خشڪ کي ۽ پاڪستان ۾ پنهنجي گهر فون ڪري ٻڌايم ته خيرن سان لنڊن پهچي ويو آهيان. پر ايجا لنڊنر ڪونه ٽيندو آهيان. "لنڊن جي رهاڪن کي لنڊنرس چئبو آهي،" وري سياڻي ڳالهه ٻولهه ٽيندي، مون پنهنجي هوٽل جي ائڊريس ۽ فون نمبر گهر ٻڌايو ڊاڪٽر خشڪ جي گهران ٻڌايائون ته اهو نمبر سندس سهري جي گهر جو آهي. سندس فون نمبر پڻ ٻڌايائون. مون فون ڪيو. ڊاڪٽر خشڪ پاڻ ڪنيو. حالي احوالي ٽياسين، ڊاڪٽر خشڪ سان منهنجي ملاقات نور احمد پليجي جي معرفت ٿي. اڪثر ٻني ۾ نور احمد وٽ ايندو رهندو هو. ساڻس ڪچهريون ۽ ملاقاتون ٻني ۾ ٽيندیون رهنديون هيون. پاڻ ٻئي ڏينهن اچڻ جو واعدو ڪئين. T.V ڪوليم ته هڪ چئنل تي (Aids) ايڊز جي باري ۾ پروگرام ٻارن جي لاءِ اچي رهيو هو. جنهن ۾ ٻارن کي ايڊز بيماريءَ جي باري ۾ هڪ ڊاڪٽرياڻي سمجهاڻي ڏيئي رهي هئي. ته ايڊز ڪئين ٿي ٿئي. جنهن ۾ ڪتي ۽ ڪتي کي لڳ ڪندي پئي ڏيکاريائون ۽ ٻارن کان ان بابت سوال پئي ڪيائون. ٻارن ڏاڍي معصوميت سان جواب پئي ڏنا. هڪ ٻار کان ڊاڪٽرياڻي پڇيو ته هي ڇا پيو ٿئي. ته ٻار جواب ڏنو مونکي خبر ڪانهي. انهي تي ڪجهه ٻار کلي پيا. پوءِ انهيءَ ڊاڪٽرياڻي انهي ننڍي ٻار کي ايڊز بيماريءَ ۽ لڳ جي باري ۾ تفصيلي سمجهايو. T.V جي ٻئي چئنل تي سڏي طر ح پارليامينٽ جو اجلاس پئي ڏيکاريائون. مزيدار ڳالهه ته هلندڙ اجلاس جي وچ ۾ ڪتو به وينو هو. ميمبر ڏاڍا گرما گرم بحث ڪري رهيا هئا. جيئڻ ته اڄ ڪنهن به دوست جي اچڻ جو پروگرام ڪونه هو. سو هوٽل کان ٻاهر نڪري ٿورو ڪاڏي جو ۽ ٻيو ضروري سامان ونڻي واپس هوٽل هليو آيس. گذريل رات جي ننڊ هئي. سو سوير ماني کائي سمهي پيس. صبح جو تيار ٿي نڪتس ته فون جي رنگ وڄي. ٻئي پاسي مسٽر گل سهتي ٿي ڳالهايو. پاڻ ٻڌايائين ته آئون توهان جي ڳوٺ، ٻنون ڳوٺ سڏار ڪنوينشن جي موقعي تي اچي چڪو آهيان. انڪانسواءِ خان محمد پنهور وٽ پڻ پنهنجي ملاقات ٽيل آهي. هاڻ پڻ توهان ڏانهن

اچي رهيا آهيون. مون چيو ته آهيون معنيٰ چيائين ته آهيون معنيٰ ٻيو حمزو پليجو، ساٽس ڳالهايو. حمزه خان چيو ته اسان توهان وٽ ٿوري دير ۾ ٿا پهچون پوءِ حال احوال روبرو ڪنداسين. حمزه خان وارا به پهچي ويا. حمزه خان چيو ته توهان ڳوٺ گڏيا. مون چيو ته گڏجي يورپ ، آمريڪا هلنداسين، پر توهان هليا آيا، مون سوچيو ته به ڇٽا هونداسين سفر ۾ اڪيلائي جو احساس ڪونه ٿيندو سون مون به دير ڪانه ڪئي. بن ڏينهن ۾ سڀ ويزائون لڳرائي اچي هت پهتس. مون پڇيو هت توهان کي هن هوٽل جو فون نمبر ڪنهن ڏنو. پاڻ چيائين ته پرواز واري خوبچند. ڳالهه سمجهه ۾ آئي ته واقعي مونکي پڻ هن هوٽل جي ائڊريس خوبچند وارن ڏني هئي. ۽ اتي پرواز ٽريول ايجنسي ۾ ڪو بوهري ملازم هو. تنهن اها ائڊريس ڏني. واقعي ڪمال ٿي ويو انهيءَ هوٽل ۾ جي نه رهان ها ته يورپ آمريڪا ۾ گڏجي نه گهمي سگهون ها. آئون اڪيلو ۽ تون به اڪيلو ائين واپس ڪراچيءَ ۾ اچي گڏجون ها. مون چيس ته مونکي ٻن ڏينهن کان پوءِ يورپ جي سفر تي وڃڻو آهي. تون هت اڪيلو بور ٿيندين. پاڻ چيائين ته نه. آئون پنهنجي بزنس پارٽنر سان گڏ انگلينڊ جي دوري تي هليو ويندس. تون يورپ مان موٽي ايندين پوءِ گڏجي آمريڪا هلنداسين. گپ شپ هلندي رهي. تيستائين گل ماني پئڪ ڪرائي آيو. ۽ اها ڪائڻ لڳاسين ماني ايتري ته گهٽي هئي جو ڪافي بچي پئي. هڪ نئين قسم جو ڊش ڏٺم جيڪو سڄي زندگيءَ ۾ نه ڏٺم نه ڪاڌم. گوشت پڪل چپس وانگر بلڪل سنهون ۽ ڏاڍو مزيدار هت يورپ ۾ عام ملي ۽ ماڻهو ڏاڍي شوق سان ڪائين. گل ٻڌايو ته هي اصل يوناني ڊش آهي ۽ استاد سقراط جي پسنديده ڊش هئي. ۽ ريڊ جي گوشت مان ٺهي. منجهس مرچ به ڪافي پيل هئا. جنهن ڪري ايجا به وڌيڪ لذيذ ٿي لڳو. اڄ ڪلهه ڪلفٽن بوٽ بيسن (Boat Basin) تي هڪ جڳهه تي اهڙو گوشت پڪل ڏٺم . وٺي ڪاڌم پر اها ٽيسٽ بلڪل ڪانه هئي. هونئن به يورپ آمريڪا ۽ جپان ۾ ڪاڌي ڪائڻ ۾ ڏاڍو مزو ۽ چاشني هوندي آهي. شايد ان جو سبب اهو آهي ته اتي ڪنهن به شئي ۾ ملاوٽ ناممڪن آهي. جنهن ڪري هر شي سواءِ ملاوٽ ڪري لذيذ هوندي آهي. ڪائڻ مان اصل ماڻهو ڊاپجندو ئي ڪونهي. ڪاڌي ڪانسواءِ فروٽ سبزيون ۽ ٻين ملڪن جا ڪاڌا پڻ ڏاڍا لذيذ ٿين. لنڊن جي هن ٽوئر کان پوءِ لنڊن ائين اچڻ ٿيندو رهندو آهي. هڪ دفعي آئون فيملييءَ سان هت آيس هڪ ڇانهين ورتي سين. اڏ ڪاڌي سين اڏ اتي ڇڏي يورپ گهمڻ ويا سين. پندرهن ڏينهن ڪانپوءِ يورپ گهمي وري اچي اها اڏ بچيل ڇانهين ڪاڌي سين. بلڪل خراب ڪانه ٿي ۽ لذت پڻ ساڳئي هئي. جهڙي تازي ڇڏي وياسين. تهڙي تازي رکي هئي. سڄي پاڻي مان پئي ٽمي خاص ڳالهه ته اسان فرج ۾ نه پر باهر پليٽ ۾ ئي ڇڏي وياسين.

حمزه خان جو گل سهتي وارن سان سنو دوستيءَ جو واسطو هو ۽ گل ڪافي ڏينهن کان لنڊن ۾ ترسيل هو. سو پاڻ ۾ ڪچهري ۾ لڳي ويا. ٿوري دير کان پوءِ ڊاڪٽر خشڪ پڻ آيو. گل سهتو ۽ ڊاڪٽر خشڪ

جي پاڻ ۾ اڳ ۾ ئي واقفيت هئي. ڊاڪٽر ۽ سهتي پاڻ ۾ پروگرام ناهيو ته هڪ ڏينهن تون هنن کي گهمائيندين ته وري ٻئي ڏينهن آئون. ائين ڇئي سهتي اسان کان ٻئي ڏينهن اڇڻ جو واعدو ڪري موڪلايو. ڊاڪٽر خشڪ اسان کي ٻاهر گهمائڻ لاءِ وٺي ويو.

پهرئين جڏهن ٽيوب ۾ اڪيلو V.T (Victoria) کان هت ويسٽ ڪنگسٽن ٽيوب، اسٽيشن پهتو هوس ته لنڊن ۾ اهو ٽيوب جو پهريون تجربو هو. پر هاڻ اسان ٽي ڇٽا يعني حمزه خان، ڊاڪٽر خشڪ ۽ آئون سو ٽيوب ۾ گهمندي ٽيوب جو سهڻيون، سنيون اسٽيشنون ڏسندي مزو پئي آيو. واقعي دنيا جي وڏي شهرن جي ترقيءَ جو راز ئي اتي جو اندر گرائونڊ سسٽم آهي. هڪ جڳهه کان ٻي جڳهه تمام آساني سان جلد پهچيو ويجي. پنهنجي وڏن شهرن ڪراچي. لاهور ۾ ماڻهن کي هڪ جڳهه کان ٻي جڳهه تائين ويندي ٽرئفڪ جي ڪري ڪلاڪن جا ڪلاڪ لڳيو وڃن. ۽ ايڪسيڊنٽ جدا، تازو سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس وجيهه الدين ٽرئفڪ جي پوليس کي گهرائي تنبيهه ڪئي ته ڪراچي جي ماڻهن جي سڄي زندگي ائين روڊن تي گاڏين جي بيهڻ سان گذري ويندي. توهان انهيءَ کي آسان ڪريو. ته ماڻهو جلدي پنهنجي منزل تي پهچي سگهن، پر ويچاري چيف جسٽس کي اها خبر ڪانه هئي ته اهو ٽرئفڪ پوليس جي وس ۾ ئي ڪونهي. ته هيڏي ساري ٽرئفڪ کي هو ڪنٽرول ڪري سگهن. اسان ته انگريزن جي نهيل ٽرام سسٽم کي ئي بند ڪري ڇڏيو. جڏهن ته يورپ خاص ڪري هالينڊ ۾ اهو ٽرام سسٽم تمام گهڻو آهي.

اسان ته ڪراچي سرڪيولر ريلوي کي تقريبن بند ڪري صرف ڪراچيءَ جي فقيرن جي حوالي ڪري ڇڏيو آهي. جتي هاڻ ٽڪيٽ تي لکيل هوندو آهي ته ڪراچي سرڪيولر جي پاس فقيرن لاءِ نه آهي. دنيا جي وڏن شهرن ۾ ماڻهو ڪارن ۾ صرف موڪل وارن ڏينهن ۾ چڙهن ٻاهر پڪنڪ لاءِ وڃن. نه ته توهان ڏسندا ته گهرن جي اڳيان ڪارن جون لائينون لڳيون پيون آهن. ماڻهو ٽيوب ذريعي آفيس ايئرپورٽن ۽ سرڪاري ۽ خانگي نوڪرين ۾ گهمڻ ڦرڻ وڃن. سو اسان به ڊاڪٽر خشڪ جي سربراهي ۾ ته رڪني وفد جي صورت ۾ ويسٽ ڪنگسٽن جي ٽيوب اسٽيشن تي پهچي، هڪ ڏينهن جي ٽڪيٽ ونڊي اچي ٽيوب پيڙا ٽياسين. توهان ڏسندا ته ٽيوب اسٽيشن تي گهٽي رش آهي ۽ اندر ڏاڍو وڪوڙهوندو. پر جڏهن آٽوميٽڪ در کلندو ۽ توهان اندر گهڙندا ته توهان کي عجب ٽيندو جيڪو ماڻهو جت سو تت وينو يا بينو هوندو آهي. چرندو به ڪونه، جي ڪو ٽيوب ۾ اخبار پڙهندو ته ان اخبار جي پني اٽلائڻ جو آواز به توهان پري تائين ٻڌي سگهندا. مجال جو ڪو پاڻ ۾ ڳالهائي يا گوڙ ڪري، پهرئين ڏاڍو عجب ٽيندو هو. پر پوءِ اسان به هري وياسين. صاف اڏ انگريز ٽي وياسين. حمزه خان چوندو هو ته يار هي ماڻهو ته صفا بت بڻيو بينا آهن. چرن ڦرن به ڪونه ٽا، ڪٽي سڄي پڄي مورتي يا بت

ڏسندو هو ته چوندو هو ته بتن ۾ انسانن ۾ ڪو به فرق نظر نه ٿو اچي. جهڙا بت تهڙا ماڻهو. ٽيوب جي ٽڪيٽ جا به ڪيترائي قسم ٿين. هڪ دفعي لاءِ هڪ ڏينهن لاءِ هڪ هفتي لاءِ اهي ٽيوب ۾ ترين ٻنهي ۾ ڪم اچن.

جتي وڻي اتي چڙهو. ان کانسواءِ سڄي يورپ ۾ به ريل لاءِ توهان کي ٽڪيٽ ملن. سڄي يورپ مان جتان ڪپين اتان ونو. ۾ پڻ ٽين به سستا، جنهن کي چون "يورو ريل." لنڊن ۾ هي ٽيوب صبح جو ڇهين وڳي شروع ٿئي ۽ رات جو ختم ٿئي. اهڙو سٺو انتظام جو هڪ کان استيشنون جنهن ۾ ڪيترن ئي قسمن جون ائڊورٽائيز ڪٿي فقير به نظر ايندا هئا. جن جو انداز ئي پنهنجو. اهي ٽيوب ۾ گٽار يا ٻئي ساز وڄائيندا رهندا. ماڻهو انهن جي اڳيان سڪا اڇلائيندا ويندا هئا.

اسان جو لنڊن ۾ هميشہ جو ميزبان پوراني چوندو هو ته هي فقير به برٽش گورنمينٽ جا جاسوس آهن. لنڊن، آئرش ڏماڪن کان پوءِ سڄي لنڊن ۾ ڪنهن نه ڪنهن روپ ۾ هر هنڌ توهان کي نظر ايندا. مونکي ڏيکاريائين ته ڪيترين وڏين جڳهين تي حڪومت ليزر ڪئميرائون هڻي ڇڏيون آهن، جن وسيلي بم يا ڏڪامیدار مادو گاڏي اندر به نظر ايندو. ٽيوب استيشن ۾ ٽيوب اندر داخل ٿيڻ لاءِ تيزائي يا ڦڙتيءِ جي ضرورت گهرجي. پهرئين ٽڪيٽ ونبو پوءِ ٽڪيٽ ننڍي ڪٻٽ ۾ لڳل هڪ سوراخ ۾ وجهو ته گيٽ کلي پوي. پوءِ اندر داخل ٿي ويجو. پٽيان در يڪدم بند ٿي ويندو. ۾ پوءِ ايندڙ مسافر پڻ ائين ڪندو ۾ سڄو ڏينهن ائين ٿيندو رهندو آهي. هر ٽيوب استيشن تي اچڻ ويڻ لاءِ ايترا در ٿين جو هزارين دفعا پيا کلن ۾ بند ٿين. ماڻهو ٽکن ئي ڪونہ، ڪا معمولي غلطي ٿئي ته پرسان بينل ٽيوب جو عملو پهچي ويندو. ۾ توهان جو مسئلو حل ٿي ويندو. صبح ۾ شام جي وقت ۾ موڪلن جي ڏينهن ۾ ڏاڍي رش ٿيندي آهي.

اسان ٽرافگر اسڪوائر ٽيوب استيشن تي اچي پهتاسين جتي ڪبوتر ۾ ماڻهن جي رش لڳي پئي هئي. هر ماڻهو ڪبوترن کي چان کارائي ساڻن گڏ فوٽو ڪيڙائڻ ۾ لڳو پيو هو. يا وري اتي رکيل تمام وڏن شينهن تي چڙهي فوٽو ڪيڙائي پنهنجو شوق پورو ڪري رهيو هو. ٽرافگر اسڪوائر تي شام جو تمام گهٽي رش آهي. هتي سنڌ کي فتح ڪندڙ انگريز سر چارلس نپيئر جو مجسمو به حڪومت نه پر سندس دوست ڦوڙي ڪري لڳرائي ڇڏيو هو.

مون پنهنجي پٽ نور محمد کي چيو ته هن وڏو اسان مٿان ظلم ڪيو ۾ سنڌ کي غلام بڻائي ڇڏيو ته پاڻ مونکي چيائين ته بابا ائين نه آهي پر هن ماڻهو پاڻ اسان کي غلاميءَ مان نجات ڏياري دنيا جي جديد قومن جي صف ۾ بيهاري ڇڏيو. جي انگريز ائين نه ڪن ها ته سنڌي ماڻهو شايد ميراٽي راج ۾ اتي ئي بينا هجن ها. نئين نسل جي پنهنجي سوچ آهي. واقعي ڪي ڳالهيون عجب هونديون آهن،

توهان ڪميونزم کي ڏسو سڄي دنيا کي هن نظريي جهنجوڙي رکي ڇڏيو. ڪيترائي ملڪ ڇا پر اڄ دنيا هن نظام هيٺ اچي وئي ۽ مني صديءَ تائين پنهنجي لاءِ نجات ڄاڻي هن کي پنهنجو بڻايو. لک نہ پر هن نظريي جي جدوجهد ۾ ڪروڙين ماڻهو ڪسجي ويا. سنڌ جي عظيم شاعر شيخ اياز چيو آهي ته "ڳاڙها جهنڊا ڦڙڪن ٿا ۽ لاش هوا ۾ لڙڪن ٿا، ڪو ڪيئن نہ ڏوڙي مقتل ڏي آرت ۾ خوشبو ميندي جي." پر اڄ اهو نظام رڳو ڏاڙهي واري ڪاسترو تائين محدود ٿي ويو آهي. ۽ هاڻي جا اهي ڪروڙين ماڻهو چريا هئا. نہ ائين نڪو چئي سگهجي. پر شايد هر ڳالهہ جو هڪ وقت آهي. سو چارلس جي مجسمي جي هينان ۽ شينهن جي مٿان فوٽو ڪيرائي پوءِ سينٽ جيمس پارڪ، گارڊ ميوزم، بڪنگهم پيلس، پڪئڊلي سرڪس، سيڪس شاپس (هي بہ ڪم لڳا پيا هئا) جا چڪر هڻي اچي ويسٽ منسٽر ايبي (جيڪا ٽيمس نديءَ جي ويجهو آهي) تي پهتاسين.

ويسٽ منسٽر ايبي جي بلڊنگ ٻاهران سڄي جئپور جي هندستاني پٿر جي ٺهيل آهي. هي عمارت اندران ۽ ٻاهران بيمثال شاهڪار آهي. توهان پارليامينٽ جي اجلاس B.B.C تي وي تان يا خاص ڪري ليڊي ڊائنا جي مرڻ واري رسومات ۾ هن عمارت ۾ چگهي طرح ڏٺو هوندو. هتي هندستاني پٿر جا واپاري انگريزن کي پٿر وڪڻڻ تي مثال ڏين تہ اسان وٽ اهڙو سهڻو پٿر آهي، جهڙو ويسٽ منسٽر ابي تي لڳل آهي. اهو بہ تہ جئپور هندستان مان آيو آهي. انگريزن کي تعجب ٿئي تہ ڇا واقعي ئي اهو جئپور جو پٿر آهي ۽ پوءِ اهي وڏي شوق سان هندستان مان پٿر گهرائين. اسان پنڌ ئي پنڌ ٽيمس ندي جي ڪلڻ ۽ بند ٽيڻ واري انهيءَ پل جي اڳيان اچي بيهي رهياسين. جيڪا ڪيترين ئي انگريزي فلمن ۾ ڏيکاريل هئي، خاص ڪري جيمس بانڊ سيريز جي هڪ فلم ، جنهن ۾ هيرو جي ڪار تہ پل ڪلڻ کان اڳ نڪري ويندي آهي. پنيان ولين ۽ انهيءَ جي دوستن جي ڪار رهجي ويندي آهي. يورپ ۾ ندين ننڍين ٽيندين آهن ۽ تيز وهندين آهن.

ٽيمس ندي درياءَ سنڌ جي ڏهين حصي کان بہ ننڍي هئي. اسان گهمندا ڦرندا اچي هوٽل پيڙا ٽياسين. ڊاڪٽر خشڪ اسان کي موڪلائي گهر روانو ٿي ويو ۽ ٻئي ڏينهن اچڻ جو واعدو ڪيائين.

آئون پاڪستان ۾ حمزه خان ۽ ٻين دوستن کي چوندو آهيان تہ عياشي ۽ بدمعاشي، آفٽر سن سيٽ، لنڊن ۾ جولاءِ ۾ سڄ لهي رات جو سوائي ڏهين بجي ۽ سڄ صبح جو اپري چئين بجي سو حمزه خان جي ڪليو تہ هاڻ لنڊن ۾ بہ "آفٽر سن سيٽ" وينو سڄ لهڻ جو انتظار ڪر. مون چيو تہ اها تہ سخت بي واجبي ٽيندي. چيائين تہ پوءِ اها پابندي پاڪستان ۾ بہ ختم. ڪل، پوڳ ، مسخري پنهنجي ملڪ ۽ لنڊن جون مشابهتون ڪندي رات گذري وئي. ٻاهر سنهي سنهي بوند پئجي رهي هئي پر تڏهن بہ ٻاهر نڪري هوٽل تي ماني کائڻ جو پروگرام ناهيوسين. پنڌ ئي پنڌ ٽيوب استيشن جي پرسان هڪ

پاڪستاني جي هوٽل تي اچي ماني کاڏي سين. ماني ڏاڍي مزيدار هئي، پر هوٽل جو نالو به ڏاڍو مزيدار هو. اسان پڇيس ته توهان ڪير آهيو. چيائين ته اسان پاڪستان جا پنجابي آهيون. مون پڇيس ته الحمدالله پاڪستان ۾ اسلام جو نيڪو سڃو توهان وٽ آهي، ڪجھ وقت اڳ ۾ مهاجر به توهان سان شامل هئا، پر هينئر نه. پوءِ هتي مسلمان ۽ پاڪستاني هوندي به هي "مها پارت" هوٽل جو نالو؟ ڏٺم ته همراهه کي ڳالھ وٽي ڪاڻ. پوءِ گھٽو وقت لنڊن ۾ رهڻ ڪري معلوم ٿيو ته نه رڳو پنجابي پاڪستاني آهي، پر لنڊن ۾ (نواز) مسلم ليگ جو سرگرم ڪارڪن پڻ آهي.

بهرحال جيڪا قوم ڪعبته الله تي گوليون هڻي سگھي ٿي، تنهن لاءِ اها ڪهڙي ڳالھ اهي. اسان خيرن سان ماني کائي اچي ڪمري پيڙا ٿياسن. بک ۽ ننڊ لنڊن ۾ ماڻھن کي ڳولينديو وتي، ڇو ته لنڊن ۾ رهندڙ سمهن ۽ کائين گھٽ. سو اهي ڪسرون سنڊي سڀاجھڙن مان ئي نڪتيون. اسان به موقعو ڪونه ضايع ڪيو. صبح سويرا ڪ ڪلي ۽ باٿ روم لاءِ باهر ويس. آئون اڳ سنگل روم ۾ رهيل هوس، پر جڏهن کان حمزه خان آيو هو تڏهن کان اسان ڊبل روم ورتو. ڏاڍو خوبصورت ويل ڊيڪوريٽ هو. پر اتيج باٿ روم نه هئس. سو اسان کي باهر ويڙهو ٿي پيو. ڏٺم ته باهر ڪلھ جي مقابلي ۾ اڄ هوٽل ۾ وڏيڪ رش هئي، سو معلوم ٿيو ته رشيا مان ڪو ڊيليگيشن آيو هو. جيڪو هت اچي ترسيو هو. اسان تيار ٿي ناشتو ڪري گل سھتو کي فون ڪيو ته معلوم ٿيو ته هو اسان ڏانهن اچي رهيو آهي. تيسين اسان پاڪستان فون ڪري خيريت معلوم ڪئي. گل سھتي جي پھچڻ سان اسان لنڊن سٽي ٽوئر وارن جي ڇت ڪليل بس تي چڙهي ويناسين ۽ لنڊن جون مشهور جايون جنهن ۾ 1_ لنڊن يونيورسٽي 2_ رسل اسڪوائر 3_ سائوٿ ڪينسنگٽن 4_ وڪٽوريا البرٽ ميوزم 5_ نيچرل هسٽري ميوزم جي بلڊنگ ڏاڍي سٺي هئي. 6_ آغا خانين جو جماعت خانو جنهن جو نالو "زمانا" 7_ ڪوئسن گيٽ ايريا. لنڊن ۾ گھٽو ڪري سفارت خانان هت آهن. 8_ بالڊن پاول هال – الطاف حسين مهاجرن کي هن هال ۾ خطاب ڪندو آهي. ۽ ليڪچر پڻ ڏيندو آهي. B.B.C جي اولڊ بلڊنگ. پوءِ نائيٽس برج جي علائقي ۾ پب ۾ ويهي بيئر پيتيسين. پب مخفف آهي پبلڪ بار (Public Bar) جو پب انگريزن جي ثقافت جو اهڃاڻ آهي. پب توهان کي انگلينڊ جي وڏن شهرن کان سواءِ ننڍين ڳوٺن ۾ به ملندا. انگريزن جي ڪچهري مارڪي جي جڳھ پب آهي. امير ترين انگريزن کان وٽي غريب ۾ غريب انگريز پب ۾ وڏي چاهه سان وجن. ڪن پبن ۾ ڊانس پڻ ٿئي ۽ ڪن ڪن ۾ ته بلڪل ننگي، هر پب ۾ نشو هوندو آهي. پر پب ۾ وڏن وڏن گلاسن ۾ بيئر وجهي پيئڻ جو هڪ جدا لطف آهي. ڪائونٽر تي پيل وڏن استولن تي ويهي ڊگھا ۽ ٽلها انگريز سگار جا ڪش هڻندي ڏاڍا پروقار لڳندا آهن. واقعي پب ۾ انهن وڏن استولن تي بيئر پيئڻ جو مزو ئي پنهنجو آهي. اسان ڪلاڪ ڏيڍ ڪن پب ۾ ويناسين پوءِ آمريڪن

چين آف هوٽل K.F.C تي (اها ۾ ميڪ ڊونلڊ هاڻ ڪراچيءَ ۾ شروع ٿي وئي آهي.) اچي ماني کاڏي سين.

انهي کان پوءِ نائيٽس برج تي دودي الفائيد جي لنڊن جي مشهور سپر مارڪيٽ هيرڊ سپيڙا اچي ٽپاسين. لنڊن اچجي ۾ هيرڊس سپر مارڪيٽ نہ ويجي. اهو ٿي ڪونہ ٿو سگهي. جيتوڻيڪ لنڊن ۾ هن ڪانسواءِ ٻيون سپر مارڪيٽون بہ آهن. پر جيڪا نفاست ۾ اندر اچڻ شرط حسين نوجوان چوڪريون، اندر اچڻ وارن جو جنهن طريقي سان استقبال ڪن ٿيون. تنهن جو مزو ئي ٻيو آهي. حسين ترين عورتون سڌا سينٽ عطر عنبير هٿن ۾ جهليو بينيون آهن. سيني کي نہ پر ڪنهن ڪنهن کي ڦريو اچن ۾ اهڙي انداز سان ملن، سينٽ هٽن ۾ ڳالهائين جو جهڙوڪر حور پريون. ٻيو جنهن سڌي نموني سان هن مصريءَ جي دڪان سينگاريو ۾ سجايو آهي. سو ڏسڻ سان اکيون ٺريو پون. هڪ هڪ ساڙهي ڪروڙ روپين جي هوندي. پراٽين مصري مورتين جي استائل تي عورتن جا مجسما ۾ خوبصورت فانوس، هر شيءَ سليقي سان سجايل هئي. هر شيءَ توهان کي هت ملي يا توهان کي پهچائي ويندا. صرف آچر (Sunday) کانسواءِ ٻئي ڪنهن بہ ڏينهن تي هن نمبر تي 081_) (4795100 فون ڪري پنهنجو ڪريڊٽ ڪارڊ يا چيڪ ڪارڊ جو نمبر ڏيو. ۾ ان جي (Expiry Date) بہ لکڻ ضروري آهي. توهان لنڊن ۾ هجو يا دنيا جي ڪنهن بہ شيءَ جت موڪلڻ جهڙي هوندي اتي موڪلڻ واري خرچ سميت توهان کي پهچي ويندي.

(HARRODS) هيرڊس 1834ع هڪ ننڍي دڪانڙي جي صورت ۾ هينري چارلس هيرڊس شروع ڪيو اڄ سڄي برٽن ۾ وڏي ۾ وڏو دڪان آهي. جنهن جا ڏهہ فلور آهن. هر فلور پنجويهہ ايڪڙن جيترو ويڪرو آهي. جنهن ۾ پنجاهہ لفٽون، چٽيهہ آٽوميٽڪ سيڙهيون ۾ چار هزار ملازم آهن. 1996ع ۾ 459 ملين پائونڊن جو رڪارڊ وڪرو ٿيو (Guinnes Book of Record 1988 page117) جيڪو لنڊن ۾ ٻئي ڪنهن بہ سپر مارڪيٽ جو وڪرو ڪونہ ٿيو.

توهان هيرڊس انٽر نيٽ تي ڏسي، گهمي ۾ خريداري پڻ ڪري سگهو ٿا. آئون ڪيترا ڀيرا لنڊن آيس ۾ ڪوشش ڪيم تہ اهي شيون ونان ۾ ڪاوان ، جيڪي پاڪستان ۾ عام طرح سان نہ ٿيون ملن پر هت هيرڊس مان آسانيءَ سان ملي سگهن. مثلا ڦاڙهي، ڊيل، مور ۾ ڪونج جو گوشت. آئون اچڻ شرط آرڊر ڏيئي ڇڏيان ۾ پنهنجي رهائش تي ڏاڍي شوق سان پچائي کاوان.

دودي الفائيد ۾ ليڊي ڊائنا جي مرڻ کان پوءِ تہ هي دڪان ڏاڍو مشهور ٿيو. هنن جا انهيءَ کان سواءِ انگلينڊ ۾ ڪافي ٻيا ڏنڊا پڻ هئا. پئرس ۾ پڻ هوٽلون اٽن. هنن جو مامو عدنان خشو گي جيڪو

آمريڪا ۾ رهي ۽ دنيا ۾ هٿيارن جو وڏو واپاري آهي. هڪ دفعو دنيا جو پهريون نمبر امير ترين ماڻهو پڻ قرار ڏنو ويو هو.

اسان هيربرٽ سپنسر کان چڪر لڳائي پوءِ ريجنينٽ اسٽريٽ، آڪسفورڊ اسٽريٽ ۽ چائنا ٽائون جا چڪر هٽندا اچي سوهو پيڙا ٽياسين. سوهو ۾ سيڪس مارڪيٽون سيڪس شو ۽ ٻيا پڻ گهٽا ڪم ٿين.

پاڪستان ۾ شهيد ٿيڻ انهن تي بندش وڌي. شراب تي پڻ بندش وڌي. جيڪا ضياءُ الحق ختم ڪري ڇڏي. پوءِ پاڪستان ۾ صرف گتا کلڻ جي اجازت ملي نه ته اڳ ۾ ٻارون پڻ هيون.

سوهو جا چڪر هٽندي رات جو تقريبن ٻارهين وڳين گل اسان کي اچي اسان جي هوٽل پيڙو ڪيو. اسان دستور مطابق ڪجهه دير ڪچهري ڪئي. پوءِ ٻاهر وڃي ڪلهه رات واري ساڳئي هوٽل يعني مهاپارت تي ماني کاڏي سين.

لنڊن جي نائيٽ لائيف کي اسان ايجا Enjoy ڪونہ ڪيو هو. صرف ڏينهن جو ڏکا ٿاڻا کايو اچيو سمهيو رهياسين. صبح جو حمزه خان ستو پيو هو. ٻاهر سنهي سنهي بوند وسي رهي هئي. مون ڪافي پيتي ۽ ڊائري لکيم. پاڪستان فون ڪر ي حال احوال ورتم. تقريبن ٻارهين بجي ڊاڪٽر مقبول خشڪ آيو. ساڻس گڏ ٻيو سنڌي ڊاڪٽر شيخ هو. جيڪو هت نوڪري ڪندو هو. ڊاڪٽر شيخ پڻ گڏ هليو. گل سهتو ڊاڪٽر مقبول خشڪ پوراني ۽ ڪنهن حد تائين هوٽل جو مالڪ فخرالدين ۽ سندس زال نسرين اسان لاءِ رحمت جا فرشتا ثابت ٿيا. پنهنجو وقت ضايع ڪري اسان کي مفت ۾ سڄو لنڊن گهمايو ڦيرايو. هنن اسان تي پئسا پڻ خرچ ڪيا. اڄ آچر (Sunday) جو ڏينهن هو. اسان پهرئين هائيڊ پارڪ آياسين. آچر جي ڏينهن هائيڊ پارڪ ۾ ڏاڍو مزو ٿئي. جنهن کي ڪپي سو اسٽول يا ڪرسي رکيو تقرير شروع ڪيو ٻينو آهي. پوءِ پلي اڳيان ماڻهو هجن يا نه، پر چڪ قصي کي، هڪ نه پر ڪيترائي ماڻهو جنهن ۾ عرب ايراني فلسطيني، يهودي، انگريز ڪميونسٽ، سوشلسٽ ۽ دهريا سڀ ڪنهن کي مڪمل آزادي آهي. انهن کي حفاظت لاءِ جام پوليس، جهن کي جيئن وڻي تيئن ڳالهائين. "نڪا جهل نڪا پل سيڪو پسي پرين کي" جيڪو لنڊن وڃي سو آچر جي ڏينهن هائيڊ پارڪ ضرور وڃي. ڏاڍو مزو ايندس تقريرن کان سواءِ پمفليٽ ۽ فوٽو ڪاپيءَ تي لکيل نصيحتون ۽ قول، کي کي مقرر ته مون وانگر مڙئي وٺ رينگٽ کي. پر کي ڏاڍا هوشيار، ذهين ۽ زبردست مقرر هئا. ڪن تقرير ڪندڙ ماڻهن کي ٻيا خطاب ڪن. هر مقرر جي تقرير ختم ٿيڻ شرط سوالن جوابن جو سلسلو شروع. سوالن جوابن جو سلسلو ٻہ ڪلاڪن جا ڪلاڪ هلي. سوال جواب دوران ڪجهه

تلخي بہ ٿيو وڃي. ڪجھ سخت قسم جا گفتا بہ نڪريو وڃن، گھٽو ڪري مون ڏانو تہ پوڙھن انگريزن کي اھڙن ماڻھن تي ڏاڍي چڙ ٿي آئي. ھائيڊ پارڪ شايد لنڊن جو وڏو پارڪ آھي.

ھڪ پاسي ھزارين ماڻھو بينا ھجن پر ٻئي طرف محسوس ٿيندو تہ ماڻھو ئي ڪونھي. آڇر تي ھت گھٽي رش ٿئي. پرسان ٽيوب استيشن، ھڪڙا ماڻھو پيا اچن تہ ٻيا ماڻھو پيا وڃن. ٽائيم گذرندي دير ئي نہ ٿي. اسان بہ تقريرون ٻڌي ٻڌي شام ڪري چڏي. اڄ پڪو پروگرام ھو تہ ڪنھن نائيٽ ڪلب ۾ گھٽي دير تائين زبردست ھل ھنگامو ڪجي. ڊاڪٽر خشڪ کي عرض ڪيوسين تہ ڪنھن سني نائيٽ ڪلب ۾ ونڃي ھل. چيائين تہ يار اڄ (Sunday) آڇر آھي. تنھنڪري تمام گھٽي رش ھوندي. ڪنھن ٻئي ڏينھن جو پروگرام رکو. اسان چيس تہ ٻئي ڏينھن تي ماڻھو آساني سان اچي سگھي ٿو. پر آڇر وري ملي يا نہ. ڇو تہ سياٽي سوبر آئون يورپ جي ٽوئر تي ھليو ويندس. حمزہ خان پنھنجي دوستن سان اسڪاٽ لينڊ ھليو ويندو ۽ وري سڀ دوست ھڪ ھنڌ گڏجون يا نہ. توھان جو دوست ڊاڪٽر شيخ پڻ اڄ آھي. شايد ٻئي دفعي نہ ھجي. سو ھل ھنگامون اڄ ٿيڻ گھرجي. پر مون محسوس ڪيو تہ ڊاڪٽر خشڪ الائي ڇو پئي لنوايو. پر نيٽ راضي ٿيو. اسان ٽئڪسي ڪري ھڪ نائيٽ ڪلب جي اڳيان اچي بيناسين. پاسي ۾ ڪافي ٻيا بہ نائيٽ ڪلب ھئا. جن جي روشنين ۾ لنڊن جو شھر جڳ سومل ڇپر ڪٽ تي ستي پئي ھئي. ڪئين جوڙا پاڪرن ۾ مدھوش. ھڪ ٻئي کي چٽي ۽ چمي رھيا ھئا. (Sunday) آڇر جي ڪري ڪلب ٻاھران تمام گھٽي رش ھئي، ٽڪيٽ لاءِ وڏيون وڏيون لائينون لڳيون پيون ھيون. اسان ڏانو تہ ڪيترا ماڻھو نشي ۾ ڌت ھئا. پر تڏھن بہ بينا لائين ۾ ھئا.

ھت ٽيوب ھجي يا ريل، ڪائڊ جي ڪا شيءَ ونڊي ھجي يا سئنيما ٽڪيٽ. پر اڄ بہ لائين ۾ ۽ پنھنجي لائين ۾ بيھو. آھستي آھستي ھلبو ڪٽي ڇا بہ ٿي پوي. پر لائين ڪان سواءِ ٽڪيٽ تہ نھيو پر ٽڪيٽ تي وينل مرد يا عورت توھان جيڪڏھن لائين ٽوڙي انھيءَ وٽ وڃو تہ ھو توھان سان ڳالھائڊ لاءِ بہ تيار نہ ھوندا. ۽ اھو ھر ڪنھن کي ڏاڍو برو محسوس ٿيندو. ۽ خود پاڻ کي بہ اھڙو برو محسوس ٿيندو جو توھان بنا ڳالھائڊ جي وري چپ چاپ وڃي لائين پيڙا ٿيندا. سو اسان بہ سڀ ھڪ وڏي لائين ۾ وڃي بيناسين. پنھنجي واري اچڻ تي ٽڪيٽ ونڊي وڃي نائيٽ ڪلب پيڙا ٿياسين. پھرئين سڃي نائيٽ ڪلب جو جائزو ورتو سين. لائيٽن جا جھرمٽ لڳا پيا ھئا. ڪافي انڊين جوڙا ڊانس ڪري رھيا ھئا. مونکي ڊاڪٽر شيخ چيو تہ ڊانس ڪجي. مون چيو بلڪل ائين اسان ٻئي ڊانس فلور تي ڊانس ۾ شروع ڪي وياسين. ٿوري دير ۾ ڊاڪٽر شيخ کي پنھنجو پارٽنر ملي ويو. اھا ھڪ انگريز عورت ھئي. ڪافي دير کان پوءِ مٿان بالڪونيءَ ۾ ڏٺم تہ حمزہ خان ۽ ڊاڪٽر خشڪ پاڻ ۾ ڳالھائي رھيا آھن. سڃي رات ھل ھنگامو ڪيو سين. رات جي پوئين پھر ٽئڪسي ڪري اچي ھوٽل پيڙا ٿياسين. صبح جو سوبر

سار ٿي. مونکي يورپ جي ٽوئر تي وڃڻو هو. فخرالدين هوٽل جي مالڪ کي ٽئڪسي لاءِ فون ڪيم جنهن ٽئڪسي گهرائي. آئون ناشتو ڪري بيلجم، هالينڊ، جرمني ۽ لگزمبرگ جي ٽوئر تي وڃڻ لاءِ ٽئڪسي ۾ ويهي ڪاسموس وارن جي آفيس لاءِ روانو ٿي ويس. لنڊن ۾ ڪار ٽئڪسي ٻن قسمن ۾ ورهايل آهي. هڪ کي چون ٻيلو ڪيب ۽ ٻيو انگريزن وارو پراڻو ٽئڪسي ماڊل ٿهيل اڄ به انهيءَ پراڻي استائل سان ٽئڪسي ٿهيل جيڪا اوائلي دور ۾ لنڊن ۾ هلندي هئي. يعني ڪاري ٽئڪسي اڇيان صرف ڊرائيور ويهي. ٻئي ماڻهو جي ويهڻ لاءِ اڇيان جڳهه ئي ٿهيل نه آهي. پٽيان گول دائري ۾ چار ماڻهو ويهن. وچ ۾ شيشي جي دري جنهن کي انگريز ڊرائيور بوقت ضرورت کولي ۽ بند ڪري، سامان به مسافرن جي وچ ۾رکيو وڃي. انهيءَ ٽئڪسي جا هلائيندڙ گهڻو ڪري انگريز جيڪي چپ چاپ وينا رهن، اهڙيون ٽئڪسيون تمام مهانگيون. پنهنجي پهچ کان ٻاهر، پر ڪڏهن ڪڏهن يا ته عياشيءَ خاطر يا وري تمام گهڻي مجبوري ۾، نه ته لنڊن جو ٻيلو ڪيب ٽئڪسي سسٽم تمام سستو ۽ آسان آهي. ٻيلو ڪيب نه ملي ته فون ڪري بينل هنڊ واري پوزيشن سڀي نموني سمجهايو ته منٽن ۾ ٻيلو ڪيب حاضر. اهڙيون ٽئڪسيون گهڻو ڪري پاڪستاني ۽ هندستاني ڪارن جون آهن. جيڪي ٻاهر لکيل اکهن کان به ڪڏهن ڪڏهن گهٽ پاڙو وٺن. هلندي هلندي لنڊن جون جام خبرون به ٻڌائيندا هلندا. ۽ سهڻن جا فون نمبر ڏيندا آهن، جي توهان فون نمبر ڏنس ته فون ڪري پڇندو ته ٽئڪسي وٺي اچان. اسان جي پوراني صاحب جي سنگتياڻين جون اهڙيون جام ٻيلو ڪيب آهن. اسان ڪڏهن مفت ۾ ته ڪڏهن ٽورن پئسن سان لنڊن ۾ جڏهن اسان پوراني صاحب جي گهر رهون ته اهڙيون ٽئڪسين جا مزا ماڻيون. پوءِ ڪڏهن خود اهي سندس گرل فرينڊس گاڏيون به خود هلائين. پوءِ ڪڏهن ٽيري ته ڪڏهن جستني ته ڪڏهن لورا. سبحان الله! پوءِ سنڈي وڏيرو ۽ جواڙ جماڙ انگريز چوڪري، جنهن جي شرير جو ڇهاءُ به گهڙيءَ گهڙيءَ پيو گهائل ڪري پوءِ ايازِ چواڻي ته :

ڪنهن ڪاري ڇڳ تي رات ڪٽي،
ڪنهن ڀاڙهي ڳل تي باک ڦٽي.

اسان جي ٽيڪسي اچي ڪاسموس وارن جي آفيس جي اڇيان ٻينچ، ڪاسموس جون بسون ۽ پئسنجر جام ٻينا هئا. آئون هنن جي آفيس ۾ پنهنجي هڪ بئگ ۽ ٽيلهو ڪٽي پهچي ويس. هت به لائين، ڪڏهن سوچيندو آهيان ته انگريز شايد جمڙ وقت به لائين سان پيٽ مان نڪرندا هوندا. آئون به لائين ۾ بيهي رهيس، پنهنجي واري تي ڪائونٽر تي وينل محترم کي پنهنجا ڪاغذ پٽ ڏيکاريم. تنهن مونکي ٻڌايو ته توهان کي بس نمبر فلاڻي مقرر وقت تي ڪٽي لنڊن جي پورٽ تي پهچائيندي. هيءَ جڳهه جتان ڪاسموس وارن جو ٽوئر شروع ٿئي سا هاڙ ٻئي جڳهه تي شفٽ ڪري ڇڏي اٽن. اها

جڳهه آهي Check in terminal 35/36 Woben palace London هتان پهرئين پورٽ تي پهچائين. پوءِ سڄي يورپ جو ٽوئر ڪرائين. اسان جي هن ٽوئر جو نالو ۽ نمبر (Cosmos Toura MA 5080) هو. ٽوئر شايد هڪ ڪلاڪ کن ليٽ هو. ٻاهر نڪري چانهه پيتم پوءِ اندر اچي ويهي رهيس. ٽوريءَ ديرِ اعلان ٿيو ته 5080 جا پئسنجر ٻاهر ٻينل بسن مان جنهن مٿان توهان جي ٽوئر جو نمبر لڳل آهي. انهيءَ ۾ وڃي ويهو. ٽوئر ڪمپنيءَ وٽ پنهنجون بسون آهن. پر جي هڪ ٽوئر هڪ گهٽا ماڻهو ٿي وڃن ته وڌيڪ بسون ڪرائي تي ونڻ ۽ انهن ۾ ٽوئرسٽن کي ويهارين. پر ڪڏهن ٻه ٽوئر ڪئنسل ڪونه ڪن. پهريائين اسان کي چيائون ته لائين ٺاهي پنهنجو سامان پنهنجي اڳيان اچي رکو. ان سامان تي نمبرِ ٽئگ لڳايائون. اسان کي ٻڌايائون ته اهو سامان هر ورز توهان کي توهان جي هوٽل روم جي ٻاهران ملندو ۽ پوءِ توهان جيڏي مهل صبح جو هلڻ وقت ڪمري مان نڪرو ته پنهنجو سامان ڪمري جي ٻاهران رکي ڇڏجو. روزانو ائين ٿيندو رهندو. ٽوئر آخر ۾ ٻه توهان هيئن اچي بيهجو ته توهانکي توهانجو سامان واپس لنڊن ۾ ڏيندا سين. ايئن هنن سامان کڻي پنهنجي حوالي ڪيو. اسان اچي بس ۾ ويٺا ٿياسين. بس ۾ چا هئي جهڙو هوائي جهاز اندر T.V V.C.R بهترين دربون، جيڪي سڄيون شيشو ٿي پيون هيون. انهن مٿان نفيس پردا، هيٺ نفيس ڪارپيٽ، سيٽون بلڪل جهاز جهڙيون، اندر خوشبوءَ لڳي پئي هئي.

ٽوري ديرِ هڪ گائيڊ سڳوري اچي حاضر ٿي. اسان کي ٻڌايائين ته هيءَ بس توهان کي پورٽ تي لاهيندي اتان توهان شپ ذريعي بيلجيئم جي گادي واري شهر بروسلز پهچندا. اسان جي بس هلڻ لڳي ڪافي ديرِ ته هلندي هلندي لنڊن ۾ لڳي ويس.

هي اڄ جو هيڏو وڏو شهر ۽ ائين کڻي چئجي ته مشرق ۽ آمريڪا جي وچ ۾ دنيا جو مرڪز آهي. اڄ دنيا وڏي ترقي ڪئي آهي. آمريڪا سڄي دنيا جو سپر پاور ملڪ آهي. پر اڄ ٻه انگريزي ٻوليءَ جو مرڪز لنڊن ئي آهي. دنيا ۾ زياده ۾ زياده لنڊن جي B.B.C ٽي وي ۽ ريڊيو ٻڌو وڃي ٿو. لنڊن جو هيٿرو ايئرپورٽ جيترو مصروف ايئرپورٽ آهي. اوترو آمريڪا جو ڪوبه مائي باپ ايئرپورٽ مصروف نه آهي.

ڪامن ويلٿ ملڪن جي تنظيم ڪري دنيا ۾ پنهنجي اهميت سياسي لحاظ کان ٻيو نمبر برقرار رکيو اچي. آدمشماريءَ جي لحاظ کان چائنا پهرين نمبر تي آهي وري جپان ۽ فرانس شايد برٽن کان ڪجهه وڌيڪ اميير آهن. آمريڪا سان ته ڪنهن جو مقابلو ئي ڪونهي. پر برٽن جو پٽ پنهنجو مقام آهي. انهي جو وڏو سبب ڪامن ويلٿ آهي. ڪامن ويلٿ اها تنظيم آهي. جنهن جا ميمبر برطانيه حڪومت کان آزاد ٿيل سندس ئي ڪالونين وارا ملڪ آهن. انهن کي برطانيه پاڻ ئي آزاد ڪيو يا

انهن وڙهي ورتي پر ميمبر ملڪ سڀ اهي آهن جي هن جون ڪالونيون هيون ۽ هاڻي آزاد ملڪ آهن. ۽ اقوام متحده جا ميمبر آهن. هنن ڪامن ويلٿ ملڪن مان ٿي ملڪ، آسٽريليا، نيوزيلينڊ ۽ ڪئناڊا جي ملڪن جي سرڪاري طرح راڻي اڄ بہ انگلينڊ جي راڻي آهي. جيڪا سال ۾ هڪ دفعو پاڻ يا سندس ولي عهد انهن ملڪن جو دورو ڪري ٿو. پهريائين ڪامن ويلٿ جو نالو برٽش ڪامن وليٿ هو. هاڻ برٽش جو لفظ ڪيڏي صرف ڪامن ويلٿ جي ٻين ملڪن ۾ بہ ٿين. اسان لنڊن کي ڇڏي هاڻ موٽروي تي اچي وياسين. اڄ جو هي عظيم شهر ڪنهن زماني ۾ تمام ننڍو شهر هوندو هو، جنهن جو هڪ مثال آئون ڏيان ٿو.

هندستان ۾ مغلن جي بادشاهت دوران جڏهن بادشاهہ جنگ، شڪار، تفريح يا ڪنهن ٻئي سبب ڪري پنهنجي گادي وارو شهر ڇڏي ٻاهر نڪرندا هئا تہ ڪئمپون ڪندا اڳتي وڌندا ويندا هئا. پاڻ هڪ ڪئمپ جڙي راس ٿيندي هئي پوءِ رهيل ڪئمپ مان روانا ٿيندا هئا. مغلن جون اهي ڪئمپون ايتريون تہ وڏيون هونديون هيون جو جڙ ڪو هڪ وڏو شهر هجي. انهيءَ ڪئمپ ۾ هر هڪ شيءَ حاضر هوندي هئي. ڪئمپ رواني ٿيندي هئي تہ پهريائين ٻئنڊ نغارن وارا هوندا هئا. پوءِ گهوڙي سوار، پوءِ هاڻي سوار. ڪئمپ ۾ ڪپڙو، دوائون ڪاڏي جو سامان ۽ هٿيار وغيره مطلب تہ هر شيءَ هوندي هئي. ڪئمپ ۾ جيئن بادشاهي محل ۾ دستور جي دربار لڳندي هئي. شاهي ڪم ڪار، آفيسون، ڪورٽون چوطرف خندقون ۽ باڙ ڪئمپ جي چوطرف روشني جو زبردست بندوبست وچ ۾ هڪ تمام وڏو شمعدان جيڪو ميلن ۾ نظر اچي. هنن ڪئمپن جو انچارج جيڪو امير جي عهدي جو ماڻهو هوندو هو. تنهن کي مير منزل چيو ويندو هو. حرم يا شاهي ڪٽنب جون عورتون سڀ جون ڪئمپ سان گڏ هونديون هيون. جيڪي بادشاهہ کان اڳ ڪئمپ ۾ پهچي ويندیون هيون. بادشاهہ جي هن ڪئمپ ۾ غلامن، گهوڙن ۽ ٻين جانورن ۽ ٻئي سامان جو وڏو واپار ٿيندو هو. راڳ پٽ وڏي پئماني تي هر عام ۽ خاص ماڻهو لاءِ ٿيندو هو. باقاعده بازارون لڳنديون هيون جن ۾ صبح شام صفائي ۽ ڇٽڪار ٿيندي هئي. ڪئمپ جي حفاظت اهڙي نموني ڪئي ويندي هئي. جو ان ۾ رهندڙ ان جو سامان ۽ ان ۾ واپار ڪندڙ جو پئسو بلڪل محفوظ هوندو هو.

هڪ يورپي سياح مانرق ۽ هڪ برطانوي سياح هاڪينس جڏهن اهي ڪئمپون ڏٺيون تہ حيران ٿي ويا. پاڻ لکن ٿا تہ "مغل بادشاهن جون هي ڪئمپون ايڏيون تہ وڏيون هيون جهڙو لنڊن جو شهر." (ڏسو صفحو 172 شاهي محل ڊاڪٽر مبارڪ علي) منهنجي هن لکڻ جو مقصد اهو آهي تہ ڪيڏي نہ عجب جهڙي ڳالهہ آهي جو تہ ان وقت مشرق ڪيڏو نہ ترقي يافتا هو ۽ مغرب ڪيڏو نہ پٺتي پيل هو. پر محنت، وقت جي پابندي ۽ قانون جي حڪمراني جي ڪري اهي مغربي ڪيترو نہ اڳتي نڪري ويا

آهن. اڄ هندستان جي ساليانا آمدني في ڪس 350 آمريڪن ڊالر آهي. يعني پاڪستان کان ٻه 110 آمريڪن ڊالر گهٽ آهي.

انگلينڊ جي في ڪيس ساليانی آمدني 24000 چوويهه هزار آمريڪي ڊالر آهي. انگلينڊ جي جاگرافي پوزيشن اهڙي آهي جو چوطرف سمنڊ اٿس. اڄ جي دور ۾ انهيءَ ڳالهه جي ڪابه اهميت نه آهي. پر جڏهن هوائي ۽ سامونڊي جهاز ڪونه هئا، تڏهن انهيءَ ڳالهه جي وڏي اهميت هوندي هئي. انهيءَ پنهنجي جاگرافي پوزيشن جي ڪري يعني سمنڊ هئڻ ڪري، انگلينڊ نه رڳو يورپ پر سڄي دنيا کان ڪٽيل هو.

جڏهن يونان ۽ روم پنهنجي عروج تي هئا ۽ دنيا جي هن گولي جا حاڪم ٿيو وينا هئا. تڏهن انگلينڊ وارا ايجان وحشي زندگي گذاري رهيا هئا. اڄ ٻه انگلينڊ جي تاريخ جي خبر گهٽ پئجي سگهي آهي. حضرت عيسيٰ عليه اسلام جي پيدائش کان ست سئو سال اڳ انگلينڊ کان ٻاهر هڪ ڪيلٽ نالي قوم انگلينڊ تي حملو ڪيو. برٽن ۾ رهندڙ قوم کي شڪست آئي ۽ ڪيلٽ قوم جي برٽن ذات وارن انگلينڊ جي سڄي حصي تي ڪنٽرول ڪري ڇڏيو. اڄ جو برٽن نالو انهيءَ قوم جو يادگار آهي. ڪيلٽ قوم انگلينڊ تي قبضو ته ڪيو پر هيءَ قوم پاڻ ۾ متحد ڪانه هئي ۽ ننڍن ننڍن قبيلن ۾ ورهايل هئي. جيڪا پاڻ ۾ هر وقت وڙهندي رهندي هئي. ۽ منظم ٻه ڪانه هئي. پر مقامي رهاڪن کان سٺي هئي. جو ته هي مال ڏاريندا هئا ۽ فصل پوکيندا هئا.

55 قبل مسيح ۾ جوليس سيزر انگلينڊ تي حملو ڪيو. ۽ حاڪم ڪيلٽ قوم کي سخت شڪست ڏني.

رومنس جي حڪومت ۾ انگلينڊ ڪافي ترقي ڪئي. هتي زراعت جي پيداوار وڏي ۽ فن تعمير ترقي ڪئي. نوان شهر آباد ٿيا. رستا ٺهيا، پر رومنس هت زياده دير حاڪم ٿي نه رهيا. ٿوري ئي وقت ۾ واپس پنهنجي ملڪ هليا ويا. جنهن ڪري ترقيءَ جي رفتار بلڪل ختم ٿي وئي.

رومنس جي وڃڻ کان پوءِ وري انگلينڊ تي پکٽ ۽ اسڪاٽن ڪيلٽ جي قائم حڪومت تي حملو ڪيو ۽ ملڪ تباهه ۽ برباد ڪري لٽ مار ڪري واپس پنهنجي ملڪ هليا ويا. 445ع سال ۾ ڊينمارڪ ۽ جرمنيءَ جي ٽن فرقن جورٽ، سيڪسن ۽ اينگل وارن انگلينڊ تي حملو ڪيو. هنن جنوبي ۽ مشرقي حصن تي پنهنجي حڪومت قائم ڪئي. انهيءَ دوران ڪيٽ ۽ نادمبريا جي علائقن جي ماڻهن وڏي پئماني تي عيسائيت اختيارڪئي ۽ پوءِ سڄي ملڪ ۾ عيسائيت جي تبليغ شروع ٿي وئي. انهيءَ جو نتيجو اهو نڪتو جو ماڻهو ننڍن ننڍن قبيلن جي جڳهه تي عيسائيت جي بنياد تي پاڻ ۾ متحد ٿي ويا.

789ع ۾ ڏپن جي حملي کان پوءِ انگلينڊ کي ٻن حصن ۾ ورهايو ويو. هڪ حصو ڏپن ۽ ٻيو حصو سيڪسن جي قبضي هيٺ رهيو. 1066ع ۾ فرانس جي وليم انگلينڊ تي حملو ڪيو ۽ ڏکڻ انگلينڊ جي بادشاهه هيرولڊ کي شڪست آئي. انگلينڊ جي جنوب مشرق شمالي علائقن تي نارجن خاندان جي حڪومت قائم ٿي. انهيءَ حملي کان پوءِ سڄي انگلينڊ ۾ جاگيرداري نظام قائم ٿيو ويو. انهن جاگيردارن هڪ پارليامينٽ يا شورا ٺاهي، جنهن جا ميمبر صرف جاگيردار هوندا هئا. اهي جيئن چاهيندا هئا تيئن ئي ٿيندو هو.

انهي دوران ميگنا ڪارٽا تيار ٿيو. پر بادشاهه هن کي مڃڻ لاءِ تيار نه هو. هن مجبورن ان تي صحيح ته ڪئي پر عمل ڪرڻ لاءِ تيار نه ٿيو. نيٺ سائمن هڪ منظم فوج ٺاهي، بادشاهه سان جنگ ڪئي ۽ بادشاهه شڪست کاڌي. ان کان پوءِ بادشاهه پارليامينٽ جي چوڻ تي عمل ڪيو ۽ پنهنجو پٽ سائمن وٽ يرغمال ڪري رکيو. 1225ع ۾ پاليامينٽ ۾ جاگيردارن سان گڏ هائوس آف ڪامنس به وجود ۾ آيو پر خرابي اها ٿي جو هائوس آف ڪامنس عليحده نه هو. پر جاگيردارن جي هائوس آف لارڊس جو هڪ حصو هو. جنهن ڪري ڪو فرق ڪونه پيو.

1395ع ۾ ايڊورڊ اول پارليامينٽ جون سيٽون وڌائي ڇڏيون. ايڊورڊ ٻئي آخر هائوس آف لارڊس ۽ هائوس آف ڪامنس کي هڪٻئي کان عليحده ڪري ڇڏيو. جنهن ڪري هائوس آف ڪامنس عليحده ٿي خودمختيار نموني ڪم ڪرڻ لڳو. پهرئين ٻئي هائوس تعداد ۽ پاور ۾ برابر هئا پر پوءِ چوڏهين ۽ پندرهين صدين ۾ هائوس آف ڪامنس ۾ ميمبرن جو تعداد ۽ اختيار وڌندو ويو. ٽئڪس جو اختيار پڻ هائوس آف ڪامنس جي حوالي ڪيو ويو. جنهن ڪري هي ايجا وڏيڪ پاور فل ادارو ٿي ويو.

انگلينڊ جي ٻن عظيم سياحن رعنر ڪولمبس جڏهن آمرڪيا ڳولي لڌي ۽ واسڪو ڊي گاما هندستان، تڏهن انگلينڊ وارن جو پاڻ ڪلي پيو. هنن جي واپار ۽ نو آبادين جا جڙ رستا ڪلي پيا. پوءِ هنن سڄي دنيا ۾ پنهنجي واپار کي وڌايو. پنهنجي فوج، خاص ڪري سامونڊي فوج کي منظم ڪيو. هي قوم هاڻ (Vikings) يعني سامونڊي ڦورن مان ڦري دنيا جي هڪ منظم سامونڊي طاقت ٿي پئي ۽ پوءِ اها ٻه آخر ۾ چوٽي سڄي دنيا ۾ مشهور ٿي وئي ته "انگلينڊ جي حڪومت تان سج لهي ئي ڪونه." هن سڄي دنيا پنهنجي نو آبادين ذريعي ميڙي اچي انگلينڊ ۾ جمع ڪئي. هيرا، جواهر ۽ مال متاع ته ٺهيو پر قبرن مان لاش به ڪيرائي اچي برٽس ميوزم ۾ گڏ ڪيائون. (مصر جي فرعونن جون ممين، جيڪي اڄ به برٽش ميوزم ۾ محفوظ آهن.)

وري واپس ٽا اچون لنڊن جي موٽروي تي، جت حد نظر تائين ساوا سهٽا سرسبز ڪيت جنهن ۾ انگورن جا باغ، مڪئي ۽ ڪڻڪ مڙئي سرس هئا. جيڪي جڏهن پچي راس ٿين تہ ميشنون بينل ڪڻڪ ۽ گاهہ سميت گڏوگڏ لٽي، پلاسٽڪ جي وڻن ڪتن ۾ بند ڪري، اتي جو اتي ڇڏيو ڏارين ۽ وڏا ٽرالر انهي کي ڏوئي وجي ڪارخاني پيڙو ڪن، جت پوءِ ان جدا ۽ بوهہ جدا ٿئي. انهيءَ سرسبز زمين تي رڍون، ڳئون ۽ گهوڙا چري رهيا هئا. انهن کان سواءِ هٿ انگلينڊ تہ ڇا پر اسان سڄي يورپ ۾ ٻيو ڪو بہ جانور ڪونہ ڏٺو. شهر ۾ پالیل ڪتن ۽ ٻلن جي ڪابہ ڪوٽ ڪانہ هئي. آمريڪا جي شهر سينفرانسسکو سان گڏيل پهاڙن ۾ ڦاڙا ۽ هرڻ جام ڏٺاسين. جيڪي کلئي عام هلي رهيا هئا.

اسلام آباد جي بلاڪ 8-7 جي وچ ۾ خاردار تارن جي لوڙهي اندر ڦاڙها ۽ هرڻ بہ جام آهن. پر اهي چوطرف خاردار تارن جي وچ ۾ پيا هلن. منهنجي ٻني واري گهر ۾ بہ جوڙا ڦاڙن جا آهن. سينفرانسسکو جي اندر سواءِ ڪنهن خاردار تارن جي رستن کان ٽورو پري هرڻ ۽ ڦاڙا جام ڏٺاسين. پر هتي سڄي يورپ ۾ اهي نظر ڪونہ آيا، پر رڍون، ڳئون ۽ گهوڙا جام نظر آيا. تمام گهٽ ۽ ڪٽي ڪٽي پالیل سوئر بہ نظر آيا. هتي جون رڍون، ڳئون ۽ گهوڙا ، پنهنجي گهوڙن ، رڍن ۽ ڳئن کان تمام گهٽا ٽلها، ڍڳها، متارا ۽ صحتمند هئا. شاهہ صاحب جو هڪ شعر آهي تہ :

ڏکي ڏمر ناهہ، بکيءَ کل نہ اڇهي،

اگهاڙي وهانءُ، ويو ويچاريءَ وسري.

سو سائين اسان وٽ تہ بک، ڏک جي ڪري ماڻهن کي وهانءُ ۽ خوشين جا ڏينهن بہ وسريو وڃن. پر هت جانور صحتمند ڏسيو انسان پيا خوش ٿين. جانورن جي رهائشگاهہ، کاڌ خوراڪ ۽ علاج جي باري ۾ آمريڪا ۾ ڏاڍي سني خبر ملي. جي آمريڪا جو سفر نامو لکي سگهيس تہ ان ۾ عجيب وغريب داستان ضرور لکندس. پر هت مختصر ۽ مزيدار ڳالهہ ضرور لکندس. ڪجهہ سال اڳ ايران جي حڪومت ڪافي آمريڪن کي يرغمال ڪري رکيو. ڪافي مهينن کان پوءِ نيٽ آمريڪا انهن کي آزاد ڪرايو. آزاد ٿيڻ کان پوءِ انهن ماڻهن خاص ڪري عورتن پنهنجا ڪتا، ٻلا هٿ ڪيا ۽ پاڻ سان گڏ کڻي ويون. آمريڪا پهچڻ تي هنن چيو تہ اسان پنهنجا ڪتا هنن غير مذهب ماڻهن جي حوالي ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهيون. ڳالهہ ڪجهہ سمجهہ ۾ اچي پئي ۽ ڪجهہ نہ ، چو تہ بلو پرنٽ فلمن ۾ يورپين ۽ آمريڪن جون ڪتن سان سني حالت ۾ ڪافي فلمون آهن. پر تڏهن بہ ڳالهہ صاف نہ ٿي. ٻہ ٽي سال اڳ لنڊن جي هڪ ڪورٽ هڪ عورت کي سزا ٻڌائي. ڳالهہ ڪجهہ هن ريت هئي تہ انهيءَ عورت کي هڪ معصوم ٻار هو. جيڪو هوءَ ڇڏي آفيس ويندي هئي. هن جو هڪ پالیل ڪتو بہ هو جيڪو پٽ ساٽس گڏ رهندو هو. انهي پالیل ڪتي هڪ ڏينهن انهي ٻار کي کائي ختم ڪري ڇڏيو. ڪورٽ ۾ ڪيس هليو. عورت

ڪي ڪورٽ سزا ڏني ۽ ججمينٽ ۾ لکيو ته هن عورت پنهنجي بار کي محفوظ هنڌ نه رکيو. جنهن جي ڪارڻ معصوم ٻار کي ڪتي کاڌو ۽ مري ويو. انهيءَ عورت پنهنجي سزا خلاف ۽ انهيءَ ڪتي کي شوٽ ڪرڻ خلاف ڪورٽ ۾ اپيل داخل ڪئي. ڪورٽ سندس سزا ۽ ڪتي کي ختم ڪرڻ جي سزا برقرار رکي. جڏهن ڪتي کي شوٽ ڪيو ويو ته هوءَ ڏاڍي رني ۽ پاڻ ڏک منجهان چيائين ته منهنجي سزا بہ ختم ٿي ويندي. آئون وري ٻيو ٻار بہ جڻي وٺندیس پر هي جو سالن جا سال مون ڪتو پالي تيار ڪيو. سو وري ڪٽان ايندو. يورپ ۽ آمريڪا ۾ عورتن جا ڪتن سان عشق ۽ پيار جا داستان عام جام آهن. اهڙين عورتن جو موقف آهي ته هي بہ ڪاوڙجن، نہ موچڑا هڻن، نہ ڏکئي وقت ۾ ڇڏيو وڃن ۽ اسان جو بہ ڪم ٻيو ٽپي.

اسانجي بس ۾ پنهنجي صحيح جاءِ تي اچي ٻيني، اسان هيٺ لٽاسين ته اسانجي گائيڊ ٻڌايو ته اميگريشن ڪسٽم کان پوءِ توهان شپ ۾ بيلجم لاءِ روانا ٿيندا. اتي يورپ تي توهانجي بس، ڊرائيور ۽ گائيڊ ٻيئا هوندا. جيڪي توهان جي سڃي ٿوئر جي سفر ۾ توهان سان هوندا. هنن ٻڌايو ته انهنجي هٽن ۾ ڪاسموس وارن جو جهنڊو پڙ هوندو. اها خاص نشاني هوندي، ڇو ته هي شپ سڃو ٿوئر سٽن سان پريل آهي. توهان سيني کي پنهنجون بسون ۽ ڪاسموس وارن جو اسٽاف وٺڻ ايندو. توهان پنهنجي بس اسٽاف کي ڏنل نشانين سان سڃاڻجو. اسان پهرئين ڪسٽم ڪرايو پوءِ اميگريشن ڪرايو. پوءِ سڏا وجي شپ ۾ چڙهاسين. شپ ڇا هڪ وڏي گهڙ ماڙ سپر مارڪيٽ ٿي لڳي. شپ ۾ ڊيوٽي فري شاپ ۽ انڊور گيمس، ڪافي شاپ، بار ، هت سڃي دنيا ۾ ڳالهائڻ لاءِ فون جي بہ سهولت هئي. جهاز جي مٿي ڇت تي بهترين سوئمنگ پول پڙ هو. جتي ڪافي ٿوئرسٽ وهنجي رهيا هئا. شپ ۾ بلڪل هوائي جهاز وانگر آجيان ڪيائون. ڪولڊ ڊرنڪس سنيڪ ۽ اخبارون آڻي اڳيان رکئون. شپ سمنڊ ۾ هليو پئي ته محسوس ڪونہ ٿي ٿيو ته ڪو هلي پيو. شايد سمنڊ ۾ مانار آهي. هوائي جهاز ننڍو هوندو آهي. جهاز اندر سوڙ سنگهڙ لڳي پئي هوندي آهي. ماڻهو گهمي ڦري ڪونہ سگهندو. وڏي مسافريءَ ۾ ته ماڻهو ڏاڍو وجود ٿيندو آهي. ويهي ويهي سڃو بدن ٽڪجي پوندو آهي. ماڻهو چاهيندو آهي ته پنيان دريءَ وٽ وجي بيهجي پر گهڻو وقت بيهڻ سان ماڻهو مشڪوڪ پيو لڳندو آهي. نيٺ اچي پنهنجي سيٽ پيڙو ٿئي. هوائي جهاز ۾ ڪيڪل جڳهہ ڪانہ هوندي آهي. تنهن ڪري تازي هوا ڪانہ ملندي آهي. پر سامونڊي جهاز ۾ پيو هل، ڪيڏي مهل ڪافي شاپ تي ته ڪيڏي مهل بار تي.

وڏن جهاز ۾ ته پئسي جي متاستا (Money Exchange) جي سهولت پڙ هوندي آهي. ڪيترا سارا ماڻهو ٻيئا هئا. جهاز جڙ سمنڊ تي نہ پر سمنڊ مٿان هلي رهيو هو. جيئن ته جهاز پاڻي کي چيري هلندو آهي. وڏن ڦرندڙن پکن جي ڪري پنيان پاڻي جي هڪ وڏي ڌار هوندي آهي. جنهن کي ڏسڻ سان مزو

پيو ايندو آهي. ماڻهو ڏاڍاي چاهه سان انهيءَ ڏار کي ڏسندا آهن. جهاز تقريبن ڇهن ڪلاڪن جي سفر کان پوءِ پورٽ تي پهتو. سڀ مسافر هيٺ لٿا. اسان جي بس ڊرائيور ۽ اسان جي شوخ چنچل گائيڊ اسان جو هيٺ استقبال ڪيو ۽ يورپ کان بروسلز جي گاديءَ واري شهر بيلجم پهچندي اسان کي ڊگ هدايتون ٻڌائي ڇڏيائين. يورپ جو هڪ ٽائم اهي سواءِ انگلينڊ جي، سو توهان پنهنجي واچن جو ٽائيم ٺيڪ ڪريو ٻيو ته هاڻ سڄي ٽوئر ۾ اها بس، ڊرائيور ۽ آئون اوهانجي خدمت ۾ حاضر هونداسين. ڪابه تڪليف محسوس ڪريو ته اسان کي ٻڌايو ۽ پڻ اڄ توهان جيڏن سيٽن تي وينا تئين صحيح اهي، پر سياڻي کان پوءِ جيڪي بس جي پهرئين سيٽن تي ويهندا سي ٻئي ڏيهاڙي وري ٻئي نمبر سيٽ تي ويهندا. ۽ ائين جو هو ويجي آخري نمبر سيٽ تي پهچندا. پوءِ وري پهرئين سيٽ تي اچي ويهندا. ڪاڏي ۾ به جنهن جنهن قسم جو ڪاڏو جنهن ٽوئر بڪ ڪرائڻ مهل جنهن مهل جنهن طرح سان لکرايو هوندو. ان کي اهوڪاڏو ملندو. مثال طور مسلم، ويجيٽيرن، نان ويجيٽيرن وغيره. مون کان ٽوئر بڪ ڪرڻ مهل اها ڳالهه وسري ويئي هئي. مون کيس چيو ته اها اربع خطا مونکان ٿي وئي. هاڻ ڇا ڪريان . ڇيائين پرواهه نه آهي. اڄ رات پنهنجو ڪاڏو ڪائجان، سياڻي کان ونئي تنهنجي هنڌ ي ڪني جو آئون بندوبست ڪنديس. مون چيو ته پوءِ اڄ ڪٽي ڪيش ڏيو ته آئون وڃي هوٽل تي ڪاڏوکايان. تنهن تي چيائين ته اڄ خوش رهه پنهنجي خرچ تي. باقي صبح جو ناشتي کان ونئي اسين حاضر آهيون. اسان بروسلز ۾ شام جو داخل ٿياسين. ننڍي هوندي کان پيا ٻڌاندا اچون ته بيلجم جو شيشو سڄي دنيا ۾ سهڻو ۽ سنو آهي. واقعي بروسلز جو سڄو شهر رڳو شيشو ٿيو پيو هو.هر دڪان ، هوٽل، گهر سهڻن شيشن سان پريو پيو هو. لنڊن کان وڌيڪ صاف ستڙو پر لنڊن کان گهٽو ننڍو. اسان جي بس اچي رهائش واري هوٽل تي ٻيني. هوٽل جو نال (Delta) هو. ڊيلٽا شايد ويهه ماڙهئي. هوٽل ۾ اسان کي رهائش ۽ ڪمرن جي بابت ٻڌايائون ته ڪير ڪير ڪنهن سان رهندا. منهنجي پاڳ ۾ هانڪانگ جا ٿي شهري جن ۾ به عورتون ۽ هڪ ڇوڪرو هو. ڇوڪرو مون سان گڏ سمهندو هو ۽ ڇوڪريون پاڻ ۾ گڏ سمهنديون هيون. پاڻ ٻڌايائون ته اسان هانگ ڪانگ جا ٻڌ آهيون. هتي لنڊن ۾ هانگ ڪانگ جي خرچ تي پڙهڻ آيا آهيون. هاڻي اسان جي پڙهائي ختم ٿي وئي آهي. سو اسان پروگرام ناهيو ته يورپ جو چڪر هڻون. پوءِ واپس پنهنجي ملڪ وڃون. اسان لنڊن ۾ ٽن سالن کان پڙهي رهيا آهيون. پر اسان پنهنجي پڙهڻ واري شهر کان سواءِ ڪٽي به نه ويا سين. پهريون دفعو نڪتا آهيون. گهمي پوءِ واپس هانگ ڪانگ ويندا سين، پنهنجو مالڪ ڏاڍو ٿو ياد اچي. اسان ٽن سالن ۾ هانگ ڪانگ به ڪڏهن ڪونه ويا سين.

اسان چاهيون ٿا ته پنهنجن ڪمرن ڏانهن روانا ٿياسين. هو ٽئي جڻا ڳالهائڻ ۾ شروع ٿي ويا. چانگ چونگ، شانگ شونگ، ڳالهين ڪندي هڪڙي چوڪري روئڻ شروع ٿي وئي. صفا مات نه ڪري. مون سمجهيو ته مات ڪندي پر ٻيو مڙئي ٽيو خير. دل ۾ خيال ڪيم ته هاڻ ته لڳي رهياسين. تيسين در تي ٽڪ ٽڪ ٿي. ٻاهر نڪتس ته هوٽل جي بيري ٻڌايو ته توهان جو سامان، پنهنجو سامان ڪٽي اندر ڪيم ۽ هنن به پنهنجو سامان منهنجي ڪمري ۾ ٻيوسامان ڪٽي پنهنجي ٻئي ڪمري ڏانهن روانا ٿيا. شام جو اسان جو ستي ٿوئر هو. پر ان ۾ ايڏا ڪلاڪ ڪن هو. مون وهنجي ڪپڙا تبديل ڪيا. ٿوري دير ريسٽ ڪري اچي هوٽل جي لونج ۾ وينس. جتي ڪجهه همراهه اسان جي ٿوئر وارا ۽ ڪجهه ٻيا ٿوئر وارا پئسنجر ويٺل هئا. ايتري ۾ اسان جي گائيڊ به اچي وئي. چيائين ته هلو بس تيار آهي. ٻاهر اسان اچي بس ۾ ويناسين. گائيڊ اسان کي ٻڪرين وانگي هڪ هڪ ڪري ڳڻڻ لڳي چيائين ته ڇهه ڇڻا گهٽ آهن. پاڻ ڊوڙ پائي هوٽل رسيپشن تي وئي ۽ سيني کي وٺي آئي. پاڻ ٻڌايائين ته ڪير به ليٽ نه ڪري جي ليٽ ٿي ته سڄو ٿوئر خراب ٿيندو ۽ اسان ڏهن منٽن کان مٿي ڪنهنجو به انتظار ڪونه ڪنداسين. ۽ پنهنجي اڳين منزل لاءِ روانا ٿي ويندا سين. اسان جي بس روڊ تي نڪري چڪي هئي. شهر ۾ داخل ٿيڻ مهل ڏينهن هو ۽ هينئر رات هئي، چوطرف روشنين جي رم جهم هئي بلبن، ٽيوب لائيٽن ۽ سرچ لائيٽن جي روشني هزارن سڌن شيشن تي ٿي پئي ته شهر نه پر ڪنهن شادي، دعوت يا ميلي جو منظر ٿي محسوس ٿيو. خاص ڪري جڏهن روشنيون، روشنين سان ٿي ٽڪرايون، يا ڪنهن ڦوهاري تي ڦرندڙ روشنيءَ جا چمڪات ۽ رنگ ڏسي عجب ٿي لڳو ته ڪيڏي نه ڪائنات سهڻي آهي. اسان به ڪيڏا نه خوشنصيب آهيون جو قدرت جي هن سونهن ۽ سوڀيا ڏسڻ جو موقعو مليو. تقريبن ٻن ڪلاڪن جي هن نائيٽ سٽي ٿوئر کان پوءِ هوٽل پيڙا ٿياسين. رسيپشن تي منهنجي گائيڊ ڪلندي مون کي چيو ته مسٽر پليجو ويري ساري، اميد ته صبح وري ناشتي تي گڏ هونداسين. مون چيس ته بلڪل صحيح پر هاڻي معلوم ڪري ٻڌاءِ ته آئون ٻاهر ڪهڙي پاڪستاني يا هندستاني هوٽل تي وڃي ماني کاوان. پاڻ معلوم ڪري مونکي سمجهايائين ته هوٽل موتي محل فلاڻي جڳهه تي آهي. اسان به گهمندا ڦرندا گهٽين جا نمبر ڏسندا اچي هوٽل موتي محل تي پهتاسين. آردر کان اڳ ۾ پاپڙ اچي رکيئون. پاڪستان ۾ هندن جي هوٽلن کانسواءِ هوٽلن ۾ صرف ماني ٻوڙ ۽ چانور ملن، پر ٻاهرين ملڪن جي هندستاني، پاڪستاني هوٽلن تي هر شيءَ يعني ماني ٻوڙ سان گڏ سموسا، پاپڙيون، ڪچوين پڙ جي فرمائش ڪريو ته توهان کي اها شيءَ پڙ تيار ملندي. ماني ڏاڍي سوادي هئي. ڪمري تي پهتس ته هانگ ڪانگ وارو چوڪرو ستو پيو هو. آئون به چپڙي ڪري سمهي پيس. صبح جو هوٽل وارن جي ٽيليفون ڪرڻ تي سار ٿي،تيار ٿي ناشتي لاءِ هيٺ جاڻايل ريسٽورانٽ تي آياسين.

وڏين هوٽلن جي ڪاڏي لاءِ ڪيترائي ريسٽورانٽ ٿين. ٻاهرين ملڪن جي اهڙن ريسٽُورانٽن ۾ (خاص ڪري يورپ ۾) رش ٿئي جو ڪمروئي نه ملي. ٽوئرسٽن جا هڪ نہ پر ڪيئي گروپ صبح ۽ رات جي مانيءَ تي موجود هوندا آهن. ناشتي جي وقت ۽ رات جي ماني وقت ڏاڍي رش ٿئي باقي ٻنهڑن جو ته نڪو ٽوئر وارا ڪارائين نڪي ٽوئر ست خود ڪائين. زياده ۾ زياده برگر، ڪافي يا هڪ گلاس جوس، چو ته ٻنهڑن جي مانيءَ کان پوءِ بدن ڳرو ٿيو پوي ۽ گهمڻ گهٽ ۽ ننڊ جي ٻاڙ زياده ٿي لڳي. پر اسان لنچ جا هريل سو ڪڏهن ڪڏهن مڙئي ٻنهڑن جو انڊين ريسٽورانٽ يا ميڪڊولينڊ تي ڊش مڙئي ڪائي ڇڏيندا هئاسين.

ناشتو ڪري اچي بس پيڙا ٿياسين. بيلجيم جي گاديءَ وارو هي شهر بروسلز نه صرف پنهنجي ملڪ جو سياسي، تجارتي ۽ ثقافتي مرڪز پر يورپي يونين ملڪن جو ميمبر پڻ آهي ۽ يورپين ڪامن مارڪيٽ جو پڻ هيڊ ڪوارٽر آهي. تنهن ڪري ننڍو ملڪ هوندي به هن جي اهميت زياده آهي. بروسلز شهر ۾ فرينچ زبان ڳالهائيندڙن جي اڪثريت آهي. تنهن ڪري ڪنهن زماني ۾ هتي جهيڙا ٿيندا هئا.

بيلجم 1930ع ۾ آزاد ٿيو. هن جي رقبي جي ڪل ايراضي (11782) اسڪوائر ميل يعني اڳوٽي ٽرپارڪر ضلعي کان (1500) اسڪوائر ميل زياده آهي. جڏهن ٽرپارڪر ۽ ميرپور خاص گڏ ضلع هئا. تڏهن ٽرپارڪر ضلعي جي ڪل پيڪيڙ (10397) اسڪوائر ميل هئي. ٺٽي ضلعي جي پکيڙ (7686) اسڪوائر ميل آهي.

هن جي هڪ طرف سمنڊ ٻئي طرف جرمني ٽئين طرف نڊرلينڊ ۽ چوٽين طرف لگزمبرگ ۽ ڪجهه باربر فرانس پڻ مليس ٿو. هتي نالي ماتر يعني انگلينڊ وانگر ملڪ جو سربراهه بادشاهه يا راڻي ٽئي. پر ملڪ ۾ مڪمل جهموريت آهي. يورپ جي گهرو لڙاين جي وقت ۽ پهرئين عالمي جنگ ۽ ٻئي عالمي جنگ ۽ واٽر لو جنگين دوران بيجلم جي سرزمين تي تمام گهڻيون جنگيون لڙيون ويون. اسان جي بس پهرئين گرانڊ پئليس بلڊنگ جي اڳيان اچي بيني، جتي اسان جي گائيڊ اسان کي هن محل بابت ٻڌايو جت فوٽا وغيره ڪڍياسين. پوءِ ٽائون هال، سينٽ مائيڪل، ڪيٿڊرل، لاڪورٽ، آرينٽ رائل پئليس. يورپين يونين هيڊ ڪوارٽر ڏسڻ کان پوءِ اسان کي چيئون ته هاڻ توهان پنهنجي منهن شهر گهمو ۽ لنچ ڪريو. ٽن ڪلاڪن کان پوءِ توهان کي هتان کڻي هيگ هلنداسين. اسان کي هڪ هنڌ گڏ ٿيڻ جي جڳهه ڏيکاريائون.

ٽوئر ۾ هر ننڍي وڏي ڳالهه بابت تفصيلي جاڻ ڏيندا آهن. ته جيئن مسافرن کي ڪابه مونجهه نه ٿئي. سفر سنو ۽ خوشگوار ٿئي ۽ وري به انهيءَ ڪمپنيءَ جي معرفت گهمن.

پاڪستان ۾ ڪاسموس ڪمپني (Cosmos) کي انور راجاڻي هلائي، هنن جي آفيس پراڻي هوٽل ميٽروپول جي سامهون واري بلڊنگ ۾ آهي. جنهن تي وڏن ڳاڙهن اکرن ۾ (Cosmos) لکيو ويو آهي. پاڻ اسماعيلي خواجہ سنڌي آهي ۽ سنڌي بهترين ڳالهائيندو اهي. ماڻهو پڻ فهميدو اهي. سندس آفيس ۾ به اسسٽنٽ چوڪريون اهن، جي پڻ اسماعيلي اهن ۽ ڏاڍيون فهميديون چوڪريون آهن. ٻئي (Gerry) ٽوئر ڪمپنيءَ وارن جي پڻ پاڪستان ۾ برانچ آهي. ان کي ڪا ٽريولر ايجنسي هلائيندي آهي. جيڪا ايڏي مشهور نہ آهي. پر يورپ ۾ آمريڪي ٽوئرسٽ ڪمپنين ۽ ايجنسين جو تعداد سون ۾ نہ پر هزارن ۾ آهي. يورپ ۽ آمريڪا جي مک ڪمائي ٽوئرسٽ ۽ ٻاهرين ملڪن جي شاگردن جي پڙهائيءَ واري في ۽ خرچ مان ٿيندي آهي. آمريڪا تہ نهيو پر يورپ تہ هلي ئي انهن بن ڳالهين تي پيو. يعني ٽوئر انڊسٽري، يونيورسٽي، ڪاليج، اسڪولن ۾ پڙهندڙ غير ملڪين جي فين ۽ رهائش مان حاصل ٿيندڙ آمدني. آمريڪا ۽ يورپ ۾ پڙهائي ڏارئين ملڪ جي شهرين لاءِ تمام مهانگي آهي. خاص ڪري اسان جي ملڪ پاڪستان جي جتي جي ڪرنسي روز وڃي پٽ پوندي، اڳ ۾ پاڪستان مان شاگرد تمام گهٽي تعداد ۾ ٻاهر پڙهڻ ويندا هئا. پر هاڻ ڪرنسيءَ جي چڪر ڪري غريب تہ نهيو پر امير ماڻهو بہ ايڏي مهانگي تعليم برداشت نہ ٿا ڪري سگهن. حڪومت پوري پني اسڪالر شپ ڏي، ٻاهر شاگرد ويچارا پارٽ ٽائيم نوڪريون ڪري پڙهن.

اسان شهر جي چڪر دوران هڪ فوٽ پاٽ تي نهيل هوٽل تي ڪافي پيتي. هت سڄي يورپ ۾ فوٽ پاٽن تي قائم اهڙيون هوٽلون جام ٿين. ٻاهران اچيون ۽ ڳاڙهيون چٽيون لڳيون پيون آهن. جن جي هيٺان خوبصورت اچيون ڪرسيون رکيون آهن. جام ماڻهو پيا اچن وڃن. ڪافي، سئنڈوچ، برگر، ڪوڪ، بيئر، وائين جام هلي. يورپ ۽ آمريڪا کلئي عام وسڪي بلڪل ڪونہ پيئن. خاص ڪري جرمني جا ماڻهو بيئر ۽ فرانس جا ماڻهو وائين ۽ اٽليءَ جا ماڻهو سندن ڳاڙهو مخصوص قسم جو نشو جام واپرائين. وسڪي يورپ ۾ ماڻهو گهر ۾ پيئن ۽ کلئي عام گهٽ. وري پنهنجي ملڪ ۾ بلڪل ان جي ابتڙ قصو يعني رڳو وسڪيءَ تي زور ۽ اها بہ گوڏا کوڙي ڌئو ڪري پيٽ ڀري پيئن جسين نہ همراهہ وڃي ڪٽ، پٽ يا گهر پيڙا ٿين. اسين بہ عجيب قوم آهيون.

واقعي دنيا جي غلام قومن جو ادب تہ ڏاڍو سنو هوندو آهي، پر ڪيئريڪٽير صفا ٽرڊ ڪلاس ٿيندو آهي. ٽوئر وارا سڀ همراهہ پنهنجي مخصوص ٽيل جڳهہ تي پهچي ويا. بس ۽ اسان جي گائيڊ اڳ ۾ اسان جي انتظار ۾ بينا هئا. اسان جي بس بيلجم جي موٽروي کان ٿيندي شام جو هيگ پهچي هئي. انگلينڊ ۽ فرانس جي هڪ طرف موٽروي چئن چئن رستن وارا هئا. باقي سڄي يورپ ۾ ٽن ٽن رستن وارا هئا. انگيلنڊ ۾ ٽرئفڪ پاڻ وانگر ليفٽ سائيڊ هئي. باقي سڄي يورپ ۾ پهريون نمبر خوبصورت

ملڪ سوئيزرلينڊ ٻيو نمبر فرانس ۾ پنهنجائپ جنهن ۾ ٻولي ڪاڏو ۽ پاڪستاني ماڻهو جام سو انگلينڊ يورپ ۾ جنهن جي جت ڪالوني هئي ات ان ملڪ جا ماڻهو جام رهن. مثلا انگلينڊ، هندستان، پاڪستان ۽ جن ۾ آفريڪن ملڪن تي حڪومت ڪئي تہ انهن ملڪن جا ماڻهو سڀ اچي ات گڏ ٿيا. وري فرانس، ايران، الجزائر ۽ ٻين جن ملڪن تي حڪومت ڪئي تہ اهي سڀ وڃي ات آباد ٿيا. هالينڊ، انڊونيشيا تي حڪومت ڪئي تہ انڊونيشيا جا ماڻهو توهانکي هالينڊ ۾ جام ملندا. ائين يورپ ۾ ٻين ملڪن جا ماڻهو رهيا پيا آهن.

بينظير، الطاف حسين، عطا الله خان مينگل انگلينڊ ۾ سياسي پناهہ طور رهن تہ امام خميني ۽ ايران جا ٻيا سياسي ليڊر وري فرانس ۾ سياسي پناهہ ونڻ. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ شهنشاهہ ايران کي آمريڪا يورپ ۾ رهڻ نہ ڏنو. پاڻ مجبورن ميڪسيڪو ۽ پوءِ مصر ۾ وڃي رهيو. مصر ۾ رهڻ تي پڻ آمريڪا اعتراض ڪيو. پر جيئن تہ انور سادات جي ڏيءَ شهنشاهہ ايران جي پٽ جي گهر ۾ هئي. معنيٰ سياسي رشتا مائٽيءَ ۾ تبديل ٿي ويا. تنهن ڪري انور سادات آمريڪا جي اعتراض کي رد ڪري هن کي رهڻ جي اجازت ڏني. اها ڳالهہ شهنشاهہ ايران پنهنجي آٽوبايوگرافيءَ ۾ لکي آهي. شهنشاهہ ايران جي پنهنجي آتم ڪهاڻي ۾ ميڪسيڪو ڇڏڻ جو جواز اهو پيش ڪيو آهي تہ ملڪ جي ڊڪٽيٽر اسان کي پئسن جي لالچ ڪري ڏاڍو تنگ ڪيو. اسان نيٽ مجبورن ميڪسيڪو ڇڏيو. پر ڪيترن آمريڪن رپورٽرن پنهنجي ذريعن سان لکيو تہ ميڪسيسڪو جو صدر شهنشاهہ جي جڳ مشهور گهر واري فرح ديبا کي ڇڪ لڳو هو. تنهن ڪري اهي مجبورن ميڪسيڪو کي ڇڏي مصر ويا. شهنشاهہ وفات ٻہ اتي ڪئي ۽ ڪيس دفن ٻہ مصر ۾ ڪيو ويو.

اسان بيجلم جي ٽن ٽن رستن واري هڪ طرفي موٽروي تي هلي رهيا هئاسين. اسان کي ٽُوئر ڪندي ٻہ ڏينهن ٿي ويا هئا. تنهنڪري اسان ٽوئر وارا هڪ ٻئي کي ڪجهہ ڪجهہ سڃاڻي ويا هئاسين. هڪ انڊين فئملي هئي جنهن جي تازي شادي ٿي هئي. پنهنجو هني مون ملهائڻ يورپ جي دوري تي نڪتا هئا. هڪ آسٽرلين فئملي هئي. جنهن سان پوءِ منهنجي ياري ٿي وئي. هڪ برازيل جي فئملي هئي. هڪ ڇوڪري جدا هئي. ٽي هانگ ڪانگ جا هئا جن جو آئون اڳي ذڪر ڪري چڪو آهيان. تقريبن ست پوڙهيون عورتون آمريڪن ٻہ هيون. ٻہ فئمليون ميڪسيڪو جون هيون. پنج ڇوڪريون جپان جون هيون جيڪي پوءِ پئرس مان اسان کان جدا ٿي سڌو ٽوڪيو هليون ويون. باقي ٻين ٽوئرسٽن جي سڃاڻپ اڃان نہ هئي. هڪ آمريڪي عورت مون کي چيو تہ تون پنهنجو نالو مونکي پنهنجي ٻولي ۾ لکي ڏي. مون کيس پنهنجو نالو سنڌيءَ ۾ لکي ڏنو. پاڻ سنڌي ٻولي ۾ لکيل صورتخطيءَ تي مون سان ڪافي سوال ڪيائين آخر ۾ پاڻ ٻڌايئين تہ مون مشرقي ٻولين ۾ ڊاڪٽريٽ ڪئي آهي.

سڄي يورپ جا خوبصورت روڊ، رستا ۽ سرسبز جابلو ۽ ميدان علائقا گھٽوڪري سڀ ھڪجھڙا آھن. ڪنھن حد تائين مغربي يورپ سڄو ھڪ جھڙو آھي. ٻاھر برسات پئجي رھي ھئي ۽ يورپ ۾ برسات پوڻ کا خاص ڳالھ ڪانھي. دنيا جا ڪيترائي ملڪ آھن جن تي قدرت ڏاڍي مھربان آھي. اسان جي ملڪ ۾ آبادي بئراج، ڊئم، شاخن ۽ ٽيوب ويل تي ٽئي پر دنيا جا ڪافي ملڪ آھن خاص ڪري يورپ جتي برسات جي ڪري ڪيتريون آباديون قدرتي طرح برساتن سان ٽيو وجن. انھن آبادين تي خرچ نہ ھئڻ جي برابر ٽئي. پر اسانجي ملڪ ۾ خاص ڪري سنڌ ۾ شاخن جو پاڻي، ٽيوب ويل، لفٽ مشينون جن لائيٽ ۽ ڊيزل جو خرچ ماڻھو کي اڌ چريو ڪري ڇڏي پوءِ ۽ رندي ۽ منڊي جو ڪو بہ پروسو ڪونھي. جي اگھ ملیو تہ نيڪ نہ تہ خرچ ڳچيءَ ۾. قدرت ڪيڏي نہ يورپي ملڪن تي مھربان آھي. سڄي دنيا جا ماڻھو پڙھڻ ۽ گھمڻ ھت اچن. زراعت مفت جي قدرتي برساتن تي ۽ پڻ قانون جي حڪمراني، جتي ماڻھو عزت ۽ آرام سان پنھنجي زندگي گذاري رھيا آھن. اسان جي بس ھاڻ ھيگ پھچڻ واري ھئي. برسات ساڳئي رفتار سان جاري ھئي. اسان وٽ برسات پوي تہ سڀ ڪم بند "مولا وسائي مينھن تہ ڪوڙا ڇٽن ڪم کان." جن ملڪن ۾ برسات معمول جي ڳالھ آھي، اتي برسات جي ڪري زندگي بلڪل ڊسترب ڪانہ ٽئي. انھن اھڙو نظام جوڙيو آھي جو برسات جي ڪري رستن ۽ گھرن ۾ پاڻي ٻيھي ئي ڪونہ، روڊن تي برسات جي ڪري ٽرئفڪ نہ ٻيھي. برسات اتي معمول جي ڳالھ آھي. ھيگ نڈر لينڊ جو ٽيون نمبر وڏو شھر ۽ سمنڊ کان صرف چار ميل پري آھي. سمنڊ ويجھو ھئڻ ڪري ھتي بھترين بيچون آھن. جتي موڪلن ۾ جام ماڻھو وجن. ھيگ جديد ۽ قديم قسم جو شھر آھي. ھيگ ۾ پارليامينٽ جي بلڊنگ، وزيرن جون آفيسون ۽ منسٽريٽ جا سيڪريٽريٽ ۽ بھترين پارڪ آھن، شھر جڻ تہ ملڪ جي گاديءَ جو ھنڌ ھجي، بادشاھ بہ ھت رھي، ھيگ سائوٿ ھالينڊ صوبي جي گادي جو ھنڌ آھي ۽ ندرلينڊ جي سيني شھرن سان ڳانڍاپيل آھي. ھي پوري يورپ ۾ بھترين رھائشي شھر آھي تنھن ڪري گھٽو ڪري عالمي ڪانفرنسون پڻ ھيگ ۾ ٽين.

1248ع ۾ وليئم ٻئي ھيگ ۾ ھڪ بھترين قلعو ٺھرايو ھو. ھي قلعو اڄ بہ ھيگ شھر جي دل آھي. ان کانسواءِ (Night Hall) نائيٽ ھال، آئوٽر ڪورٽ بلڊنگ ھيگ جون مشھور ۽ قديم بلڊنگون آھن. ھيگ 1795ع کان 1813ع تائين فرانس جي قبضي ۾ رھيو. ان سڄي دور ھن اھڙي ترقي ڪئي جيڪا غلام ملڪ ڪندا آھن. يعني ڪجھ بہ نہ. انھي سڄي دور ۾ ھيگ تمام پوئتي پئجي ويو. وري فرانس کان جڏھن آزاد ٽيو. تڏھن بادشاھ بہ موتي اچي ھن شھر ۾ رھيو ۽ اھو وري ترقيءَ جي راھ تي گامزن ٽي ويو. ملڪ جي ڪافي سياسي پارٽين جون مرڪزي آفيسون پڻ ھيگ ۾ آھن. ملڪ جي 61 سفارت خانن جو مرڪز پڻ ھيگ آھي.

اقوام متحده، جيڪا بين الاقوامي انٽرنيشنل ڪورٽ، ملڪن جي فيصلن لاءِ قائم ڪئي آهي تہ جيئن ماڻهن ۾ جهگڙا يا مسئلا پيدا ٿين تہ ماڻهو ڪورٽن ۾ پنهنجي حقن لاءِ ڪيس ۽ دعوائون داخل ڪن. تيئن اقوام متحده پڻ پنهنجي شريڪ ميمبر ملڪن جي لاءِ هڪ بين الاقوامي ڪورٽ قائم ڪئي تہ جيئن ميمبر ملڪ هڪٻئي خلاف ڪيس داخل ڪري پنهنجا پنهنجا حق وٺي سگهن. نہ ڪي پاڻ ۾ جنگيون ڪن. پر ائين ڪونہ ٿو ٿئي. دنيا جي ملڪن جا نبيرا سالن کان پيا هلن. ٻيو ٿيو مڙئي خير. جيئن ماڻهن ۾ حاڪم ۽ محڪوم آهن. اهڙي طريقي سان ملڪن ۾ پڻ طبقا آهن. پر ڪوبہ فيصلو ڪرڻ وارو نہ آهي. سو اقوام متحده جو بہ حال ساڳيو آهي بهرحال اقوام متحده جي ڪورٽ بہ هن شهر هيگ ۾ آهي. جتي سڄي دنيا مان چونڊيل جج هن ڪورٽ ۾ مقرر ڪيل آهن. يعني هيگ جو شهر سڄي دنيا جي صلح جو اهڃاڻ آهي ۽ سڄي دنيا جي قسمت جا قانوني فيصلا هت ٿين. اسان هيگ کي آخري سلام ڪندا پنهنجي ٻي منزل يعني ائمسترڊئم ڏانهن روانا ٿينڊ لڳاسين. نيدر لينڊ جنهن کي انگريز هروپرو جون هالينڊ، يورپ جي ننڍڙن ملڪن مان هڪ آهي. (15892) اسڪوائر ميلن ۾ پکڙيل آهي ملڪ يعني تقريبن ڏٽي ضلعي کان ٻيڻي پکيڙ وارو ملڪ آهي. ڏٽي ضلعي جي پکيڙ (7686) اسڪوائر ميل آهي. ايڏو ننڍو ملڪ هوندي بہ انڊونيشيا جهڙي وڏي ملڪ ۽ ايسٽ انڊيز کي سالا سال پنهنجو غلام بڻائي رکيو. 1949ع ۾ هنن انڊونيشيا کي آزادي ڏني. نڈرلينڊ ۾ نالي ماتر بادشاهت آهي. سڄي حڪومت جو نظام پارليامينٽري جهموريت تحت قائم آهي. جيئن گهڻو ڪري سڄي يورپ ۾ آهي. ٻئي عالمي جنگ کان پوءِ نڈرلينڊ جي معيشيت ويسٽرن يورپ جي ملڪن ۾ مرڪزي حيثيت رکي ٿي. هن ملڪ تمام گهڻي صنعتي ترقي ڪئي آهي. صنعتي ترقي سان گڏ سڄي دنيا جي گلن جو مرڪز پڻ آهي. سڄو ملڪ رڳو سهڻا گل ٿيو پيو آهي. حد نگاهہ تائين سهڻا گل خاص ڪري (Tulip) يا گل لالا جو گل تہ هالينڊ جي سڃاڻپ آهي. گل زمين ۾ اهڙي ترتيب سان لڳايل آهن. جو ماڻهو ڏسيو حيران ٿيو وڃي. هر سال سڄي دنيا جي گلن جي نمائش هن ملڪ ۾ ٿئي. هن سال پڻ تمام وڏي بين الاقوامي گلن جي نمائش نڈرلينڊ جي شهر فلوريبدا ۾ ٿي. اسان کي پڻ نڈرلينڊ ۾ قائم هن نمائش ۾ وٺي ويندا. جنهن جو ذڪر ڏسڻ کان پوءِ ڪبو. نڈرلينڊ جا سهڻا گل هر روز تازا تازا آمريڪا ۽ يورپ وڃن ۽ گلن جي سونهن جي ڪري سڄي دنيا مان فلمن جون شوٽنگون ڪرڻ ماڻهو هت اچن. ڪيترين هندستاني فلمن جي شوٽنگ پڻ هتي ٿيل آهي. جنهن ۾ "سلسلہ" ۽ ٻئي فلم جو نالو تہ وسري ويو پر گانو اج بہ ياد آهي، جنهن جا ٻول هي آهن، "ڦولون ڪي شهر مين هو گهر اپنا." گلن کانسواءِ هالينڊ جي چيز بہ سڄي دنيا ۾ شهور آهي. نڈر لينڊ ۾ توهان (Wind Mills) ونڊ ملز هر هنڌ نظر ايندا. ونڊ ملز جڻ تہ نڈرلينڊ جو ثقافتي ورثو آهي. بيلجم وانگر هت بہ تمام گهڻي

تعداد ۾ ماڻهو سائيڪلن تي سواري ڪن، هتي واريون سائيڪلون پنهنجي سائيڪلن کان مختلف آهن.

رات ٿي وئي هئي اسان هالينڊ جي موتروي تي ائمسٽر ڊئم ڏانهن اچي رهيا هئاسين. چوطرف روشنيون هيون، ڏينهن سفر ڪري سڄو گروپ ٿڪجي پيو هو. انهيءَ ڪري ڪوبہ گوڙ وغيره ڪونہ هو. اسان جي هن ٽوئر گروپ ۾ اسان کل 42 ڄڻا هئاسين. اسان هاڻ نڏرلينڊ جي هن جڳ مشهور شهر ائمسٽرڊئم ۾ داخل ٿي چڪا آهيون. ائمسٽرڊئم جي انٽرنيشنل ايئرپورٽ جي پرسان ٿيندا پنهنجي رهائش واري هوٽل تي اچي پهتاسين. هوٽل جو نالو (Galaxy) گئلڪسي هو. ڪلهہ رات وانگر اسان هوٽل جي رسيپشن تي اچي بيٺاسين. اسان کي پنهنجي گائيڊ پنهنجي ڪمرن جون چابيون ۽ ڪمرن جا نمبر ڏنا. آئون پنهنجي ڪمري جي چابي ونڻي اچي روم پيڙو ٿيس. دل ۾ خيال ڪيم تہ ائمسٽرڊئم ۾ بہ راتين جو پروگرام آهي. هن شهر کي الاجي چومون کي ڏسڻ جو شوق ڪيترن سالن کان هو. سو خيال ڪيم تہ ٻئي راتيون هن جي نائيٽ لائيف کي گهمي ڦري لطف وٺجي. تيار ٿي ٻاهر روڊ تي نڪتس تہ مختلف زبانن جو مرڪزي هي شهر ندين ۽ ڪئنالن ۾ پوندڙ روشنين جي اولڙن جي ڪري چا تہ جهومر لاهيو ٻيٺو هو. سڄي دنيا ۾ (Thickly Populated) هي ملڪ ۽ شهر ٻاهر ڏاڍو پرسڪون ٿي لڳو. سڄي دنيا ۾ شهر جي زمين مهانگي آهي. ماڻهو نہ صرف زمين تي رهن پر ندين ۾ بہ پنهجا ڪاٺ ۽ لوهہ جا گهر ٺاهيو رهيا پيا آهن. هن شهر جو نالو پهريون دفعو 1275ع ۾ ڪنهن ڊاڪيومينٽ ۾ نظر آيو ۽ ان کان پوءِ سندس اهو نالو اڄ تائين هليو اچي. هن شهر جي بنياد ڪجهہ مچيرن (Amstel) تي ڪچا گهر ٺاهي قائم ڪيو. پر پوءِ ٻوڏن کان بچڻ لاءِ هنن اتي هڪ بند ٻڌو، ۽ ائين هن شهر جو نالو ائمسٽرڊئم پئجي ويو. 90 جزيرن، 1000 پلين تي ٻڌل هي مکيہ واپاري، ثقافتي، تعليمي مرڪز ۽ نالي ماتر گاديءَ جو شهر دنيا جي مڃني شهرن کان مختلف ۽ عجيب آهي. ننڍيون ننڍيون ندين جن جو ڪو ڇيهہ ئي ڪونهي ۽ انهن ندين کي خوبصورت مطابق سهڻين وٽندڙ پلين سان ڳنڍي سڄي شهر کي هڪ ڪيو ويو آهي. رڳو ڪئنال ئي ڪئنال ۽ پليون ئي پليون عجيب منظر پيش ڪري رهيون آهن. انهن ڪئنالن ۽ ندين ۾ هزارين ٻيڙيون جنهن ۾ لکن جي تعداد ۾ ٽوئرسٽ، چا ڏينهن چا رات هڪڙا پيا لهن تہ ٻيا پيا چڙهن. اصل ميلو متو پيو آهي. ٻيڙيون اهڙيون خوبصورت جو ٻيٺو ڏس. ٻيڙين جا سئو قسم ننڍيون، وڏيون، هڪ ماڙ ٻہ ماڙ ٽہ ماڙ هر ٻيڙي پنهنجي نمبر سان، ٻيڙي استئنڊ جنهن کي چون جيٽي، تنهن تي اچي بيهي. ايترا تہ پئسنجر جو ٻيڙيءَ تي ويهي انتظار هڪ منٽ بہ نہ ڪرڻو پوي. ان جو سياڻپ بن ڪلاڪن جو ٻيڙي ۾ سير ڪرڻ جو پروگرام هو. پر اهو پروگرام ڏينهن جو هو. سوچيم تہ نائيٽ ڪلب ويندي ويندي رات جو ٻيڙيءَ ۾ گهمڻ جو مزرو

ونجي. هونئن به منهنجو ڪراچيءَ جو فليٽ سمنڊ جي ڪناري تي آهي. جڏهن به ڪراچيءَ ۾ رهون ته شام جو واڪ بيچ تي ڪريون. منهنجي بيڊ روم ۾ پلنگ اهڙي ترتيب سان رکيل آهي، جو بيڊ تان وينِي وينِي پيا سمنڊ ڏسون.

منهنجو ڳوٺ ته ڪچي ۾، يعني ٻيلن، درياهن ۽ هاڻ ڏاڙيلن جي منهن ۾ آهي. جڏهن ڏاڙيل فيڪٽر ايجا سنڊ ۾ ڪونه هو تڏهن ته راتين جون راتيون درياءَ بادشاهه ۾ گذرنديون هيون، ڪيترائي ٻار صرف درياءَ بادشاهه جي چڙهڻ وقت ڳوٺ ايندا هئا. خاص ڪري چانڊوڪين راتين ۾ ته وڏا هنگاما ٿيندا هئا. راڳ رنگ، رقص، ڪاڻ پيئڻ، هل هنگاما، عياشيون بدمعاشيون سڄي رات درياءَ جي سير ۾، صبح سوير سيڪو پنهنجي ماڳ واپس ٿيندو هو. اهو سلسلو ڪيترائي سال هليو. پر هاڻ خيال ڪيم ته اهو رات جو ٻيڙين ۾ گهمڻ جو مزو هت ائميسٽر ڊئم ۾ ونجي، سياڻي واري ٽڪيٽ ٽوئر ڪمپني وارن کي ونڊي هئي. پر هينئر واري بوٽ جي ٽڪيٽ ونِي بوٽ ۾ چڙهي پيس. دنيا جي سيني ملڪن ۾ جتي ٻيڙي ۾ گهمجي. ٻيڙي گهمائڻ وارا ئي هلائيندڙ ۽ گائيڊ ، سمجهائين به گهٽو ته ڪلائين به گهٽو. پر دنيا جي حسين ترين شهر وينس ۾ گائيڊن سان ڳائڻ وارا ۽ ڳائڻ واريون پڻ هونديون آهن.اهو توهان تي چڏيل آهي ته اهي پاڻ سان گڏ ڪٽو ٿا يا نه. پر هت ائمسترڊئم به ڪونه هو. رات جو ٻيڙين ۾ گهمندي ڦرندي ڏاڍو مزو آيو. پر سچ پچو ته چانڊوڪي راتين ۾ ٻيڙي ۾ گهمڻ جو مزو جيڪو ٻني ۾ آهي سو سڄي دنيا ۾ ڪونهي. چئوطرف ٻيلو، وڏا گهاٽا وڻ، تيز وهندڙ درياءَ، سنڊو بادشاهه جيڪو رات جو وهڻ وقت ڏاڍو هل حشر ڪري، چوڌهين جي چنڊ جي روشنيءَ ۾ درياءَ سڄو سون ٿيو پوي. پنهنجون ديسي ٻيڙيون وڏا بتيلا، ڪٽارون جن جي هلائيندڙ ڪي چون ناڪا. جيڪي گهٽوڪري سگهڙ ۽ راڳي هوندا آهن. درياءَ جي وچ ۾ ڪوٻيٽ ۽ ٻيتاري ڏسي لهي پئجي. پوءِ اتي جو اتي ماريل ڏنيريون، موراکا، ڪرڙا، پوپريون، ٽيريون، رڙا، سونهري ۽ پلا، تازا تازا رڇ سان جهليل تئي ۾ بنا سٽيءَ جي ترجن. خود مڇيءَ ۾ سٽيءَ ايترو ٽئي جو تئو يا تئي سٽيءَ سان ٽمٽار ٿيو پوي. ٻيو سڄو رڏو پڪو پڻ مڇيءَ جي سٽيءَ مان ٽئي. وري واريءَ ۾ پڪل پلي جو مزو ئي ٻيو آهي. ڪيترا سال اڳ هت درياءَ ۾ ٻلهٽيون به هونديون هيون. جيڪي جڏهن درياءَ ۾ ٽپ ڏينديون هيون ته ڏاڍيون پيون وڻنديون هيون. درياءَ جي چوطرف ٻرن جو ٻور ۽ ڦلين جي اهڙي وڻندڙ خوشبو ۽ مهڪ هوندي هئي جو ماڻهو مدهوش ٿيو وڃي. پر اڄ ٻلهٽيون ته ڏهيو پر ڪنهن ڪنهن سال درياءَ صفا سڪيو ڇڏ ٿيو وڃي. ٻورن وارا ٻير الحمدالله ٻيلي ڪاتي جي آفيسرن ۽ چونڊيل عيوضين جي مهربانين سان ڪراچيءَ گهمڻ ڦرڻ پهچيو وڃن. ڪراچيءَ ۾ ويچارا ٻلجيو وڃن ۽ وري ڪڏهن به واپس نه پهچن.

ائمسترڊئم جي هن پل ڪليري ٻيڙي جنهن کي بوٽ چئجي ڇو ته سبحان الله هي به اسان جي ملڪ جي ويچارين ٻيڙين کان پاڻ واريون آهن. اسان جون چار مهينا پاڻي ۾ ته اٺ مهينا سڪي ۾ ڪڏهن ته ٻيڙيون چورائجو به وڃن. پوءِ واپس به ڇنگ تي ٿين. سو به ڪنهن چئي چيائين يا ڏام ڏڙڪي سان واپس ٿين. الله عمر وڏي ڪري ميان نواز شريف جي جنهن کي پنجاب ۾ اهڙو پياري مينڊيٽ مليو آهي جو ڪالاباغ ڊئم ضرور ٺهرائيندو. پوءِ اهي اسان جون غريب ٻيڙيون سڄو سال سواءِ پاڻي جي سڪي ۾ پيون هونديون. نه ڪو ڇنگ ڏيڻ وارو نه وٺڻ وارو هوندو.

سويل ڪليري ۽ پاڻ وند بوٽ ۾ چڙهندي ئي عطر عنبيرن جي خوشبوءَ اسان جي خوشي آمديد ڪئي ڪيئي جوڙا اندر ٻيڙي جي هينين طبقي تي ٿوري روشني ۾ پنهنجن گوڏن تي ويهاريل پنهنجي محبوبائن کي چمي ۽ چٽي رهيا هئا، ۽ ٻين ماڻهن جي اچڻ ۽ وڃڻ جو هنن ڪوبه نوٽيس ڪونه ٿي ورتو. بقول شاهه جي ته "نڪا جهل نڪا پل سيڪو پسي پرين کي." اسان به اهڙن منظرن کي ڏسي ڪجهه به ڪونه ٿي ڪري سگهياسين. پر ڪي گهاريل گهڙيون خود به خود ياد اچي ويون. تقريبن ڪلاڪ جي بوٽ سفر کان پوءِ واپس اسان کي اتي اچي لاٿائون. جتان کان ڪنيو هئائون. آئون ٽئڪسي ڪري اچي هڪ نائيٽ ڪلب اڳيان لٿس. نائيٽ ڪلب تمام وڏو هو ۽ ٻاهر پڻ رش هئي. ڪنهن خاص گروپ جو ڪو پروگرام هو. ڪافي گهٽي رش هئي. سڀ ماڻهو بينا هئا. ويهڻ لاءِ هڪ به ڪرسي ڪانه هئي. آرٽسٽ تمام گهٽو پري هئا. سڄو هال روشنين جي رنگن سان چمڪيو پئي. اندر مختلف زاوين سان روشنيءَ جي سجاوٽ اهڙي نموني ٿيل هئي جو جڻ روشنيون هڪ ٻئي سان ٽڪرائجي رهيون ۽ جديد سائونڊ سسٽم جي ڪري هال ٻري رهيو هو. فنڪار تمام وڏي مٽانهين استيج تي ٻيٺل هئا. ڪافي پري هئا پر صاف نظر اچي رهيا هئا.شايد ٻن گروپن ۾ ورهايل هئا. هڪ ڪارا ٻيا گورا هئا. پر سرسي شايد گوري جي هئي. وچ ۾ هڪ نيگرو عورت ٻيٺل هئي.جيڪا ڳائي رهي هئي. آواز تمام سهڻو هوس. گاني ختم ٿيڻ کان پوءِ ايتريون تاڙيون ۽ رڙيون ٿيون جڻ ته اپ ٿي ڏريو. آئون گهڻو وقت ٻيهي هن پروگرام کي ڏسندو رهيس. ڏاڍو مزو پئي آيو. پر رات تمام گهڻي ٿي چڪي هئي ۽ صبح جو سوير ٽوئر وارن جا به تمام گهڻا پروگرام هئا. تنهن ڪري ٽئڪسي ڪري اچي ڪمري پيڙو ٿيس. دستور مطابق فون جي گهنٽي وڳي ته تيار ٿي هيٺ اچو. اچي ناشتو ڪريو. ناشتي ۾ ٽيبلن تي ڪيترن ئي قسمن جا سامان رکيل هوندا هئا. جن ۾ جوس، فروٽ، ڪارن فليڪس، مارمليڊ جام، ڪيترن قسمن جون ڊبل روٽيون، بسڪوٽ، ڪيڪ، پيسٽريون، چيز، مکڻ، ڪير، ڏنئرو، چانهه، ڪافي ۽ بوائل ٻيدا، پليٽ کڻي پنهنجي مرضي مطابق جيترو ۽ جيڪو کپي سو کڻي کائو انهيءَ ناشتي کي يورپ ۽ آمريڪا ۾ چون ڪانٽينٽل بريڪ فاسٽ، جيڪا توهان پنهنجي مرضي سان جدا

ڪمرو وڻو ته بہ ملندي ۽ ملندي بہ مفت ۾. سو دل کولي کائو. ڇو ته ٽوئر ۾ ٻنپھرن جي ماني مڙئي گھٽ نصيب ٿئي. ٽوئر وارا کائين ڪونہ، باقي ٽوئرسٽ پنھنجن پئسن سان ڪونہ کائين. سڀ ڪسرون ناشتي مان نڪرنديون ھيون. رات جي ماني بہ ڇڪي، سڄو زور بريڪ فاسٽ تي ۽ بريڪ فاسٽ مان ڪريو فاسٽ بريڪ ٽيو پوي. آئون ناشتو ڪري رھيو ھوس ته ھڪڙي ھمراھہ اچي سلام ڪيو. ڇيائين مسٽر پليجو سلام . مون چيو سلام. پاڻ پنھنجو تعارف ڪرائيندي ٻڌايائين ته آئون لاڙڪاڻي جو عباسي آھيان. لاڙڪاڻي ميونسپالٽي جوائنٽ منسٽريٽر آھيان. جماعت اسلامي جي سينيئر نائب مولانا جان محمد عباسي جو فرزند آھيان. مون ھي ٽوئر ڪاسموس جي ڪراچيءَ وارن جي آفيس ۾ توھان جو نالو ڏسي پوءِ بڪ ڪرايو ڇو ته آئون بہ توھان وانگر اڪيلو ھوس. سو اتي خيال ڪيم ته يورپ جي ٽوئر ۾ ڀئي گڏ ھونداسين، پر رواني ٽيڊ مھل خبر پئي ته ھن ٽوئر ۾ گنجائش کان مٿي ماڻھو ھئڻ ڪري ٽوئر کي ٻن گروپن ۾ ورھائي اي ۽ بي ڪري ڇڏيو اٿن. تنھنڪري پاڻ جدا جدا ٽي وياسين. اسين ناشتو ڪري اچي لونج ۾ ويناسين. ٿوري دير ۾ سڀ ماڻھو ناشتو ڪري فارغ ٿيا ۽ اسان بہ ھڪڀئي کان موڪلائي وڃي بسن ۾ ويٺاسين ۽ بس شھر جي ٽرپل روڊ تي رواني ٿي. اسان جي گائيڊ اسان کي ھر جڳھہ تان گذرندي سڀ معلومات ٻڌائيندي وئي.

پھرئين گلن جي بازار، پوءِ يھودين جو ڪوارٽر ائمسٽرڊئم ۾ گھٽي تعداد ۾ يھودي آباد آھن. جيڪي بي جنگ عظيم دوران جرمنيءَ مان ڀڄي ھت اچي آباد ٿيا آھن. ھتي ئي رھيا پيا آھن. پوءِ نئشنل گئلري، پوءِ آسٽر ھوٽل جنھن جو ٻڌايائون تہ مسواڙ 6000 U.S ڊالرن ۾ ھڪ چيڪ آئوٽ لاءِ ڪمرو ملندو آھي ۽ اھو بہ ٻڌايائون تہ مائيڪل جئڪسن ۽ راڻي ايلزبيٿ يعني انگلينڊ جي راڻي جڏھن ھت آيا تہ انھيءَ ھوٽل ۾ رھيا. تنھن کان پوءِ ائمسٽرڊئم جي ميئر جو گھر ۽ آفيس، پوءِ سٽي پئليس جيورس ھستاريڪل ميوزم، ھالينڊ ڪيسنو، ريلوي اسٽيشن ۽ ھت جو براڊل پاڻ ڏيکاريائون. ان بابت ڏاڍيون دلچسپ ڳالھيون ٻڌايائون. مثال طور ھي طوائفون باقاعدگي سان ٽئڪس ڏين. حڪومت ھنن کي قرض بہ ڏيندي آھي. ھنن جي باقاعده رجسٽرڊ يونين پاڻ آھي. ھنن جي پنھنجي مئگزين بہ نڪرندي آھي. جيڪا بہ استالن تان توھان خريد ڪري سگھو ٿا. آمريڪا ۽ يورپ ۾ پراسٽيٽيوشن (Prostitutions) کي بہ بزنس چون. ٽيوبن، بس استئنڊن، ريلوي اسٽيشن، ھوائي اڈن، وڏين ھوٽلن ۽ نائيٽ ڪلبن ۾ توھان ڪنھن بہ ڇوڪريءَ يا عورت کي بزنس چئي سگھو ٿا. ھو بلڪل ڪانہ ڪاوڙبي ۽ ڪلي يس Yes يا نو No چوندي. اھڙين جڳھين تي اھڙيون عورتون خود ماڻھن کي بزنس، بزنس ڪري صلاح ھڻن. ڊڄڻ يا غيرت جي ڪابہ ڳالھہ ڪانھي.

انهيءَ کان پوءِ اسان کي ڀائنڊ فئڪٽري ڏيکاريائون. هيرن جواهرن جي هي صنعت پڻ هالينڊ جي مکيہ صنعت آهي. انهن جو وڏي پئماني تي واپار ٿيندو آهي. جيئن پاڻ وٽ ڪن شين جي گارنٽي ملندي آهي. خريد ڪرڻ وقت اهڙو گارنٽي ڪارڊ پڻ ڏيندا آهن تہ خراب ٿيڻ جي صورت ۾ پاڻ سان گڏ گارنٽي ڪارڊ ڪڍي اچجو تہ توهان کي تي وي، فرج، پنکو، واشنگ مشين، ايئرڪنڈيشن يا ڪا ٻئي شيءَ ٺهرائي ڏيندا سون يا بدلائي ڏيندا سون. تيئن هتي پڻ هيرن جواهرن جي دڪانن تي توهان کي اهڙي گارنٽي ملندي تہ نقلي ڀائنڊ هڻڻ جي حالت ۾ توهان کي بدلائي ڏيندا سين. هيرن جواهرن جو اصل ملڪ تہ آفريڪا آهي جنهن ۾ خاص ڪري سائوٿ آفريڪا ، جتان اهي زمين اندران ڪاڍين، سمنڊن ۾ ندين مان لين ۾ جهازن ذريعي لنڊن پهچن. لنڊن ۾ انهن جو هيڊ ڪوارٽر آهي. (De Bear Central Selling Organisation) جتي سڄي دنيا جي هيرن جواهرن جي نوي سيڪڙو پراڊڪشن تي ڪنٽرول آهي، پوءِ هتان ئي سڄي دنيا ۾ هيرا جواهر وڃن، اتي کين گهڙي تيار ڪري وڪرو ڪيو وڃي ٿو. ڀائنڊ کي تيار ڪندي اڌ ضايع ٿي ڊسٽ ٿي ويندو آهي. باقي صرف اڌ وڃي رهندو آهي. هڪ ڪئريٽ (Carat) هيري کي تيار ڪرڻ ۾ ڇهہ ڪلاڪ لڳن ٿا. تيار ڪندڙ مشين بہ گهٽي تيز هلندي آهي جنهن جي اسپيڊ 3.200 R.P.M هوندي آهي. اسان کي ڀائنڊ فئڪٽري جي انچارج ٻڌايو تہ هت 800 قسمن جا هيرا ۽ جواهر نهن ٿا. جيڪي اسان سڄي دنيا ۾ وڪري لاءِ موڪليون ٿا. اسان کي ٻڌايائون تہ هيرو نهڻ کان پوءِ گهٽو ڪري انڊلٽ جي رنگن جهڙو هوندو آهي. پر مهانگي ۾ مهانگو هيرو نهڻ کان پوءِ گهٽو ڪري انڊلٽ جي رنگن جهڙو هوندو آهي. پر مهانگي ۾ مهانگو هيرو سفيد ۽ بلو ٿئي. هيري جي تور جو ننڍي ۾ ننڍو يونٽ ٿئي ڪئريٽ Carat جيڪو برابر ٿئي هڪ گرام جي. هالينڊ پنهنجي هن هيرن ۽ جواهرن جي فن جي ڪري سڄي دنيا ۾ راج نہ پر صدين کان مشهور اهي. پاڻ وٽ اهو مشهور آهي تہ فلاڻي بادشاهہ يا فلاڻي امير وٽ سون جا ٽانو يا ڪاڏي پيتي جو سون جو سامان هوندو هو. پر يورپ جا بادشاهہ خاص ڪري انگلينڊ، فرانس ۽ روس جا بادشاهہ پنهنجي لاءِ گلاس، ننڍا فانوس ۽ گلدان هيرن جواهرن جا ٺهرائيندا هئا. يا وري گلاس، گلدانن جو هيٺيون حصو جنهن کي جهلي پوءِ گلن جو رس يا شراب پيئن. ان حصي ۾ هيرا جواهر پيوند وانگر لڳرائيندا هئا. اهڙا سهڻا سامان يورپ جا بادشاهہ ۽ شهزادا پڻ هالينڊ مان ٺهرائيندا هئا، هن فئڪٽري ۾ اسان تقريبن اڌ ڪلاڪ کن هئياسن. ان کان پوءِ اسان جي ٻئي منزل هئي. ائمسٽرڊئم جي ڪئنالن ۾ بہ ڪلاڪ بوٽس جو سفر، اسان جي بوٽ ٽماڙهئي. جنهن ۾ تقريبن سو کن ماڻهو ويهڻ جي گنجائش هئي. چالیهہ هيٺ چالیهہ وچ ۾ ۽ ويهہ مٿان. اڪثر ٻئسنجر مٿان ويهڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. جيئن تہ اسان گروپ ۾ هئاسين. سو ٻڪرين وانگي اسان جي گائيڊ جي پٺيان تي ٻگاسين. جڏهن تي

چيائين تہ هلو تہ اسان سپ سندس پنيان ۾ جتي ٿي چيائين ويهو اسان حڪم جا بندا اتي ٿي بيناسين. سو اسان هينئر بہ سندس حڪم موجب بوٽ جي وچ واري پورشن ۾ وڃي ويناسين. اسان واري گائيڊ اسان کي ويهاري خود بہ خاموش ٿي ويهي رهي. بوٽ جو هلائيندڙ يڪو ٿو ان ون يعني گائيڊ بہ هو. سو طوطي وانگر بولڻ لڳو. سندس آواز ڏاڍو ٽلهو پر وڻندڙ هو. سندس هر ڳالهہ ۾ مسخري هئي. بن ڪلاڪن ۾ اسان کي ڏاڍو ڪلايائين. رات جو گهمڻ مهل صرف روشنيون هيون. پر هينئر هر شيءَ آئيني وانگر ظاهر هئي. سپ سياح فوٽو ڪيڻ ۾ ۽ مووي ڪئميرائون پرڻ ۾ مشغول هئا. ان ڪانسواءِ بوٽ ۾ چڙهڻ ۽ لهڻ وقت پڻ ڪيترا فوٽو گرافر بينا هئا. جن وٽ اتي جو اتي فوٽو ڪيڻ واريون ڪئميرائون، يا توهان رول ونو. توهان کي فوٽوڪيڊي رول واپس ڏيندا. پوءِ پلي ٻئي هنڌ ڏئاريو. هنن کي في ڏٻي.

ڪئنال ۾ هلندي ۽ ننڍين وڏين پلين کي ڪراس ڪندي مزو پئي آيو. رات جو ٿورڙيون ٻيڙيون هيون پر هينئر ڪو ڇيهہ ئي ڪونہ هو. بوٽس اهڙيون سينگاريل جو دل پئي چئي تہ بينا ڏسون. هت يورپ ۾ ڪئنالن ۽ ندين جو هڪ ڄار وڇايل آهي. سيزن ۽ موڪلن ۾ نہ رڳو يورپ جا ماڻهو پر دنيا جا ماڻهو هت گهمڻ لاءِ اچن. پر هاڻ تہ ٻين ٿوئرن وانگي توهان فون تي ئي اهو سپ ٿوئر بڪ ڪرائي ڇڏيو. جنهن بہ ملڪ مان ٿوئر ۾ شامل ٿيو ۽ جت ڪيپيو ان ملڪ ۾ وڃي دنگ ڪريو. جي ماڻهوءَ وٽ وقت هجي تہ مزو بہ ضرور ونڊي. ايڏا سهڻا جهاز ۽ انهن ۾ رهائش لاءِ بهترين ڪمرا، هر شپ ۾ مٿي سوئمنگ پول ۽ جي سوئمنگ پول نہ هوندو تہ سن ڊيڪس (Sun Decks) تہ ضرور هوندیون. هر شيءَ توهانکي شپ جو شپ ۾ ملي. صبح جو سوير توهان جي روم ۾ توهان کي تازي اخبار ۽ گلدستا. مطلب تہ صرف فون تي هيلو ڪريو. پنهنجن پئسن ڏانهن نہ ڏسو. هر شيءَ حاضر هوندي. ڪيڏي بہ برسات هجي، ڪهڙي بہ موسم هوندي. پر هر شيءَ وقت تي اچي حاضر ٿيندي. نہ رڳو توهان کي شپ ۾ سير ڪرائيندا، پر هر پورٽ تي ٻيهندا ويندا، توهان لاءِ بسون يا ڪوچ سروس اڳواٽ تيار بينا هوندا. جيڪي توهان کي ان سڄي شهر جو سير ڪرائي گهمائي ڦيرائي اچي رات جو شپ پيڙو ڪندا. جيئن اسان کي بس ۾ گهمائي ڦيرائي پوءِ واپس اچي هوٽل پيڙو ڪن. تيئن شپ ۾ گهمندڙ پئسنجرن کي بہ گهمائي ڦيرائي پوءِ واپس اچي شپ پيڙو ڪندا آهن. اسان جي بوٽ اسان کي اتي اچي لاٿو جتان بوٽ ۾ چڙهيا هئاسين. پورا بہ ڪلاڪ ٽيا هئا.

هتي هر ڏهن سالن ۾ هڪ دفعو گلن جي عالمي نمائش ٿيندي آهي. انهيءَ ڪانسواءِ هتي هر سال پڻ گلن جي نمائش لڳي. هينئر اها نمائش فلوريڊ (Floraide) ۾ پئي ٿي. اسان سڏا اچي انهيءَ عالمي نمائش پيڙا ٽياسين. نمائش ۾ پهچڻ لاءِ ماڻهن جي گهٽي رش لڳي پئي هئي. رش کي ختم ڪرڻ لاءِ

نمائش ۾ ماڻهن جي سهولت خاطر ريل جو پٽ بندوبست ٿيل هو. ان کانسواءِ بسون، ڪوچ، ڪارون، موٽرسائيڪل جو بهترين بندوبست ٿيل هو.

اسان بسن واري اسٽينڊ تي اچي بيناسين. هي نمائش ڏهين اپريل کان شروع ٿي هئي ۽ يارهين نومبر تي ختم ٿيندي. نمائش ۾ داخلا ٽڪيٽ ڏهين اپريل کان ونڊي ايڪٽيهه آگسٽ تائين هئي. پوءِ ٽڪيٽ نه پر مفت ۾ ڏسو. ٽڪيٽ ونڊ جو وقت 15_9 کان 00_6 بجي شام تائين هو. بسن، ڪوچن ۽ ٻين سپني گاڏين جي پارڪنگ جو به هڪ مخصوص وقت مقرر ٿيل هو. يعني صبح 30_8 کان شام جا 8 هو. ماڻهن جي ٽڪيٽ وانگر هر سواري لاءِ به ٽڪيٽ ٿي ونڊي پئي. اها ڳالهه اڇڪلهه سڄي دنيا ۾ عام آهي. اسان جي ٽڪيٽ ٽوئر پروگرام ۾ شامل هئي. تنهن ڪري ٽُئر وارن ورتي. ٻاهريون منظر تمام سهڻو ٿي لڳو. هن نمائش جي باري ۾ اسان کي ٻڌايائون ته (The Great Flower Show on Earth) هيءَ ڌرتي تي گلن جي وڏي ۾ وڏي نمائش آهي. جيڪا 70 هيڪٽرن زمين تي آهي. اها نون حصن ۾ ورهايل آهي.

1_Trade 2_ Transport 3_Distribution 4_Production 5_Energy 6_ Consumer 7_Environment 8_ Science 9_ Recreation.

(هي نون مختلف نمونن ۾ جدا جدا ورهايل آهن.) هن نمائش کي ڏسڻ لاءِ هڪ وڏو تاور به ٺاهيو ويو هو. جنهن تي چڙهي توهان سڄي نمائش کي ڏسي پئي سگهيا. گلن کانسواءِ ڪيترن ئي قسمن جون انٽرٽينمينٽس پڻ هيون ۽ دنيا جي مشهور هوٽل وارن پڻ اچي هت هوٽلون کوليون هيون. ٽوئر دوران منهنجي آسٽريليا جي جوڙي سان سني دعا سلام ٿي وئي هئي. پاڻ زال مڙس ٻئي عمر ۾ مونکان وڏا هئا. مون کي پاڻ ٻڌايائون ته آسٽريليا بلڪل يورپ جهڙو آهي. پاڻ آسٽريليا جي يونيورسٽيءَ ۾ پروفيسر هئا. آسٽريليا جي رهڻيءَ ڪهڻيءَ جو استئنڊرڊ به تقريبن ساڳيو آهي. پر يورپ مهانگو آهي ۽ آسٽريليا تمام سستو آهي. مون کي آسٽريليا اچڻ جي دعوت ڏنئون جيڪا مون خوشيءَ سان قبول ڪئي. يورپ ۾ زال مڙس گهڻو ڪري هڪ عمر جا هوندا آهن. پر پاڻ وٽ پاڪستان ۽ هندستان ۾ زال مڙس جي عمر ۾ گهڻو فرق هوندو آهي. عورت گهڻو ڪري ننڍي هوندي آهي. پر آمريڪا ۽ يورپ ۾ ائين تمام گهٽ آهي يا نه هئڻ جي برابر آهي. سو آمريڪي ۽ يورپين جوڙا جيڪي اسان سان گڏ ٽوئر ۾ يا پوءِ واري ٽوئر ۾ يورپ ويڙهيو. ته سڀ تقريبن هڪ عمر جا هوندا هئا. آسٽريليا جو جوڙو به ائين هو. پاڻ هڪ به دفعو ٽوئر دوران مون سان گڏ شهر گهمڻ ڦرڻ هليا هئا. اڄ رات به مون چيُن ته آئون ڪئبري تي ويندس. توهان هلو ته گڏجي هلون، ته پاڻ يڪدم ها ڪيائون. هو مون سان ڪمري ۾ گڏ

نہ رهندا هئا پر هانگ ڪانگ جو چوڪرو ۽ ٻہ چوڪريون رهندا هئا. چوڪرو پنهنجي هم وطن ۽ لنڊن ۾ گڏ پڙهندڙ چوڪرين سان گڏ گهمندو ڦرندو هو.

اسان تيار ٿي ڪئبري ڏانهن روانا ٿياسين. مون ڏٺو آهي تہ آسٽريليين جي انگريزي، ڳالهائڻ ۾ برٽش يا آمريڪي کان وڌيڪ آسان هوندي آهي. برٽش تہ اڃا بہ ڪجهہ نيڪ آهي پر آمريڪن وات کي ڦيرو ڏيئي ائين ڳالهائين جو لفظ کي چيو گم وانگر پيا کائين. نائيٽ ڪلب جو پنهنجو مزو تہ ڪئبري جو ورو پنهنجو مزو. ڪئبري مٿي استيج تي جتي صرف فنڪار پنهنجي فن جو مظاهرو ڪن. جن ۾ گانا، ڊانس ۽ ڪل ٻوڳ جا نندڙا نندڙا خاڪا، يورپ ۽ آمريڪا ۾ لائيو شوز ڪئميرا نائيٽ سڄي رات پيا هلن. اڄ ائمسترڈئم ۾ اسان جي آخري رات هئي. ڪئمبري شو کان پوءِ ويجهي هوٽل مان ماني کائي اچي پنهنجي هوٽل ۾ ٽپڙا ٿياسين. ڪمرو کوليم تہ هانگ ڪانگ وارو چوڪرو روم ۾ ستل ڪونہ هو. آئون اڪيلو ئي لت کوڙي سمهي رهيس. دستور مطابق فون تي تہ جلد تيار ٿيو صبح ٿي ويو آهي. ناشتو ڪري اچي بس ۾ ٽپڙا ٿياسين. اڄ ڏينهن جو صرف ٻہ پروگرام هئا. انهيءَ کان پوءِ اڳتي جرمنيءَ روانو ٿيڻو هو. پهرئين دنيا جي عظيم مصور وان گوگ (Van Gogh) جي نالي تي قائم ڪيل ميوزم ڏسڻو هو. وان گوگ دنيا جي عظيم مصور صرف 37 سالن جي عمر ۾ خودڪشي ڪري پاڻ کي ماري ڇڏيو. پنهنجي زندگي ۾ 800 آئل پينٽنگ ۽ 700 ڊرائينگ جي مصوري ڪئي. پر سندس سڄي زندگي ۾ فقط هڪ تصوير وڪي. سندس موت کان پوءِ اهي تصويرون لکن ڊالرن ۾ وڪيون. وان گوگ هالينڊ تہ نهيو پر سڄي دنيا ۾ ڄاتو سڃاتو وڃي ٿو. پر جيئري نہ ڪيس مڃتا ملي نہ وري دولت ڪمائي سگهيو. پاڻ سڄي زندگي پئسي پئسي لاءِ محتاج رهيو. سندس سڄو نالو ونسينٽ والئم وان گوگ) (Vineent Willeun Van Gogh هو. هو 30 مارچ 1853ع ۾ هڪ نندڙي ڳوٺ ۾ ڄائو هو. ۽ ڇهن ڀائرن ۾ سيني کان وڏو هو. هن جو نندپڻ ڪي قدر نيڪ گذريو. هي 16 سالن جي عمر ۾ هيگ جي هڪ آرٽ اداري سان منسلڪ ٿيو. پوءِ لنڊن جي (Goupil) اداري ۾ ڪم ڪيائين. هڪ سال پئرس ۾ بہ رهيو. هن آرٽ جي دنيا ۾ صرف ڏهہ سال ڪم ڪيو. يعني 1880 کان 1890ع تائين. هن جي جڳ مشهور فنپارن ۾ 1_ In the Field 2_ peasant women in the red bonnet 3_ The potato Eaters سندس جڳ مشهور فنپاري (The Chair and the pipe) انهيءَ کان پوءِ 1_ The Starry Night 2_ The Night Café پڻ سندس جڳ مشهور فنپارن ۾ شامل آهن. وان گوگ کان بہ وڌيڪ مشهور آهي. يعني (Rembrant) ريمبرانٽ، اسان کي ٽوئر وارا سندس گهر ڏيکارڻ هليا. ريمبرانٽ جو هڪ نندڙو روايتي يورپي گهر سندس حياتيءَ ۾ ڪنهن کي بہ ياد ڪونہ هو. پر اڄ هي سياح ملڪ جي بادشاهي وزيراعظم جي محل محلاتن ڏانهن نہ پر وان گوگ ۽ رمبرانٽ جي گهر

۾ ميوزم جو رخ ڪري هڪ نہ پر سئو هزار سياح اتي اچن ٿا . سندس سڃو نالو (Rembrant Harmens Zoom Van Rijan) ريمبرانٽ هارمينز زوم وان رجن آهي. ريمبرانٽ 15 جولاءِ 1606ع ۾ لنڊن شهر ۾ پيدا ٿيو. ريمبرانٽ پنهنجي نون پائرن پينرن ۾ ٻيو نمبر وڏو ٻار هو. پنهنجن پائرن پينرن ۾ هي تمام ذهين هو. سو هن کي يونيورسٽي ۾ داخلا لاءِ تياري ڪندڙ اسڪول ۾ داخل ڪرايو ويو. ٻين پائرن کي سندن والدين ڏاڏيءَ سان لڳايو. هن جا يونيورسٽي ءَ ۾ سبجيڪٽ جاگرافي، مئٿس ۽ تاريخ هئا. پاڻ بائبل ۽ تفسير ۽ يونيورسٽيءَ ۾ تفصيل سان پڙهيو. هن جي جڳ مشهور فنپارن مان ڪجھ نالا هي آهن.

1_The Ship builden and his wife 2_ A girl a the window 3_ Night watch 4_ A woman bathing in a stream 5_ the fight to Egypt

ريمبرانٽ، وان گوگ کان سواءِ ٽين ٻہ هالينڊ جي اهم شخصيت ٿي گذري آهي. جنهن هالينڊ کي ڏکئي وقت ۾ بچائي ورتو. اها عظيم شخصيت هئي هالينڊ جي عظيم راڻي "ولهيلمينا" جنهن 1880ع کان 1990ع تائين يعني هالينڊ تي هالينڊ ۾ ويهي ۽ جلاوطني جي حالت ۾ ٻہ حڪومت ڪئي. هالينڊ جي راڻي سان ماڻهن جو هڪ قسم جو عشق هو. پهرئين جنگ عظيم ۾ هالينڊ پنهنجي غير جانبداري رکي. پر پاڙيسري ملڪ بيلجيئم کي جرمنيءَ نيست ونابود ڪري ڇڏيو. جنگ کان پوءِ جرمنيءَ ۾ انقلاب آيو ۽ لڳي ائين رهيو هو تہ هالينڊ پڻ انهن حالات مان لنگهندو. پر ائين نہ ٿيو.

هالينڊ انهيءَ انقلاب مان پار پيو. جنهن جو سهرو ٻين سان گڏ هن راڻيءَ جي سر تي ٻہ آهي. ٻئي جنگ عظيم ۾ هن راڻيءَ جا وزير هٽلر جي خطري کي محسوس نہ ڪري سگهيا. هو پاڻ مشڪوڪ هئا. ان انديشي کي مد نظر رکندي راڻي پنهنجي ٻاهرين سفارتڪارن کان سڌي طرح رپورٽون وٺڻ لڳي ۽ انهيءَ کي ئي بنياد بنائي ملڪ ۾ حڪومت هلائڻ لڳي.

ولهيلمينا جو خيال هو تہ پهريئن جنگ عظيم وانگر هالينڊ هينئر ٻہ جنگ کان عليحده رهندو ۽ پنهنجي غير جانبداري برقرا رکندو. پر هينئر ائين نہ ٿيو. هالينڊ تي جرمني حملو ڪيو ۽ ولهيلمينا ملڪ ڇڏي هلي وئي. ٻاهران ويهي ريڊيو ذريعي حڪم ڏيڻ لڳي. انهيءَ جلاوطنيءَ واري دور ۾ آمريڪا وئي ۽ هن آمريڪي ڪانگريس کي خطاب ڪيو. جنگ ختم ٿيڻ کان پوءِ 13 مارچ 1945ع ۾ واپس پنهنجي ملڪ موتي آئي.

اسان جي هاڻ اڳتي منزل يورپ جي عظيم ملڪ جرمنيءَ ڏانهن هئي. هالينڊ ۽ جرمني جي باردر تي اميگريشن ٿي. اسان جا پاسپورٽ گائيڊ گڏ ڪري هيٺ ڪٽي ويندي هئي. انهن تي نہ لڳرائي پوءِ واپس اسان جي حوالي ڪندي هئي. پر هينئر گائيڊ سيني کي پنهنجا پاسپورٽ موتائي ڏنا. پر مونکي

چيائين تہ توهان هلو تہ توهانکي ٻڌايان ٿي. اسان هيٺ لٽاسين تہ مونکي چيائين تہ توهان جي جرمنيءَ جي ويزا جنهن تاريخ کان شروع ٿئي ٿي. انهيءَ کي اڃان پندرهن ڏينهن پيا آهن. پر توهان هت انهيءَ کان اڳ پهچي وبا آهيو. دل ۾ سوچيم تہ هاڻ لڳي رهياسين. مون کي اچي پنهنجو ملڪ ياد پيو. جتي غلطيون ڄاڻي واڻي کوتي ڪين. پوءِ انهيءَ جي آڏار تي پنهنجو مقصد حاصل ڪن. مون پڇيس تہ مون لاءِ نيٽ چا ٿيندو. چيائين ڪوبہ مسئلو ڪونهي. سڄو مسئلو آئون پاڻ ٿي حل ڪريان. جرمن اهڙا چريا ڪونہ آهن جو توکي واپس ڪري ڇڏيندا. کين خبر آهي تہ تون گروپ ٽوئر ۾ آهين ۽ گروپ کان عليحده ڪونہ ٿيدين ۽ گروپ سان اڃتي هليو ويندين. ائين ڪڏهن ڪڏهن ٿيندو آهي. اهو ڪو پهريون مثال نہ آهي. ٻيو اسان جي ٽوئر ڪمپنيءَ جي ريپوٽيشن آهي. پر خدانا خواستہ تون جيڪر اڪيلو هجين ها تہ ٻئي ڳالهہ هئي. پوءِ تہ يقينن توهان کي ملڪ اندر داخل ٿيڻ ڪونہ ڏين ها. پر هينئر توهان کابہ پرواهہ نہ ڪريو. سامهون واري ڪرسي تي خوبصورت نوجوان ۽ هلڪي بلو اکين سان اميگريشن آفيسر ويٺي هئي. مونکي چيائين تہ پوءِ چا خيال آهي؟ مون چيس تہ جرمني گهمڻي آهي. چيائين توهان اڳ پاسپورٽ ڪونہ ڏنو چا؟ مون چيس تہ ها. چيائين اهو ڪئين ٿو ٿي سگهي. مون چيس تہ آئون ڪيئن چاهيندس تہ هالينڊ ۽ جرمنيءَ جي وچ ۾ پاڻ کي تماشو بنايان. پوءِ ڪلي ٽپو هڻي چيائين تہ وري جرمني اچين تہ اهڙي غلطي نہ ڪجين. پوءِ بس پيڙو ٿي سيني ٽوئر وارن کان معذرت ورتم تہ سڀ ڪلي پيا. اسان هاڻ گهڻو ڪري سڀ ٽوئر وارا هڪٻئي جي نالي کان بہ واقف ٿي ويا هئاسين. مون کي هت هڪ ڳالهہ جو ڏاڍو عجب ٿيو. جو سڀ گروپ وارا پوءِ هو آمريڪن، آسٽريلين جپنيز يا ڪنهن ٻئي ملڪ جا هجن، پر منهنجو نالو پليجو بلڪل صحيح ونندا هئا. پنهنجي ملڪ پاڪستان ۾ بہ مون ڏنو آهي تہ پٺاڻ، پنجابي، بلوچ ۽ سرائيڪي پليجو تہ ٿهيو پر هر اچار گهڻو صحيح ونندا آهن. پر اردو ڳالهائڻ وارا ڪڏهن بہ سنڌي ذاتين يا ڳوٺن جو صحيح نالو نہ ونندا آهن. پليجو کي چوندا پليجو پر صحيح اچار ڪڏهن نہ ونن. پهريائين آئون سمجهندو هوس تہ ڄاڻي واڻي ٿا ائين ڪن. سنڌي نالن ابتو سبتوڪري ٻولي کي مسخ ڪرڻ ٿا چاهين. پر هاڻ آئون انهيءَ نتيجي تي پهتو آهيان تہ اردو ٻولي جامع ٻولي يا مڪمل ٻولي ڪونهي تنهنڪري دنيا جي مهذب ٻولين جا لفظ ڳالهائڻ جي هن ٻوليءَ ۾ گنجائش پيدا ڪانہ ٿي آهي. خود هيءَ ٻولي مڪمل نہ آهي.

اسان جرمنيءَ جي موٽروي تي وڃي رهيا آهيون. گاڏي انهيءَ رفتار سان هلي رهي هئي. جنهن رفتار سان بيلجم پورٽ تان رواني ٿي هئي. بس ٽوئر ۾ گاڏيون صرف هڪ رفتار ۾ ئي هلائين. يعني تقريبن 90 ڪلوميٽر جي رفتار. گائيڊ بہ هڪ مخصوص وقت يعني ڪنهن شهر ۾ داخل ٿيڻ، ڪنهن شهر

ڇڏڻ يا ڪنهن خاص جڳهه وٽ پهچڻ يا روانو ٿيڻ وقت ڳالهائيندي هئي. باقي جنهن به ملڪ ۾ ڪو اهم تاريخي ماڳ ڏسڻ اچيو ته ات انهيءَ جڳهه لاءِ هميشه مقامي گائيڊ هوندو. جنهن جو مثال هن ريت آهي ته توهان فرانس ۾ ايفل ٽاور ورسلائيز نوٽريڊم چرچ روم ۾ وئيٽڪن سٽي گهمڻ ويندا ته ات توهان کي ٽوئر وارا مقامي گائيڊ ڏيندا. جيئن هو توهانکي سني نموني سان هر شيءَ بابت سمجهائي سگهن. ۽ توهان انهيءَ باري ۾ مڪمل ڄاڻ حاصل ڪري سگهو. اهڙين جڳهين تي توهان کي سو ڪتاب ۽ ننڍڙا ڪتابچا ۽ فوٽو ملندا. جنهن مان پڻ توهان ڪافي معلومات حاصل ڪري سگهو ٿا.

دنيا ۾ هي پهاڪو مشهور آهي ته جرمن ڪار ۽ جرمن زال توکي ڪڏهن به دوکو نه ڏيندي. سو سائين اسان کي ته جرمنيءَ جي ٻنهي نعمتن جي ڪابه ڄاڻ نه آهي. پر اهو پهاڪو ضرور ٻڌو اٿم. مونکي سڄي يورپ ۾ گهمندي جپاني گاڏيون ڇڪي تعداد ۾ نظر آيون. پر جرمنيءَ جي موٽروي تي جپاني گاڏيون نه هڪ جي برابر نظر آيون. هر هنڌ جرمن گاڏيون خاص ڪري مرسڊيز، پاڪستان ۾ چند امير ماڻهن وٽ مرسڊيز ڪارون آهن. پر هتي ٽئڪسيون به گهٽو ڪري مرسڊيز هيون، جيڪي ٽئڪسي ۾ مزو نه پيون ڪن.

پاڪستان ۾ پڻ هزارن جي تعداد ۾ ٻيلوڪيب ٽئڪسون ڪارون گهرايون ويون هيون، انهن ۾ مرسڊيز ڪارون به شامل هيون. انهن مان ڪجهه ڪلفٽن جي آغا سپر مارڪيٽ ٻاهران مون به ڏٺيون هيون. اها ٻي ڳالهه هئي جو انهن ۾ ڪڏهن پئسنجر نه ويهاريو ويو. پوءِ ڪن ماڻهن جڏهن انهن ٻيلو مرسڊيز ٽيڪسين کي پرائيويٽ رنگ ڏياريو ته پوءِ اهي ساڳيون ڪارون وڪڻ لڳيون.

جرمني جي ٽئڪسي اسٽينڊن تي جڏهن مرسڊيز ٽئڪسي ڪارون ڏٺيون سين ته اصل وڻن ئي نه پيون. اسان جي پهرئين منزل ڪولون جو شهر هو. جتي اسان کي لنچ ڪرڻي هئي. پر ويندي ويندي پرسان (Ruhr) روهر شهر پڻ ڏسندا وياسين. روهر شهر صرف جرمنيءَ ۾ نه پر سڄي يورپ ۾ وڏي ۾ وڏو صنعتي شهر آهي. شهر جي آدمشماري پنج لک آهي پر شهر ۾ ڏهه لک مزور ٻين شهرن کان اچي هتي مختلف ڪارخانن ۾ مزوري ڪن.

اسان ڪولون شهر ۾ داخل ٿي انهيءَ هوٽل ڏانهن وڃي رهيا هئاسون جتي اسان کي لنچ ڪرڻي هئي. جرمنيءَ جي روايتي لذيذ ماني کان سواءِ ٻين به ڪيترن ئي قسمن جا ائٽم هئا. آئون پاڪستان کان ٻاهر گهٽو ڪري ڪڪڑ يا مڇي کائيندو آهيان. ته جئين (Pork) پورڪ نه مٽي ۾ لڳي. لنڊن کانسواءِ ٻئي هنڌ مڊل ڪلاس هوٽلن وارا نگريزي ڪونه سمجهن. انهيءَ حد تائين جو اشارن سان ڪڪڑ جي سمجهاڻي سان گڏ ٻانگون به ڏيئي ڏيکارين. چئو ڪير ته ٽماٽو ڪيچ اپ ڪٽيو اچن. ۽ وري ٽماٽو ڪيچ اپ چيو ته پليٽون ڪٽيو اچن. اسان جو ڊرائيور انگريز ڪونه هو ۽ انگريزي ٽپ ڪونه ڳالهائيندو هو.

پر ٽپ يا ڪا فائدي واري ڳالهه انگريزي ڳالهائڻ ۾ محسوس ٿيندو هو ته هي انگريزي جاڻي ٿو. پر هروپرو رت ٿو ڪري. جرمنيءَ ۾ مون محسوس ڪيو ته ماڻهو بي بولي کان هروپرو ڏت ڪونہ ٿا ڪن، جي ڪا ڳالهه سمجهن ٿا ته جواب بہ ڏين ٿا، ۽ شيءَ بہ آڻي ڏين ٿا پر ڳالهائڻ ۾ جرمن ڪجهه کهرو آهي. مون مانيءَ ۾ صرف ويجيٽيبل سوپ پيتو جيڪو ڏاڍو لذيذ ۽ سوادي هو. مصالحو بہ تيز پيل هئس. تيز مصالحا يورپ ۾ اٽلي ۽ آمريڪا جي رياست ڪئليفورنيا ۾ ماڻهو پاڪستان هندستان وانگر کائين.

جرمنيءَ ۾ کاڌا ڏاڍا مزيدار ٿين. اسان ماني کائي ڪولون شهر جي سير تي نڪري وياسين. ڪولون شهر ڪيميڪل انڊسٽريءَ جو مرڪز آهي. ڪولون ۾ روزاني سون، هزارن جي تعداد ۾ ريلون اچن. اسان ريلوي اسٽيشن پٽ ڏٺي. جنهن کان پوءِ شهر جي هڪ قديم چرچ ڏيکاريٽ هليا. چرچ تمام وڏو ۽ خوبصورت هو. چرچ جي مرمت جو ڪم هلي رهيو هو. يورپ ٽوئرسٽ ڪمپني جي معرفت گهمڻ وجو ته هر شهر ۾ توهان کي هڪ چرچ ضرور ڏيکارينداء شايد ان جو سبب هو اهو ته ٽوئر گروپ ۾ هڪ بن کانسواءِ سڀ عيسائي هوندا هئا. ٻيو ته يورپ جا چرچ ڏاڍا خوبصورت ٺهيل آهن، انهن جي مرمت ۽ سار سنيال ۾ بہ گهٽتائي نظر نہ ايندي. پاڻ وٽ هندستان ۽ پاڪستان ۾ مسجدون ۽ مندر انهن کان بہ خوبصورت ٺهيل آهن. پر سارسنيال ۽ مرمت نہ هئڻ ڪري اهي اها پهرئين واري نواڻ برقرار رکي نہ ٿا سگهن. يورپ ۾ ته جيئن پراٽي جڳهه يا پل تيئن ان کي ماڻهو ڏسڻ بہ تمام گهٽي تعداد ۾ اچن. انهيءَ جي سار سنيال ۽ مرمت تي بہ وڌيڪ خرچ ۽ ڏيان ڏين. مون چرچ کي گهمندي اها ڳالهه تمام گهٽي محسوس ڪئي ته مرمت سان انهن جي ساڳوٽي حالت کي برقرار رکڻ ٿي چاهيائون. انهيءَ جو هڪ مزيدار مثال توهان کي ڏيان جنهن مان توهان اندازو لڳائي سگهو ٿا ته هو پراٽين شين کي برقرار رکڻ لاءِ چا چا نٿا ڪن. چرچ جي چاڙهيءَ جي پٿر جو هڪ ٽڪرو ٽٽي پيو هو. پر هنن انهيءَ کي تبديل نٿي ڪرڻ چاهيو. انهيءَ ٽٽل ٽڪر ۾ سوراخ ڪري انهيءَ کي تبديل نٿي ڪرڻ چاهيو. انهيءَ ٽٽل ٽڪر ۾ سوراخ ڪري انهيءَ پٿر سان واپس جوڙي ڇڏيائون. مٿان وري لوهه جو پٽو لڳائي ڇڏيائون. جنهن وڌيڪ مضبوط ڪري ڇڏيو.

ڪوون کانپوءِ اسان جي ٻئي منزل بون شهر هو. جيڪو برلن کان پوءِ اتحادين جرمنيءَ جي گاديءَ جو هنڌ مقرر ڪيو. بون ڪولون کان 15 ميل پري آهي. مون جيڪي هيستائين يورپ ۾ ملڪ ڏٺا يعني انگلينڊ، بيلجم، هالينڊ ۽ جرمني انهن ۾ مون کي جرمني خوبصورت ۽ امير لڳو. اڄ بہ يعني 1998ع اپريل ۾ جيڪا ورلڊ رپورٽ G.N.P آئي آهي. انهيءَ ۾ سڄي يورپ ۾ سئيزرلينڊ کان پوءِ ٻيو نمبر وڌيڪ امير ملڪ جرمنيءَ کي قرار ڏنو اٿن.

1_ سئيزرلينڊ 36857
2_ جرمني 25720
3_ فرانس 23700
4_ انگلينڊ 22768
5_ اٽلي 19740
6_ رشيا 3030

سئزرلينڊ تہ هڪ ننڍو ملڪ آهي. پر يورپ جي وڏن مکيہ ملڪن انگلينڊ، فرانس اٽلي ۽ جرمني G.N.P ۾ پهريون نمبر وررري بہ جرمني آهي. جرمني يورپ جو مکيہ صنعتي ملڪ آهي. جيڪو نہ صرف صنعتي پيداوار ۾ اڳتي آهي پر دنيا جا مکيہ صنعتي ملڪ جيڪي صنعتي پيداوار سان گڏ هيوي صنعتي ٽيڪنالاجي وڪڻن ٿا، جرمني انهيءَ قطار ۾ اڳتي آهي. رستا چئوطرف حسين جبلن سان، جيڪي وري انگورن جي باغن سان پريا پيا آهن. انهن مان گذرندا اسان بون شهر ڏانهن وڃي رهيا آهيون. سڄي ويسٽ يورپ ۾ ڪارن جون چٽيون اهڙيون جو جڏهن چاهين تہ بلڪل ڪولي ڇڏين جي ڦل نہ تہ بہ مٽان ڪافي حصو ڪلي وڃي. اهو انهيءَ جي ڪري جو جڏهن اس نڪري تہ ماڻهو اس جو مزو ونندا آهن ۽ چمڙي کي اس لڳي تہ اها نيڪ ٽٽي. يورپ جا ماڻهو ڪڏهن ڪڏهن ڪاڙهو ڏسن. سو هر طريقي سان چاهيندا تہ ڪار ۾ هلندي اُس جو مزو ونندا وڃون.

بون 1949ع ۾ ويسٽ جرمني جي گاديءَ جو هنڌ مقرر ڪيو ويو. انهيءَ کان اڳي هڪ ننڍو شهر هو. جيڪو رائن نديءَ جي ڪناري تي قائم هو ۽ اڄ بہ آهي. پر هاڻي هڪ وڏو شهر جنهن ۾ يونيورسٽي بہ آهي ۽ آرٽ ميوزڪ جو وڏو سينٽر پڻ آهي. بون شهر جو اصل نالو (CASTRA BONNENSIRA) ڪاسترا بونينضيا هو. جنهن تي پهريائين عيسوي سن کان هڪ سال اڳ رومنس قبضو ڪيو. جيڪو ڪافي وقت جاري رهيو. بون شهر ۾ ميئر جي آفيس، سٽي حال ۽ ريلوي استيشن ڏٺيون سون ۽ شهر جو چڪر پڻ لڳايوسون. ماڻهو تمام سهڻا هئا. خاص ڪري عورتون، جن ميڪ اپ بہ گهٽ ٿي ڪيو. بازارن ۾ جام فروٽ رکيا هئا. گهڻو ڪري سپ پنهنجي ملڪ جهڙا سواءِ رس پيريءَ ۽ ٽري جي، پاڇيون بہ سپ پنهنجي ملڪ جهڙيون هيون سواءِ هيڊي ٽماٽي جي، پر سائيز پاڇين ۽ فروٽ جي وڏي هئي. هلندي هڪ قبرستان بہ ڏٺوسين. ڪنهن سهڻي باغ کان بہ خوبصورت، جنهن ۾ سوين قسمن جا وڻ ۽ گل هئا. شهر ۾ پٽرول پمپ هنن ڪمپنين جا نظر آيا. SHELL ۽ DEA FIN BP. هت جڳهيون ڪشاديون ۽ خوبصورت هيون.

جرمنيءَ جي ڏرتيءَ تي جت دنيا جا عظيم مفڪر پيدا ٿيا اتي هٽلر جھڙو ماڻھو بہ پيدا ٿيو. جنھن سڄي دنيا کي ناچ نچائي ڇڏيو. هٽلر جي خلاف ۽ فائدي ۾ ڪيئي ڪتاب لکجي چڪا آهن. سو انهيءَ جي توهان کي سڄي ڄاڻ هوندي پر هتي آئون صرف هڪ مزيدار رپورٽ جو ذڪر ٿو ڪريان. جيڪا هن متعلق شايع ٿي. جڏهن ٻي عالمي جنگ پئي لڳي تڏهن آمريڪا وارن هن جي شخصيت کي سائينٽيفڪ انداز ۾ سمجھڻ لاءِ هن جي شخصيت ۾ نفسيات ڪهڙي آهي ۽ هي اڳتي ڇا ڪندو ۽ هن جو يعني هٽلر جو آخري انجام ڇا ٿيندو. مشهور پروفيسرن جي هڪ ٽيم ناهي، انهيءَ ٽيم جو سربراهہ هو ماهر نفسيات ڊاڪٽر وليم لينگر، ڊاڪٽر کي جڏهن ڪم سونپيو ويو تڏهن هو ڏاڍو خوش هو پر جيئن هو ڪم کي اڳتي کڻندو ويو تہ حيران ٿيندو ويو. انهيءَ ڪم ۾ هٽلر جا ڪيئي روپ ۽ چهرا نظر آيا. پر هر روپ ۽ چهرو هڪ ٻئي کان مختلف هو. هٽلر هڪ نہ پر گھڻن دماغن ۽ ذهنن جو نالو هو. هٽلر هڪ نہ پر سوَن شخصيتن جو مجموعو هو. جنھن پروفيسر وليم کي منجھائي، جنجھوڙي ۽ پريشان ڪري ڇڏيو. مثال اهو انسان جنھن جي حڪم تي لکين ماڻھو مارجي ويندا هئا.سو سندس بيالبل ٻلي جي مرڻ تي اوچنگارون ڏيئي روئي ٿو.

هٽلر جي شخصيت کي پروڙڻ ۽ پرکڻ لاءِ انهيءُ ٽيم هزارين فائيل کڻي ناهيا. جنھن ۾ ننڍي هوندي کان وٺي برلن ۾ ڪرسيءَ تي ويهي چانسلر جي حيثيت سان حڪم هلائڻ تائين. ان ۾ سندس خط اخباري بيان، پريس نوٽ، انٽرويوز، حڪم، ريڊيو تان سندس تقريرن جا ٽيپ، زبان مان نڪتل لفظن جا فائيل جنھن ۾ پيار، ڪاوڙ گاريون، پوڳ چرچا، سون مردن ۽ عورتن جا انٽرويو جيڪي روبرو ساڻس ملیا، سندس ۽ سندس خاندان جا فوٽا، پسنديده ڪتاب، رسالا، اخبارون، ڪاڌا پيتا، ڪهڙا ڪپڙا پائيندو هو. ڪافي عورتن کان پوليس جي روبرو بيان ورتا وبا تہ اسان جا هٽلر سان جنسي تعلقات، ڪهڙي وقت ڪيئن ۽ ڪيترا دفعا ساڻن هم بستر ٿيندو هو.ملطب تہ آمريڪن هن تي رپورٽ ناهڻ ۾ ڪابہ ڪسر ڪانہ ڇڏي. ۽ هي ان وقت سخت پريشان ٿيا جڏهن آمريڪن C.I.A هي رپورٽ ڏني تہ هٽلر هڪ سال اڳ اتحادين جي ليڊرن ۽ فوجن جنرلن تي اهڙي رپورٽ جيڪا هنن پئي ناهي. تنهنجو پاڻ خود حڪم ڏنو هئائين ۽ اها رپورٽ هڪ سال اڳ جرمنس خفيہ ايجنسين تيار ڪري هٽلر کي ڏني هئي. نيٽ هزارين صفحن تي مشتمل رپورٽ آمريڪا گورنمينٽ کي انهن ماهرن ناهي ڏني سا آمريڪا وارن ٻين اتحادي ملڪن جي سربراهن کي بہ ڏني. ان جي بنياد تي اتحادين سڄي دنيا ۾ هٽلر جي خلاف خوب پروپئگنڊا ڪئي. اها رپورٽ پوءِ شايع بہ ٿي. نہ صرف آمريڪا وارن جي هٽلر جي تيار ڪيل رپورٽ پڻ اخبارن، رسالن، ۽ ڪتابي صورت ۾ شايع ٿي. جرمنيءَ جي تيار ڪيل اها رپورٽ سياسي نوعيت جي هئي. پر هٽلر جي خلاف جيڪا رپورٽ ناهي ويئي هئي اها تمام

ڪريل ۽ گهٽيا هئي. جنهن کي پڙهي ته سگهجي ٿو پر لکي نه ٿو سگهجي. ان رپورٽ جي فقط هڪ ست آئون هت لکان ٿو. ان مان توهان اندازو لڳائي سگهو ٿا ته انهيءَ رپورٽ ۾ هٽلر خلاف چا چا نه لکيو ويو هوندو. "هو اگهاڙو ٿي نوجوان ڇوڪرين کي اگهاڙو ڪري پوءِ حڪم ڪندو هو ته منهنجي مٽي تي ويهي پيشاب ڪريو. يا هو وات ڦاڙي ويهندو هو ۽ ڇوڪريون سندس وات ۾ پيشاب ڪنديون هيون."

تازو هينئر آمريڪا وارن فيڊرل ڪاسترو جو هڪ انٽرويو شايع ڪيو آهي. (جنهن جي ڪيوبا وارن تردید ڪئي آهي.) جنهن ۾ اهو ٻڌايو ويو آهي ته فيڊرل ڪاسترو ڇوڪري بازي ڪندو آهي. سو اهڙا گندا ليک پنهنجي سياسي مخالفت لاءِ لکڻ آمريڪن ۽ يورپين لاءِ ڪا نئين ڳالهه ڪانهي.

هٽلر ڪهڙو به خراب هو، پر سڄي جرمن قوم هن سان گڏ هئي. هن دنيا ۾ جرمن قوم جي بالادستي قائم ڪئي. انهيءَ کان اڳ يورپي قومن سڄي دنيا خاص ڪري ايشيا ۽ آفريڪا کي غلام بنائي رکيو ويو. چوندا آهن ته (No Risk, No Gain) سو هن به Risk کنيو ۽ داءُ لڳايو پر ڪامياب نه ٿيو. عالمي تجزئي نگار چون ٿا ته انهيءَ دوران آمريڪا ۽ جرمني ائٽم بم جي تجربي تي ڪم ڪري رهيا هئا ۽ انهيءَ تجربي ۾ آمريڪا اڳ ٿي ويو. نه ته جرمن ڪڏهن به هار نه کائي ها.

سنڌيءَ ۾ هڪ چوٽي آهي ته "لڳي ته لک هزار ٽٽي ته ٽڪو نه ڪري." سو هٽلر ۽ صدام حسين سان به ائين ٿيو. ٻنهي رسڪ کنيو پنهنجي قوم لاءِ، انهيءَ کان اڳ جو اسان بون کي ڇڏي پنهجي رات رهڻ واري جڳهه ڏانهن هلون، توهان کي بون جي باري ۾ به اهم ڳالهيون ٻڌايان جيڪي ٻڌائڻ وسري ويون. هڪ ته جرمني جو شهره آفاق جو موسيقار Ludwing_Van_Beethoven بيٿوون هت پيدا ٿيو. جنهن کي مغربي دنيا جو اڄ جو عظيم موسيقار مڃيو وڃي ٿو. جنهن جا گيت اڄ به ڪروڙين انسان جي دلين ۾ گونجي رهيا آهن. هي عظيم فنڪار 16 ڊسمبر 1770ع ۾ بون شهر ۾ پيدا ٿيو. هنجي جاءِ پيدائش اڄ جرمنيءَ جي قومي يادگار آهي. هن جي متعلق اتي توهان کي گهڻو ڪجهه ملندو. ان قومي يادگار ۾ روزانه نه رڳو جرمني پر سڄي دنيا جا سياح اچن ٿا. ٻئي شخصيت آهي ڊاڪٽر اينميري شمل جي، جنهن جو گهر پڻ بون ۾ آهي. ڊاڪٽر اينميري شمل کي جرمنيءَ کان وڌيڪ ماڻهو پاڪستان ۾ سڃاڻن، جنهن اردو ۽ اقبال سان گڏ، سنڌ ۽ سنڌي لطيف ۽ سنڌي گرامر تي گهڻو ڪجهه لکيو آهي. هن سنڌي ادب جو ڪافي مواد جرمنيءَ ۾ پڻ ترجمو ڪيو آهي. جرمنيءَ وڃجي ۽ هن سنڌ دوست جو هتي ذڪر نه ڪرڻ وڏي بي واجبي ٿيندي. اسان بون کي آخري سلام ڪري پنهنجي رات جي رهائش جي جڳهه ڪوبلنز (Coblenz) وڃي رهياسين. هي هوٽل مٽي هڪ پهاڙي تي هئي. شهر جو نظارو هيٺ ڏاڍو وٽندڙ هو. صبح سوير تيار ٿي رائن ندي ۾ بوٽ جي سفر لاءِ روانا ٿياسين. پهاڙي علاقو

گھمندڙ ڦرندڙ رستا، سرسبز ڏرتي تي ھڪ ڀڳل استيچو ڏيکاريائون، جيڪو جنگ دوران ڪنھن آمريڪن پائليٽ ڀڳو ھو. اسان جي بس پھچڻ کان اڳ اسان جي بوٽ ٿھي جڙي اسان جي انتظار ۾ بيٺي ھئي. بوٽ تمام وڏي ھئي اسان ٿورا ھئاسين. الائي ڇو ھنن ھي وڏي بوٽ اسان لاءِ ڪرائي تي ڪئي. بوٽ ۾ ڪجھ ڪمرا ٻہ ھئا جيڪي تمام سھڻي نموني سان ڊيڪوريٽ ڪيل ھئا. انھن ڪمرن اندر ويھڻ سان ٻاھر جو نظارو اڃان ٻہ وڌيڪ خوبصورت ٿي نظر آيو. اسان جي گائيڊ اسان کي ھر شيءَ جڳھ ۽ ماڳ بابت ھر ڳالھ ٻڌائيندي ويئي. ھر ھنڌ مائيڪ لڳل ھو. توھان ڪٿي ٻہ بوٽ ۾ ھجو ننڍڙن اسپيڪرن سان توھان سڄي ڪمينٽري ٻڌاندا وڃو.

يورپ ۾ سير ڪجي تہ ٻن ٽن ڏينھن لاءِ بوٽ ٽوئر ۾ ضرور گھمجي. جيڪو سڄي يورپ ۾ توھان کي ھر ملڪ جي وڏي شھر ۾ ملندو. انھيءَ ٽوئر ۾ رش تہ ٿئي پر بوٽ ٽوئر ٽڪيٽ ۽ جڳھ مليو وڃي.

رائن ندي ڏاڍي تيزي سان وھي رھي ھئي ۽ اسان جي بوٽ پڻ تيزي سان ھلي رھي ھئي. ندي جي پاسن کان ڪافي ننڍا ٻوٽ ھئا. ندي ۽ جي پرسان مٿي پھاڙين تي خوبصورت ننڍا ننڍا وڏا محل جام ٿھيل ھئا. ھر محل بابت اسان جي گائيڊ اسان کي سمجھائيندي ويئي تہ ھي فلاڻي بادشاھ ٿھرايو ۽ ھي فلاڻي شزاديءَ ٿھرايو.اسان ھڪ فرمانبردار شاگرد وانگر سندس اھا تقرير ٻڌندا رھياسين. ٻن ڪلاڪن جو ھي سفر مونکي شايد سڄي زندگي نہ وسري. انھيءَ کان ٻہ وڌيڪ خوبصورت جڳھيون سنڌ اندر آھن پر سان انھن کي ناھي تہ ٿھيو پر انھن کي سنياليو ٻہ نہ سگھيا آھيون. اخبار ۾ پيا پڙھون تہ ٻڌي جبل تي ڏھ ڪروڙ خرچ ٿيا. گورک تي پنج ڪروڙ خرچ ٿيا. اسان وٽ جيڪي پھرئين جڳھيون ٿھيل آھن. تنھن جي خبر چار لھون مثال ڪينجھر ڍنڍ آھي جنھن تي ھر آچر ۽ موڪل واري ڏينھن پنجويھ ھزارن کان ٻہ مٿي ڪڏھن تہ پنجاھ ھزار ٽوئرسٽ ٻہ اچن ٿا. توھان پھرئين جت خلق خدا جي پھچي چڪي آھي. ماڻھو شوق سان اچن ٿا انھن جڳھين کي آباد ڪريو پوءِ ويھي نوان تجربا ڪريو. اھي ٻہ اسان جون پنھنجون جڳھيون آھن. ڪينجھر تي ٿوري توجھ ڏجي ۽ پرائيويٽ سيڪٽر کي ھمٿائجي ۽ لا ۽ آرڊر قائم ڪجي. ماڻھن کي ڊپ لھي تہ ڪينجھر جھڙي ٽوئرسٽ پليس سڄي سنڌ تہ ڇا پر سڄي پاڪستان ۾ ڪونھي. ماڻھو اچي چڪا آھن فقط انھن کي سھوليت ڏيڻي آھي. جيڪا پرائيويٽ سيڪٽر کي ھمٿائڻ سان مھيا ڪري سگھجي ٿي. يورپ ۽ آمريڪا جا ملڪ تہ اڃڪلھ ڪمائين ئي ٽوئر ست انڊسٽري مان ٿا.

اسان جي ٽوئر ڪمپني واري بس پري کان نظر اچي رھي آھي. اسان شپ مان لھي وڃي بس ۾ ويناسين. سڄي ٽوئر ۾ ٽوئر وارن جواھڙو تہ سھڻو بندوبست ڪيل ھو جو ڪيئي دفعا ٽوئر ۾ گھمڻ ويا سين يا پروگرام اڳواٽ تيار ھو.

اسان جي بس هڪ طرف وڏا جبل ته ٻئي طرف هيٺ رات ويلي‌ءَ جي وچ ۾ ٺهيل ڊبل ٽريڪ روڊ تي هميشہ جي اسپيڊ ۾ وڃي رهي آهي. يورپ يا آمريڪا ۾ فري وي ۽ موٽروي جو اهڙو ڄار وڇايل آهي جو هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ ڏانهن ويندي ٽائيم تمام گهٽ لڳي.

جيئن پاڻ ڪراچي‌ءَ کان حيدرآباد وايا ٺٽو اچون ته ڪيترن شهرن مان گذرڻو پوي. رستن جي وچ تي ماڻهو بينا ڪچهريون ڪندا، بس ڪار يا ڪنهن ٻئي سواري ڏانهن ڪو به توجهہ ڪونہ ڏيندا. توهان بينا ڪار، بس جون سيٽيون وڃايو پر ٻيو مڙئي ٽيو خير. شهرن ۽ ڳوٺن ۾ بينل جانور ۽ اسپيڊ بريڪر جدا، رستن جي حالت زبون. يورپ ۽ آمريڪا ۾ ائين نہ آهي رستن تي هلندي مزو ٻيو اچي. ون وي رستا، رستن جي وچ ۾ گل ۽ پاسن کان وڻ، ڇئوطرف ساوڪ ئي ساوڪ رستن تي نہ ماڻهو نہ جانور. ڏهن پندرهن ميلن کان پوءِ سهڻيون هوٽلون جتي هر شي‌ءَ ملي، بسون، ڪارون اهڙيون سهڻيون ۽ آرامده جو ماڻهو ٽڪجي ئي نہ. يورپ ۽ آمريڪا ته پري ٽيا پر سنڌ جي مقابلي ۾ پنجاب جا رستا بہ تمام سٺا ۽ سهڻا آهن. ڪٿي بہ توهان کي اسپيڊ بريڪر نظر نہ ايندا. اسلام آباد لاهور موٽروي يا اسلام آباد جا رستا ته بلڪل يورپ جهڙا آهن. اسلام آباد ۽ لاهور موٽروي تي پوليس کي نيون وڏيون ڪارون مليل آهن ۽ انهي‌ءَ پوليس کي سکيا پڻ ٻاهرين ملڪن ۾ ڏني وئي آهي.

اسان ٻنهي‌ءَ جو لنچ رائن نديءَ جي ڪناري تي هوٽل مونٽنگ ۾ ڪئي. مون ٽوئر دوران ڏٺو ته ٽوئر گروپ جو چوٽون حصو گهٽو ڪري لنچ ڪونہ ڪندو هو ۽ جيڪي لنچ ڪندا هئا سي بہ ايترو ڪاڏو ونڊندا هئا جو بچي ڪجهہ بہ نہ. ٻيو هزارن ميلن جي هن سفر ۾ ڏٺم ته ڪنهن بہ ٻئسنجر ايئن ڪونہ چيو ته بس بيهايو ته آئون باٿ روم ٽو وڃان. ماڻهو ماحول مطابق هر رنگ ۾ رنگجيو وڃي. مون بہ دستور مطابق لنچ ۾ صرف پاڄين جو سوپ ۽ هڪ پيپسي ورتي. لنچ ٽائيم تي بہ ٽورو واٽ تي بيهبو هو. يعني ٽيهن کان چاليهہ منٽ، بس پوري ٽائيم تي نڪتي هئي. ٽائيم اڳ ۾ ئي ٻڌائي ڇڏيندا هئا. جنهنڪري ٽوئرسٽ بہ تي منٽ اڳ پهچي ويندا هئا. جي ٽائيم هوندو هو ته ٻاهر پيا سگريٽ پيئندا ۽ گپ شپ ڪندا، چو ته بس ۾ سگريٽ پيئڻ جي اجازت نہ هئي. ۽ پڻ ٻارهن سالن کان ننڍي عمر جي ٻارن کي ٽوئر ۾ شامل ٽيڻ جي اجازت نہ هوندي آهي. چو ته ننڍا ٻار روئندا تنهن ڪري گهٽو سڄو ٽوئر گروپ چو پريشان ٿئي. مون ٽوئر ۾ ڏٺو ته بس جا ڊرائيور گهٽوڪري سپ سگريٽ پيئندا هئا. پر بس اندر بلڪل نہ. اسان هاٽي رائن ويلي چڙي جرمني‌ءَ جي مشهور بليڪ فريسٽ مان وڃي رهيا آهيون. ۽ شديد برسات پئي رهي آهي. پر اسان جي بس انهي‌ءَ اسپيڊ سان وڃي رهي هئي. جيئن دستور مطابق هلندي آهي. بس ۾ فون لڳل آهي پر ان جو استعمال اهڙي نموني ڪندا آهن جو ان سان بلڪل ڊسٽرب ڪونہ ٿيون. فون جي رستي ٽوئر گائيڊ پنهنجي هيڊ آفيس سان هميشہ رابطي ۾ هوندا هئا.

گھٽوڪري فون ان وقت ڪندا ھئا جيڏي مھل بس بيئل ھوندي ھئي، ۽ مسافر ٻاھر ماني لاءِ يا گھمڻ ڦرڻ ۾ مصروف ھوندا ھئا. اسان کي اسان جي گائيڊ ٻڌايو تہ پاڻ رات جو جرمنيءَ جي شھر ٽريئر (Trier) ۾ رھنداسين. پر اوڏانھن ويندڙ رستو برسات سبب، ٽريفڪ جي رش سبب يا ٻئي ڪنھن سبب ڪري ھيڊ آفيس فون ڪري چيو آھي تہ تبديل ڪري ٻئي رستي ذريعي ٽريئر ڏانھن وڃو. سو ڪا ٻڪالھ ڪانھي صرف ھڪ ڪلاڪ وڌيڪ لڳندو ۽ وڏن پھاڙن رستن تان پڻ گذرڻو پوندو. مون ڏٺو تہ جيڪي سياح ٽوري ٽوري ٻڪالھ تي رڳو (Nice Nice) پيا ڪندا ھئا. سي بلڪل چپ ٿي ويا ۽ آھستي آھستي ھڪٻئي سان سس پس ڪرڻ لڳا. مون ڏٺو آھي تہ يورپ ۽ آمريڪا جا ھي ماڻھو جيڪي قانون جي حڪمراني (Rule of law) واري حڪومت ۽ ماحول جي تحفظ ۾ پليا آھن. سي ٽوري ٻڪالھ تي ڏاڍا پريشان ۽ حيران ٿيندا آھن. ڪين سنڊ جي ٽاڻن ۽ وڏيرن جي ڪرتوتن جي جيڪر خبرون ٻڌائجن تہ شايد ھي اعتبار ئي نہ ڪن. برسات گھٽجي وئي آھي. ڪي قدر آسمان بہ صفا ٿي ويو آھي ۽ آسمان ۾ انڊلٿون جھرمر لاھيو بيٺيون آھن. اسان وڏين پھاڙين تان ھيٺ لھي رھيا آھيون. جبلن تان پاڻيءَ جا ھي وھڪرا ننڍين ڪٻنالن ۽ شاخن وانگر ھيٺ تيزيءَ سان وھي رھيا آھن. وٽن ۽ ساوڪ مان شفاف پاڻي چوٽيءَ تائين نظر اچي رھيو آھي. اھڙا نظارا يورپ ۾ عام ٻڪالھ آھي. اسان اڄ ٽورو ديرسان پنھنجي منزل يعني ٽريئر پھتاسين. ھوٽل (Berg) ۾ رھياسين. ھوٽل شھر کان ٽورو پرپرو ھئي. برسات پڻ پئجي رھي ھئي. تنھن ڪري ڪيڏانھن ٻاھر نڪري نہ سگھياسين. ماني کائي ھوٽل ۾ پيل ھڪ رسالي کي ڏٺم. رسالو ٽن ٻولين ۾ ھو. ٻن جي تہ خبر ڪونہ ھئي پر ٽئين انگريزي ھئي. ھي بائيبل ھو. يورپ ۾ ھاڻ سيني وڏين ھوٽلن ۾ بائيبل ضرور رکن. جيئن پاڻ وٽ وڏين ھوٽلن ۾ قرآن شريف رکن. جرمن ٻولي پڙھڻ جي ڪوشش ڪيم. پر ڪابہ ٻڪالھ سمجھ ۾ نہ آئي. دنيا ۾ پھريون دفعو "شاھ جو رسالو" جرمني زبان ۾ ڇپيو. جيڪو ڊاڪٽر ٽرمپ ترتيب ۽ ترجمو ڪيو. جرمن ٻولي جرمني ملڪ جي قومي ۽ سرڪاري ٻولي آھي. پر آسٽريليا جي بہ قومي ۽ سرڪاري ٻولي جرمني آھي. انھيءَ کان سواءِ سوئيزرلينڊ جون چار قومي ٻوليون آھن. جن ۾ ھڪ جرمني پڻ آھي. 1_ جرمني 2_ فرينچ 3_ اٽالين 4_روھين. جرمن زبان انڊو يورپين جي فئملي مان ھڪ ٻولي آھي. جھن ۾ ٻيون ھي ٻوليون آھن.

1_Nethelandic 2_ Afrikaans 3_English 4_Frisiian5_ Scandinavian

جرمن چون ٿا تہ دنيا ۾ پھريون نمبر ٻولي چائيني 2_ انگلش 3_ ھندي 4_ عربي 5_ روسي 6_ جرمني زبان دنيا ۾ ٻڪالھائي وڃي ٿي. ٻوءِ صحيح يا غلط سان خبر خدا کي.

اڄ ڪمري ۾ گھنٽي وڄڻ کان اڳ سار ٿي. ڇو ته ستو به سوير هوس. هوٽل جي ڪمري جي بالڪونيءَ مان ٻاهر نڪري اچي بينس. تقريبن اٺ بسون ٻيون به ٽوئرسٽن جون بينيون هيون. جن ۾ ڪي استارٽ به هيون. ٻاهر پکي گھمي ڦري رهيا هئا جھڙا سنڊ ۾ ٿين. سنڊ ۾ به وري ٽر ۾ ڪانگ وڏو ٿئي. جرمني ۽ بيلجم ۾ رات جو پوليس کي گھوڙن تي گشت ڪندي ڏٺم. لنڊن ۾ ته پوليس ڪلئي عام هٿيار به نه ڪٽي. هيٺ مانيءَ تي اڄ به رش هئي. پر مانيءَ جي ڪاب ڪوٺ ڪٽي به محسوس نه ڪئي سين. پيا ڪائو. اڄ ٽريئر شهر جو مختصر سنو ٽوئر هو. پوءِ اڳتي لگزمبرگ ڏانهن وڃڻو هو. ٽريئر شهر دنيا جي عظيم انسان ۽ مفڪر ڪارل مارڪس جي جاءِ پيدائش آهي.

هن جي جاءِ پيدائش وارو گھر به ڏسڻو هو. ٽوئر وارن ٽريئر ۾ هڪ پارڪ سامهون اسان کي لاهي ٻڌايو ته ٻن ڪلاڪن کان پوءِ اسان توهان کي هتان ئي اچي کڻنداسين. سامهون ٻئنچون پيون آهن. تن تي ڪافي عورتون وينيون آهن. پر انگريزيءَ ۾ پيون ڳالهائين شايد ٽوئرسٽ آهن. سپاهي بينو هو تنهن کان پڇيو ته ٻاڻ روم ڪٽي آهي. همراهه کي ڳالهه سمجھه ۾ نه آئي. پر ۾ بينل عورت اسان کي ٻڌايو ته سامهون گھٽي ۾ ٻاڻ روم آهي. هتي جا پبلڪ ٻاڻ روم به عجيب ٿين. ايڏا صاف سترا سھڻا جن ۾ گھڙڻ شرط خوشبوءَ پئي اچي. ٻاهر نڪرڻ تي دل نه ٿئي. گھڻو ڪري اندر ٻاڻ رومن کي عورتون هلائين. ايڪڙ ٻيڪڙ ڪٽي ڪٽي ڪا پوڙهي عورت نه ته نوجوان حسين عورتون توهان کي اندر گھڙڻ تي توهانجو ڪلي آڏرياءُ ڪنديون. سڪن اڇلائڻ لاءِ هڪ ٽالهي رکي هوندي. جنهن ۾ جيترو چاهيو اوتري رقم وجهي ڇڏيو. جي سواءِ رقم وجھڻ جي آهستي ڪري هليا وجو تڏهن به مڙئي خير. ڪن ٻاڻ رومن تي اگھ به لکيا پيا هوندا آهن. ۽ هالينڊ جي پبلڪ ٻاڻ رومن ۽ ريلوي اندر ٻاڻ رومن ۾ پئسا اڇوات ونڻ. ٽوالیٽ ۾ وڃڻ، صابڻ ونڻ، ٽوال ونڻ ۽ وهنجڻ لاءِ عليحده عليحده اگھ آهن. اسان به ٻاڻ روم مان فارغ ٿي گھمندا ڦرندا اچي هڪ ڪليل ڪيفي پيڙا ٽياسين. مون هڪ جرمن جي مخصوص ٽهيل پئسٽري ۽ هڪ ڪافي جو آرڊر ڏنو. يورپ ۾ هر ملڪ جي مخصوص ڪاڏي پيتي جي ڊش ضرور ٽئي، جيڪا ڏاڍي لذيذ هوندي آهي. ٻاڻ وٽ سنڊ ۾ ڪنهن زماني ۾ هر شهر جي مخصوص سوکڙي ۽ مخصوص ڪائڻ پيئڻ جي ڪا شيءَ هوندي هئي. جيڪا سنڊ جا ماڻهو هڪ ٻئي ڏانهن سوکڙي طور موڪليندا هئا. يا ٻاڻ هڪ ٻئي وٽ ايندا، ويندا هئا ته به ضرور ڪا مخصوص شيءَ ٻاڻ سان کڻي ويندا هئا. جنهن ۾ خاص ڪري دڙي جي پلنگ ٽوڙمنائي، نٽي جي جليبي ۽ ربڙي، شڪارپور جي منائي، پاپڙ، آچار، آئيس ڪريم ۽ لمليٽ، لاڙڪاڻي جون لونگيون، ٽوپيون ۽ آئس ڪريم، سجاول جي راجه منائي، نصرپور جا کير پڙا ۽ کيس، مٽياري جو مائو ۽ اجرڪ، جنگ شاهي جي بالو شاهي، هالن جو جنبي جو ڪم، ڪاڏي ۽ سوسي، ٽنبي محمد خان جون اجرڪون، ٽر جاپڙا، گنج،

پانڊڻيون، رليون، ڪورواھ جون ڪٽون، ٻني جو زريءَ جو ڪم جيڪو اڄ ب ڏاڍي نفاست سان ٺئي ٿو ۽ سڄي سنڌ جا خاندان زريءَ جو ڪم ٻني مان ڪرائين، نٽي ۾ پڻ خاص ڪري سومرا اھو ڪم ڏاڍي سھڻي انداز ۽ نفاست سان ڪن. اسان ب جرمنيءَ جون هي وڏنڊڙ پئسٽريز ۽ ڪافي پي فورٽ بازارن، دڪانن، مني سپر مارڪيٽن جا چڪر ھڻندا اچي انهيءَ جڳھ پيڙا ٺياسين جت ٽوئر وارن چيو ھو.

اسان جي بس اڳواڻ بيني هئي. اسان سڀ بس ۾ ويناسين، اسان جو ٽريئر ۾ آخري پروگرام يعني ڪارل مارڪس واري گھر جو سير ھو. جيڪو اڄڪلھ ميوزم پڻ آھي. ڪارل مارڪس جي پيدائش جي جڳھ ٽن ماڙن جي هئي. جيڪا سني نموني سنياليل هئي. جنهن اندر ھڪ پارڪ پڻ ھو. هي جڳھ اھڙي ٽي لڳي جھڙيون سنڌ جي نٽي شهر ۾ موجود پراڻيون جڳھيون آھن. پر لاڙَ جو ۽ سينٽرل يورپ جو ڇا جوڙ. جڳھ اندر ھڪ ب سياح نہ ھو. نيٽ اندر داخل ٽيڻ واري جڳھ يا رسيپشن ڊيسڪ تي ب ماڻھو وينا ھئا. جن اسان کي هيٺ مٽي چڳي طرح گھمايو ۽ مٽئين ماڙ تي ھڪ ننڍي هال ۾ ھڪ ٻيو ماڻھو ب ھو. جنهن پڻ سلائيڊن سان اسان کي ڪافي معلومات ڏني. اسان ڪئميرا سان فلمون پڻ ڪڍيون.

مارڪس جو پيءُ وڪيل پھرئين يھودي ھو. پوءِ عيسائي ٽيو. مارڪس قانون ۽ فلسفي ۾ ڊگري حاصل ڪرڻ کان پوءِ ھڪ اخبار ۾ ڪم ڪيو. پوءِ مارڪس جڏھن جرمني ڇڏي فرانس ويو تہ سندس ملاقات اينگلس سان ٽي. انهن پوءِ سڄي زندگي ڪميونزم لاءِ گڏجي ڪم ڪيو. دوست ٽي رهيا ۽ گڏجي ڪميونسٽ ليگ لاءِ ڪم ڪيو ۽ پڻ جڳ مشهور ڪميونسٽ مينيفيسٽو تيار ڪيو. انهيءَ دوران يورپ جي ڪافي ملڪن مارڪس تي سندن ملڪن ۾ داخلا تي بندش وجهي ڇڏي. جنهن ڪري پاڻ مستقل طرح سان لنڊن ۾ رهي برٽش لئبريري ۾ مطالعو ڪرڻ لڳو. جگ مشهور ڪتاب "سرمايو" پڻ مارڪس جي تحرير آھي، ڪميونزم کي عملي جامون لينن پھرايو. جهن جو مني صدي کان پوءِ گورباچوف خاتمو ڪري ڇڏيو. انهيءَ دوران برلن کي تقسيم ڪندڙ ديوارِ برلن ٽٽي ۽ مشرقي مغربي جرمني ھڪ ٽي ويا.

1945ع ۾ جرمني ورهائجي مشرقي ۽ مغربي جرمني ٽيا ۽ 1990ع ۾ وري گڏجي ھڪ جرمني ٽيو. تڏھن فيض جو هي شعر بي معنيٰ ٽي ويو.

يي تاج اڇاليو جائينگي، يي تخت گرائي جائينگي.

اسان مارڪس جي هن شهر کي آخري سلام ڪندا جرمنيءَ جي انگورن جي باغن وارن رستن مان ٽيندا. لگزمبرگ ۽ فرانس گھمندا (جيڪو جدا سفرنامو آھي) اچي پورٽ ڪئليس پيڙا ٺياسين. جتان شپ ۾ چئن ڪلاڪن جي مسافري ڪري انگلش چئنل پار ڪري اچي برٽن جي پورٽ ڊورو

(Dover) تي پهتاسين. شپ مان پهرئين بسون، ڪارون، وينگنون، موٽر سائيڪون، سائيڪلون پوءِ مسافرن جو سامان پوءِ مسافرن کي لاٿائون. سڄي يورپ ۾ اميگريشن ۽ ڪسٽم ڪن يا نہ، سندن پنهنجي مرضي ڇو ته برٽن کان سواءِ ڪافي ملڪن جو هڪ ٻئي سان اميگريشن ۽ ڪسٽم جو گڏيل سهڪار آهي. مثلا اسڪنڊنيويئن ملڪن جو پنهنجو اتحاد آهي، جنهن ۾ سوئيڊن، ناروي ۽ ڊينمارڪ شامل آهن ته بينيلڪس ملڪن جو پنهنجو اتحاد جنهن ۾ هالينڊ، بيلجيم ۽ لگزمبرگ ملڪن ۾ پنهنجو اتحاد ته وري شينگن ملڪن جو پنهنجو اتحاد جنهن ۾ فرانس، جرمني، سئيزرلينڊ، اٽلي، آسٽريا ۽ اسپين ملڪن ۾ پنهنجو اتحاد آهي. ملڪ هڪ ٻئي سان سلهاڙيا پيا آهن. سو ڪٽي اميگريشن ٽئي ته ڪٽي نہ ۽ ائين ڪسٽم پڻ. پر برٽن ايندي ويندي ڪسٽم ۽ اميگريشن جون سڀ قانوني ڪارروايون پوريون ڪن، سو اسان پڻ انهن مرحلن کي طئي ڪندا اچي وري پنهنجي بسن پيڙا ٽياسين. ڇو ته هت هڪ نہ پر ڪيئي ڪاسموس وارن جون بسون ۽ سڄي يورپ جي ٽوئر ڪان پوءِ سڀ ٽوئر گروپ ڪاسموس وارن جا اچي هت آخري منزل تي پهچن ٿا. ٽوئر وارا ۽ پنهنجي گروپن کي ورهائيندا ۽ اڳتي لنڊن لاءِ روانا ڪندا وڃن.

اسان ۽ هڪ بس ۾ ويهي اچي ڪاسموس جي آفيس پهتاسين. اسانکي لائين ۾ بيهاري پنهنجو سامان حوالي ڪري خدا حافظ چئي هٿ ڪڍيائون.

مون پهرئين پوراني کي فون ڪيو ته آئون لنڊن پهچي ويو آهيان، جنهن چيو ته هاڻ هوٽل ۾ نہ پر منهنجي گهر ۾ رهبو. پاڻ پنهنجي ائڊريس ٻڌايائين. آئون ٽئڪسي ڪري سڌو پوراني جي گهر آيس. ٽئڪسي وارو فلسطيني هو. ڏاڍو هوشيار ماڻهو هو. مڊل ايسٽ جي سياست تي ڳالهائڻ لڳو ۽ پنهنجي سياسي حالتن تي تمام گهڻي جاڻ هئس. اسان ڳالهيون ڪندي اچي پوراني جي گهر پهتاسين. گهنٽي وڄايم ته پوراني پاڻ نڪري آيو. ٽيلفون تي ۽ ٿي دفعا ڳالهہ ٻولهہ ٿيل هئي. پر روبرو پهرئين ملاقات هئي. ڏاڍي قرب سان مليو. ٽئڪسي واري کان پڇيائين ته گهڻو پاڻو مون چيس ته پاڻو اڳ ۾ طئي ٿيل آهي. پوءِ پاڻ ٽئڪسي واري کي چيائين ته اهو پاڻو گهڻو آهي. هي وٺ نہ ته آئون ٽو پوليس کي اطلاع ڪريان. ويچارو فلسطيني ڏنل پاڻو وٺي ٿيو روانو. مونکي ٻڌايائين ته هي توهان کان زياده پاڻو پيو وٺي ۽ پڻ بئگ پاڻ ڪٽي سندس جڳهہ ۾ گهڙيو. سندس هيءَ ۽ ماڙ جڳهہ جنهن ۾ هيٺ هڪ ڊرائينگ، هڪ بيڊ روم آهي. گهر جي اڳيان ننڍو پوئين پاسي وڏو پارڪ آهي. جنهن ۾ پنج ڇهہ پلاسٽڪ جون بالٽيون هيون. جيڪي ٽانون ۽ ڪپڙن سان پريون پيون هيون. پارڪ ۾ چار پنج ڪرسيون ۽ هڪ ٽيبل پڻ پيل هئي. اڪثر شام جو انهن ڪرسين تي ڪچهري ٿيندي هئي. پوراني تڪا ۽ ڪباب هٿ سان تيار ڪري کارائيندو هو. سندس هٿن جا تيار ڪيل چانور ايترا لذيذ جو مون زندگي ۾ نہ کاڌا آهن.

مٿي ماڙ تي ٻہ بيڊ، هڪ ڪچن ۽ هڪ باٿ روم. پاڻ مٿي مونکي پنهنجي بيڊروم ۾ وٺي ويو. پاڻ چيائين تہ توهان سڪون ڪيو. آئون توهان لاءِ چانهہ ٿو تيار ڪريان. جيڪا گڏجي هيٺ پارڪ ۾ ٿا پيئون ۽ اهو ٻڌايائين تہ حمزه خان سياٽي صبح جو باءِ روڊ پنهنجي دوست ساجد سان گڏ اسڪالينڊ ڪان هتي پهچندو.

پوراني جهڙا ماڻهو مون دنيا ۾ گهٽ ڏٺا. لنڊن ۾ رهندي ائين محسوس ٿيندو هو تہ هي جهڙو پنهنجو گهر، سڄو ڏينهن ڳالهائي، رات جو پي ڪائي ڳالهائي پر ڪڏهن ب وات مان ڪو اهڙو لفظ نہ نڪريس جو ڪنهن جي دل آزاري ٿئي. سندس گهر ۾ سدائين پيا مهمان اچن ۽ وڃن. پر ڪين ڪڏهن ب اهو محسوس نہ ٿئي تہ ڪو اسان مهمان آهيون. هر ڪنهن کي محسوس ٿئي جهڙو پنهنجي گهر ۾ رهيو پيو آهي. رهائش مفت، کاڏو مفت، فون مفت، گاڏي مفت، پوراني جهڙو پيارو ماڻهو هر هنڌ ساڻ هجي تہ پوءِ پرائو ملڪ ب جهڙو پنهنجو ملڪ. پوراني اصل شڪارپور جو آهي. سندس فئملي امير ترين هئي. جنهن جون زمينون ۽ بزنس سان گڏ پريسون پڻ هيون. جيڪي قرباني پريس جي نالي سان سڪر ۽ ڪراچي ۾ پاڪستان نهڻ کان اڳ ئي قائم هيون، جن مان هڪ پوءِ ڪراچيءَ واري قرباني پريس سائين جي ايم سيد خريد ڪئي. جيڪا سائين جي ڪري ڪيترا سال ضبط رهي. پوراني چوويهہ سالن جي عمر ۾ لنڊن آيو. اهو اوائلي پنجاهہ واري ڏهاڪي جو دور هو. ٻي عالمي جنگ جا اثرات برٽن مٿان اڃا تائين هئا. جنهن ڪري برٽن کي (Man Power) جي سخت ضرورت هئي. سڄي برٽن کي نئين سري سان تعمير ڪرڻو هو. ٻئي عالمي جنگ ۾ سڄي يورپ کي هٽلر فتح ڪري چڪو هو. صرف روس ۽ برطانيا وڃي رهيا هئا. جن کي تباهہ ڪرڻ ۾ هٽلر ڪابہ گهٽائي ڪانہ ٿي چاهي. تنهن ڪري پهريون نمبر روس ۽ ٻيو نمبر برٽن کي ئي نقصان برداشت ڪرڻو پيو. جنهن ڪري جنگ کان پوءِ وڏو عرصو برٽن کي آباد ڪرڻ ۾ صرف ٿيو. انهيءَ دور ۾ پوراني لنڊن ۾ پهتو. بقول تہ پهچڻ شرط پاسپورٽ ۽ نوڪري جو آرڊر هٿ ۾ مليو مون ٻن ٽن سالن ۾ ايترو ڪمايو جو اڃان پيو ڪاوان. لنڊن ۾ سندس ٽي گهر آهن. انهن کانسواءِ دڪان پڻ اٽس. سندس مسواڙ مان ڪيس ايترو ملي جو پاڻ عزت سان لنڊن ۾ اوطاق قائم ڪريو وينو آهي. دبئي ۽ هندستان مان سندس مائٽ ۽ پاڪستان مان سندس دوست اچي وٽس مهينن جا مهينا رهن.

آئون پڻ اڪيلو ۽ فئملي سان گڏ ڪيترا دفعا وٽس رهيس ۽ اهو ڪڏهن ب محسوس نہ ٿيو تہ اسان ڪو هتي مهمان ٽي رهيا پيا آهيون. هر دفعي ايئرپورٽ تي وٺڻ ۽ ڇڏڻ اچي. پاڪستان ۾ پڻ فون ڪري پڇي تہ پليجا صاحب ڪيترا ڏانهن ٽي ويا آهن. ڪڏهن ٿا لنڊن اچو ۽ ڪڏهن ٿا ديدار ٿين. اهڙا ماڻهو سي ب لنڊن ۾ هجن، عجب جهڙي ڳالهہ آهي.

آئون هيٺ آيس تہ چانھہ سان گڏ الائي ڪيترن قسمن جا بسڪوٽ ۽ ڪيڪ رکيا ھئا. سائين پليجا صاحب ونو ونو ونو. چانھہ جو ڪوپ نہ، پر ڪوپ جھڙو گلاس اچي اڳيان رکيائين. مون کان پڇيائين تہ ٻاھر گھمڻ ھلبو يا ھت ڪچھري ڪبي. مون چيس تہ حمزہ بہ ڪونھي، راتين جو سڄي يورپ رلي رلي ٽڪجي پيا آھيون. سو اڄ رات ھت ڪچھري ڪبي باقي سياڻي کان ونڻي وري گھمڻ ڦرڻ شروع. پاڻ ڇڻن پنجن دوستن کي فون ڪري منھنجو تعارف ڪرايائين ۽ چيائين تہ اڄ مون رات مون وٽ ماني کائجو. پاڻ مونکي چيائين تہ ھل تہ ٽورو ٻاھران چڪر ھڻي اچون.

پنڌ ئي پنڌ ڪلاڪ کن گھمندا ڦرندا رھياسين. کاڌي پيتي جو ڪافي سامان ورتائين. جھن ۾ بيئر، وسڪي پڻ ھئي. سامان کڻي اچي گھر پيڙا ٽياسين. ٽوري دير ۾ اعظم، منيش، جسني ۽ بہ ٽي ٻيا سندس دوست پھچي ويا. ڪچھري ڪندي وڃي رات جا بہ ٽيا. ماني کائي سيڪو پنھنجي پنھنجي گھر روانو. صرف آئون ۽ پوراني رھجي وياسين. صبح سوير حمزو خان جو آواز ڪن تي پيو. شايد پاڻ اسڪاٽلينڈ کان واپس پھچي چڪو ھو. آئون اٿي سندس بيڊروم ۾ ويس. حمزي جو دوست سجاد ۽ ان سان گڏ سجاد جو ڪو مائٽ وينا ھئا. مونکي سجاد چيو تہ لنڊن اچڻ شرط اسان جي اڳيان ناشتو ھي سپ ڪجھہ ڏسي آئون حيران ٿي ويو آھيان. آئون اھا توقع نہ پيو رکان، ناشتو ڪري حمزو خان سمھي رھيو. سجاد ھيٺ اچي گل سھتي سان ڪچھري ۾ لڳي ويو. ڪچھري ڪندي ڪندي اچي جھيڙي جي نوبت پھتي. نيٺ سجاد ۽ سندس مائٽ موڪلائي روانا ٿي ويا. ٻن ٽن ڪلاڪن کان پوءِ حمزو خان بہ تيار ٿي ھيٺ آيو. پاڻ ٻڌايائين تہ عبدالرحمان پليجو ھت لنڊن ۾ اسپتال داخل آھي. ڪيس پچڻ ٿا ھلون. پوراني پنھنجي دوست ٽيريءَ کي فون ڪئي. جيڪا ڪار کڻي آئي. آئون ، پوراني ۽ حمزو ٽيريءَ سان ڪار ۾ اسپتال پھتاسين.

اسپتال جو نالو ھو (Chairng Cross) چيئرنگ ڪراس،اسان ھيٺ اسپتال جي رسيپشن تي ڪمري جو نمبر معلوم ڪري مٿي عبدالرحمان جي ڪمري ۾ پھتاسين. عبدالرحمان جو پٽ آصف ۽ سندس گھراري ساٿس گڏ ھئا. عبدالرحمان جي گھرواري ساٿس پاڪستان مان آئي ھئي پر سندس پٽ ھتي ئي رھندو ھو. اسپتال جو ڪمرو ڪافي وڏو ھو. اٽيچ باٿ روم پڻ ھئس. آصف اسان جا فوٽا ڪڍيا جيڪي عبدالرحمان ٻڌايو تہ ڏاڍا سٺا آيا ھئا. پر مون ايڏا تائين ڪونہ ڏٺا آھن. عبدالرحمان اسان کي اسپتال، سندس علاج ۽ خاص ڪري نرسن جو احوال، جن کيس روز ٽي وھنجاريو ٻڌايو تقريبن ھڪ ڪلاڪ کان پوءِ عبدالرحمان کان موڪلائي پوراني جي گھر آياسين. رات جو ڪچھري ٽي ڊاڪٽر خشڪ آيو جنھن کي مون ۽ حمزہ خان چيو تہ ڪرام ويل اسپتال ۾ ٽائيم وٺ، اسان کي پنھنجو ميڊيڪل چيڪ اپ ڪرائڻو آھي. ڊاڪٽر فون ٽي ٽائيم ورتو جيڪو ھڪ ڏينھن ڇڏي ٻئي

ڏينهن شام جو پنجين بجي يعني 93_06_30 هو. رات جو پروگرام ٿهيو ته صبح سوير برائيٽن هلبو. صبح سوير تيار ٿي آئون حمزه خان ۽ پوراني ٽرين ۾ چڙهي برائيٽن پهتاسين. سڄو ڏينهن برائيٽن بيچ تي مختلف جڳهين تي چڪر هڻندا گهمندا رهياسين. بيچ تي اٽڪل چاليهه هزار ڪن، ماڻهو هوندا جن ۾ ڏس ته ڪي ڪيڏو پايو ڪتاب پيا پڙهن ته ڪي ستا پيا آهن ته ڪي ڏوڙن پيا ته ڪي ماني پيا کائين. راندين جا هزارين قسم جت وڃ ات پير رکڻ جي جڳهه به نه ملي. اسان ماني به اتي کاڌي. ٽائيم گذرڻ جو احساس ئي ڪونه ٿيو. ڏاڍو مزو آيو. اسان شام جو ٽرين ۾ چڙهي واپس لنڊن لاءِ روانا ٿياسين. رات جو گهر پهتاسين. گل سهتو به آيل هو. جنهن رات جو عابده پروين جا ڪيسٽ تي ڏاڍا منا گيت ٻڌايا، ۽ انهن گيتن تي انگريز ڇوڪرين ڏاڍي زبردست ڊانس ڪئي. اسان جي ملڪ ۾ ڊانس ٿئي ڪانه_ اڳ ۾ ڪوڻن تي ڊانس ٿيندي هئي ۽ هاڻ وڏا ڪامورا ۽ ڪي امير ماڻهو پنهنجن بنگلن تي مجرا ڪرائين. ڪڏهن ڪنهن شاديءَ تي ڳائڻ يا ڊانس ٿئي پر يورپ ۽ آمريڪا ۾ ڊانس اتي جي ماڻهن جي ثقافت جو هڪ حصو آهي. ڪلبن ۽ هوٽلن ۾ باقائدگي سان ڊانس ٿئي. ماڻهو پنهنجن بنگلن، فليٽن ۾ دعوتون ۽ پارٽين ۽ خوشيءَ جي موقعي تي ڊانس ضرور ڪن، خبرئي ڪانه پئي ته ڪير ڪيڏي مهل وڃي هنڊ پيڙو ٿيو.

صبح جو مادام شاد ۽ شهر جو مختصر چڪر هڻي گهر پيڙا ٿياسين. جتي ڊاڪٽر خشڪ فون ڪيو ته تيار ٿي ويهو. آئون اچان ٿو. اسين ڪرام ويل روڊ تي برٽن جي مشهور فوجي ڊڪٽيٽر اوليو ڪرام ويل جي نالي سان قائم ڪيل اسپتال ڪرام ويل (Crom Well) پهتاسين. ٻاهر بهترين پارڪ هو. جنهن ۾ قسمين قسمين گل هئا. اندر رسيپشن جي ڪمري جي ڇت ڪافي اچائي تي ٽلهي ۽ خوبصورت شيشي جي ٺهيل هئي. جنهن ۾ هلڪي بلو ڪلر جي روشني ڏسندي ائين ٿي لڳو ته جهڙو آسمان. آئون ۽ حمزه خان ٻاهر ويٺاسين. ڊاڪٽر خشڪ منهنجي ڊاڪٽر جي ٻاهر ويٺل محترمہ ۽ حمزي جي ڊاڪٽر جي محترمہ کي اسان جو اطلاع ڏيئي آيو. ٿوري دير ۾ اسان کي اسپتال جا اپائينٽمينٽ ڪارڊ (Appointment Card) ڏنائون. جنهن ۾ اسان جا نمبر ۽ ڪافي معلومات لکيل هئي. ٿوري دير کان پوءِ هڪ عورت اچي مونکان پڇيو مسٽر عبدالحئي پليجو، مون چيو ها، چيائين توهان اندر هلو. مون سان گڏ ڊاڪٽر خشڪ به هليو. اندر ڪمري ۾ ڊاڪٽر ويٺو هو جنهن مشڪي اسان سان هٿ ملايو ۽ ويهڻ لاءِ چيو. ڊاڪٽر جو نالو ڊاڪٽر پيٽر جي رچرڊسن (Dr.peter J Richardson) هو. هو ڪنگسٽن ڪاليج ۾ پروفيسر هو. هيءَ اسپتال انهيءَ ڪاليج جو حصو آهي. مون ڪيس پنهنجي بيماري بابت ٻڌايو ته دل جي تڪليف آهي. به نندييون نسون بند آهن. ڪراچي ۾ ادائي سال اڳ ڊاڪٽر عبدالحق کان انجيو گرافي ۽ سال کانپوءِ ڊاڪٽر اظهر فاروقي کان

اسيڪنڊ اوپينين ورتم ۾ E.T.T رپيٽ ڪرايم جيڪا هاڻي نيڪ يعني (Negative) نيگيٽو آئي. دوائون باقاعدي کائيندو آهيان. اڌ ڪلاڪ کن پنڌ ٻ ڪندو آهيان. طبيعت صحيح آهي. پاڻ منهنجو مڪمل چيڪ اپ ڪيائين. چيائين ته وري E.T.T ۾ ڪجهه ٽيسٽون پڻ ڪرائي. مون چيس ته E.T.T پاڪستان وجي ڪرائيندس باقي ٽيسٽون ڪرايان ٿو. پاڻ چيائين ته توهان ٽيسٽ ڪرائي سپاڻي هت ڏيئي وڃجو. آئون هفتي کانپوءِ توهان کي رپورٽ ڏينداس. آئون توهانجي چيڪ اپ کان پوءِ سمجهان ٿو ته توهان جو نيچرل باءِ پاس ٿي ويو آهي. مونکي ڳالهه سمجهه ۾ نه آئي. پاڻ مرڪي چيائين ته تون خوش نصيب ماڻهو آهين جو قدرت تنهنجو آپريشن خود ٻ خود ڪري ڇڏيو آهي. اهو ائين جو ڪروڙن ماڻهن ۾ چند اهڙا ماڻهو هوندا آهن جن جون نسون بند ٿي پوءِ وري خودبخود کلي ويندیون آهن يا انهيءَ بند نسن جي جڳهه تي نيون نسون ٺهي پونديون آهن. مونکي هڪ ٻئي ٽيسٽ ٽيليم (Thallium) نالي لکي ڏنئين ته اها هت يا پاڪستان ۾ ضرور ڪرائج. اسان ڪرام ويل مان اها خوشيءَ جي خبر ٻڌي سڏا پنهنجي ايئر لائين وارن جي آفيس آياسين. جن چيو ته توهانجي اڏام سپاڻي آمريڪا لاءِ ڪنفرم آهي. پوءِ اسان ماني کائي گهر پهتاسين.

شام جو پوراني ڪباب ۾ تڪا هڻ سان ناهيا ۾ سيخ ڪنهن کي گرم ڪباب ۾ تڪا ڏيندو ويو. ڪباب ۾ تڪا ايتري تعداد ۾ ناهيائين جو اسان چيس ته اڄ آخري رات لنڊن ۾ شايد ماني کارائيندا. پوءِ ٺهيل ماني جي خوشبو جڏهن دماغ کي پهتي ته پڪ ٿي ماني ٻ کائڻي آهي. جيئن محفل ۾ رنگ ايندو ويو. تيئن گل سهتو عابده پروين جا گانا ٻڌائيندو ويو. سيخ مست ٿي عابده جي گاني کي جهونگاريندا رهيا. خبر ئي ڪانه پئي ته ڪيڏي مهل ماني کاڌيسين ۾ ڪيڏي مهل ستاسين. گهڙيال جي گهنٽيءَ تي اڪ ڪلي. ناشتو ڪري تيار ٿي پورانيءَ جي دوست اعظم جي گاڏي ۾ اسان آمريڪا وڃڻ لاءِ سري جي سرسبز علاقي مان ايئرپورٽ ڏانهن وڃي رهيا آهيون پورانيءَ اسان کي ايئرپورٽ تي ڇڏڻ لاءِ گڏ هليو.

سري جي سهڻي سرسبز علاقي مان لنگهندي مزو پيو اچي چئوطرف وڏا پروڪار وڻندڙ وڻ جن کي ڏسيو بليڊ پريشر پيو گهٽجي. جيئن ڪن ماڻهن تي قدرت مهربان هوندي آهي تيئن ڪن ملڪن تي ٻ قدرت مهربان هوندي آهي.

اسانجي ملڪ ۾ اسانکي وڻ هڻڻ يا آبادي ڪرڻ لاءِ وڏي جاکوڙ ڪرڻي پوندي آهي. پر هت گهڻين ۾ سدائين برساتن پوڻ ڪري وٽن يا زراعت لاءِ مصنوعي نموني پاڻي پهچائڻ جي ضرورت تمام گهٽ پوي.

برساتن جي ڪري آبادين تہ ٿهيو پر سڄيو ملڪ سرسبز ٿيو پيو آهي. پر جيڪڏهن ايتري مقدار ۾ برساتون نہ پون تہ شايد ٿر وانگر سڄو ملڪ رڻ ٿيو پيو هجي. يورپ جي هيڏي وڏي ترقيءَ جو هڪ ڪارڻ اهو بہ آهي.

اسان جي ڪار (Gate Wick) ڪانٽينينٽل ايئرلائين جي ڪائونٽر تي اچي بيني. ڪائونٽر تي وينل محترمہ اسان جا ٽڪيٽ ونڊي اسان کان پڇيو تہ سموڪي، نا سموڪي. اسان چيو نان سموڪي. پاڻ اسانکي سامان مٿي رکڻ لاءِ چيائين جنهن ۾ ٽئگ هڻي ۽ ٻيا ٽئگ اسان کي ڏيئي بوردنگ ڪارڊ ڏنو. ٽڪيٽ پڻ واپس ڪيو. اسانجي فلائيٽ نمبر Co_1753 هو. جيڪا (Houstion) هوسٽڻ کان ٽيندي (Los Angeles) لاس اينجلس پهچندي. ٽڪيٽ تي لکيل هو. (Thank you for choosing continental airlines) اسان دوستن کان موڪلائي اندر لائونج ۾ روانا ٿياسين. جتي اميگريشن ڪسٽم ۽ سيڪيورٽي چيڪنگ کان پوءِ اسان ڊيوٽي فري شاپ تي چڪر هڻي رهيا هئاسين تہ اسانجي اڏام جو اعلان ٿيو. اسان اچي جهاز ۾ ويٺا ٿياسين. جهاز پهنجي صحيح وقت تي روانو ٿيو. هي فلائيٽ تقريبن يارهن ڪلاڪن جي هئي. ماني ڪانپوءِ مائيڪل ڪين جي فلم ڏيکاريائون. سمهڻ جي ڪوشش ڪيم پر ننڊ نہ آئي. هونئن بہ مونکي مسافريءَ ۾ صفا ننڊ نہ ايندي آهي. سو جهاز ۾ ويهي ويهي ڪڪ ٿي پيس. اٿي جهاز جي پوئين حصي ۾ اچي بينس جتي بہ ڇٽا پيا بہ ٻينا هئا. شايد اهي بہ مون وانگر ٽڪ لاهڻ لاءِ اچي ٻينا هئا. هيءَ سڄي اڏام سمنڊ مٿان آهي. يعني برٽن ۽ آمريڪا جي وچ ۾ رڳو سمنڊ ئي سمنڊ آهي. اٽنديڪ، ويهنديڪ، اوپاسيون ڏينديڪ، فلمون ڏسنديڪ ماني کائينديڪ، جهوٽا لهنديڪ نيٺ الله الله ڪنديڪ انائونس ڪيائون تہ ٿوري دير ۾ توهان آمريڪا جي شهر هوسٽن جي انٽرنيشنل ائيرپورٽ تي پهچڻ وارا آهيو. سيٽ سڌي ڪري چيلهہ تي بيلٽ ٻڌي، سگريٽ وسائي تيار ٿي ويهو. سڀ مسافر حڪم جا بندا سهڻي سريلي آواز تي تيار ٿي ويهي رهيا. هوسٽن جو سهڻو ۽ تمام وڏو ايئرپورٽ جنهنجي چئوطرف وڏا وڻ هوائن ۾ جهولي لڏي لمي اسان جو آمريڪا اچڻ تي استقبال ڪري رهيا هئا. جهاز رن وي (Run way) تي لٿو ۽ آهستي آهستي بي (Bay) تي اچي ٻينو. مسافر پنهنجو پنهنجو سامان سهيڙي ايئر هوسٽس کي آخري سلام ڪندي ايئرپورٽ تي ڪسٽم ۽ اميگريشن لاءِ اچي لائن ۾ ٽيا. ڪسٽم وارن تہ اسان ڏانهن نهاريو بہ ڪونہ باقي اميگريشن ڪائونٽر تي ٽوري رش هئي. اميگريشن واري سواءِ ڪجهہ پڇڻ جي ڇهن مهينن جي ويزا هڻي ڏني. اسان اميگريشن ۽ ڪسٽم مان واندا ٿي اچي پنهنجي ايئرلائين جي آفيس ۾ ٽيا ٿياسين. هوسٽن جو ايئرپورٽ تمام وڏو آهي. هت انٽرنيشنل ۽ ڊوميسٽڪ يعني اندروني ملڪ پرواز جا ڪئين ڪائونٽر هئا. ايئرپورٽ بلڊنگ چار ماڙ هئي. اسان ڪانٽينينٽل ايئر لائين جي جنهن

ڪائونٽر تي آياسين اهو انٽرنيشنل هو. اسان کي انهن ئي ٻڌايو تہ ڊوميسٽڪ فلائيٽ لاءِ توهان هيٺ وڃو. ايئرپورٽ ايڏو تہ وڏو هو جو ڪافي پڇ پڇا کان پوءِ اسان پنهنجي ڪائونٽر تي پهتاسين. جن اسان کي اسانجي لاس اينجلس وڃڻ لاءِ فلائيٽ لاءِ بوربنگ ڪارڊ ڏنا. باقي سامان لاءِ چيائون تہ توهان کي هت کپي تہ هت ڏيون. يا نہ تہ لاس اينجلس ۾ وڃي کڻجو. اسان چيس تہ سامان (L.A) (لاس اينجلس جو مخفف) ۾ ئي وٺنداسين.

ايئرپورٽ فارملٽيز مان واندا ٿي اچي هڪ ريسٽورانٽ ۾ ويٺا سين. مون ڪافي پيتي ۽ حمزه پيپسي، ايئرپورٽ کي چئوطرف شيشا لڳل هئا. جنهن مان ٻاهر جو نظارو صاف نظر اچي رهيو هو. دنيا جي چند حسين ائيرپورٽن مان هي ايئرپورٽ پڻ هڪ آهي. L.A وڃڻ لاءِ اسان جي فلائيٽ جي انائونسمينٽ ٿي. اسان اٿي اچي پنهنجي جهاز پيڙا ٿياسين. هوسٽن کان لاس اينجلس وچ ۾ استينڊرڊ ٽائيم جو ٻن ڪلاڪن جو فرق آهي. آمريڪا جي ملڪ ۾ ٽي جدا جدا ٽائيم آهن. آمريڪا تمام وڏو ملڪ آهي، جنهن ۾ اندر جو اندر هڪ ڇيڙي کان ٻئي ڇيڙي تائين توهان کي ڇوڏهن ڪلاڪ لڳندا. جڏهن تہ ڪراچي کان دبئي ڏيڍ ڪلاڪ، ڪراچي کان ٻئنڪاڪ چار ڪلاڪ، ڪراچي کان هانگ ڪانگ اٺ ڪلاڪ، ڪراچي کان ٽوڪيو ڏهہ ڪلاڪ، ڪراچي کان لنڊن ساڍا اٺ ڪلاڪ، لنڊن کان آمريڪا نو ڪلاڪ، پر آمريڪا جي هڪ ڇيڙي کان ٻئي ڇيڙي تائين توهانکي ڇوڏهن ڪلاڪ لڳندا. آمريڪا جي باري ۾ وڌيڪ آئون توهان کي اڳتي ٻڌائيندس.

ڪانٽينينٽل ايئرلائين جو هي ننڍو جهاز تقريبن اڌ خالي پيو هو. اسان کي جهاز ۾ ڪيڪ، پيسٽري، ڪوڪ، چانهہ، جوس ۽ ڪافي پيش ڪيا ويا. توهانجي مرضي جيڪو پيئو. اسان چانهہ پيتي. جهاز ۾ ڪلاڪن جي نان اسٽاپ فلائيٽ ڪانپوءِ L.A جي انٽرنيشنل ايئرپورٽ تي پهتو. رات جو وقت هو. هيٺ سڄي زمين روشن ٿي پئي هئي. پاڻ وٽ پاڪستان هندستان ۾ رات جي فلائيٽ ڪٽ ڪٽ روشني ملندي. پر آمريڪا ۾ توهان کي رات جي اڌام ۾ هيٺ سڄي ڌرتي روشن ملندي. لاس اينجلس جي هن انٽرنيشنل ايئرپورٽ تي هوائي جهاز جهڙا ڪڙڪيتا لهي ۽ چڙهي رهيا هئا. مون زندگيءَ ۾ ايترا جهاز ڪنهن ايئرپورٽ تي لهندي ۽ چڙهندي ڪونہ ڏٺا. پر ماڻهو چون ٿا تہ اڄ بہ دنيا ۾ لنڊن جي هيٿرو ائيرپورٽ تي گهڻي ۾ گهٽا جهاز پرواز ڪن ٿا. جهاز رن وي تي لهي پنهنجي Bay تي پهتو. اسان جهاز ۾ ايئرپورٽ وچ ۾ ٻڌيل سيڙهي تان ٿيندا ايئرپورٽ پيڙا ٿياسين. جئين تہ اسان جي اميگريشن ۽ ڪسٽم ڪليئرنس هوسٽن ۾ ٿي چڪي هئي. تنهن ڪري هت اسان کي صرف سامان کڻڻو هو. پاڻ وٽ پاڪستان يا ٻين ڪافي ايئرپورٽن تي سيڪورٽي تمام گهڻي هوندي آهي. يا ونڊ ۽ ڇڏڻ وارا مهمان توهان کي تمام پري کان ڇڏڻا پوندا. پر هت آمريڪا ۾ مهمان توهان کي هوائي جهاز جي در

وٽ وڃڻ ۽ ڇڏڻ لاءِ منتظر ملندا، مون لاس اينجلس ۾ سينفرانسسڪو انٽرنيشنل ايئرپورٽ تي ائين ڏٺو باقي ٻين ايئرپورٽن جي مونکي خبر ڪانهي. ايئرپورٽ بلڊنگ اندر گهڙڻ شرط اسانکي اسانجو ميزبان نظام الدين وڏي حب ۾ اکير سان گلي ملي ڪِلي اسان جو آڏرياءُ ڪيو ۽ پنهنجي دوست سان اسانجي واقفيت ڪرائي. مون نظام الدين سان حمزه خان جو تعارف ڪرايو. سالن کان پوءِ نظام الدين سان روبرو ملاقات ٿي. اسان سڀ گڏجي سامان کڻڻ لاءِ ڪنويئر بيلٽ تي آياسين. جت صرف اسانجي فلائيٽ جو سامان هو. جنهن ڪري ٿوري دير لڳي. اسان سامان کڻي ايئرپورٽ بلڊنگ کان ٻاهر نڪري اچي نظام الدين جي ڪار ۾ سوار ٿياسين. ڪار پارڪنگ تمام وڏي هئي. جنهن ڪري ڪارن جي رش هوندي به رش محسوس نه ٿي. اسان نظام الدين جي سپر سيلون ڪوپي ڪرولا ڪار ۾ نظام الدين جي گهر ڏانهن روانا ٿياسين. هت يورپ جي مقابلي ۾ به طرفا ۽ ڪشادا رستا آهن. جن تي گاڏي هلائڻ جو مزو پيو اچي. يورپ ۾ گهڻو ڪري ننڍيون گاڏيون هيون. پر هت اڪثريت وڏين گاڏين جي هئي. جنهن ۾ اڪثريت جپاني گاڏين جي هئي. هتي جيڪي وڏيون لگزري گاڏيون روڊن تي پيون هلن، انهن مان پنهنجي ملڪ ۾ هڪ به نه آهي. هينئر ته پنهنجي ملڪ ۾ جپاني ڪمپنيون پاڪستان ۾ ئي گاڏيون تيار ڪن. جيڪي ايڏيون پائيدار ڪونه آهن. جهڙيون جپان مان امپورٽ ٿيل آهن. خود آمريڪن نهيل گاڏيون پڻ وڏيون سهڻيون ۽ مضبوط رستن تي ڇڻ ته هوائي جهاز پيا هلن. گاڏي ۾ هلندي هلندي نظام پاڪستان، سندڙ ۽ ٻني جا احوال ورتا، جنهن ۾ سندس دوست خاص ڪري حاجي غلام حسين ميمڻ ۽ ٻني جو احوال ته هينئر ڪا ترقي وغيره ٿي آهي يا اهي حال اٿس. مون ڪيس ٻڌايو ته تنهنجي ويڙ ڪان پوءِ ٻني جي آدمشماري ته اها ئي پندرهن سو آهي. پر شهر ڪافي ترقي ڪئي آهي. سڄو شهر ٻاهر پکي روڊ تائين پهچي ويو آهي. جهن ۾ گهٽ ۾ گهٽ ستر ڪن نوان دڪان نهيا آهن. شهر جي ٻاهران ٻنون مائينر نالي شاخ نهي آهي. هاءِ اسڪول اپ گريڊ ٿي ڪاليج ٿيو آهي. ان ڪانسواءَ پڪيون گهٽيون، واٽر سپلائي، ڊرينيج، جانورن جي اسپتال، ماڻهن جي اسپتال، پوليس استيشن ۽ ايگريڪلچر آفيس جون نيون بلڊنگون نهيون آهن، ٽيليفون، ايڪسچينج ۽ بئنڪ قائم ٿي آهي. ٽنڊو محمد خان ۽ حيدر آباد وڃڻ لاءِ تيز ڪوسٽر سروس پڻ چالو آهي ۽ نوجوان طبقي ۾ تعليم جو شعور پيدا ٿيو آهي. ادبي ۽ سماجي سرگرمين جي ڪري ان جي ارد گرد ماڻهن ۾ ڪافي شعور پيدا ٿيو آهي. ٻني جي ويجهو ٽن شگر ملن، يعني ديوان، شاهه مراد ۽ آبادگار شگر ملز جي ڪري ماڻهن سارين کي ڇڏي ڪمند پوکڻ شروع ڪيو آهي، جنهنڪري ماڻهن جي زندگي جو معيار ڪافي بهتر ٿيو آهي. توهان کي ٻني جي اردگرد رڳو ڪمند ئي ڪمند ، پڪا روڊ ۽ بجليءَ جا ٿنڀا نظر ايندا. پاڻ اهو ٻڌي خوش ٿيو. مون محسوس ڪيو ته ڪيترو وقت آمريڪا ۾ رهڻ ڪري به ٻني کي

وساري ڪونہ سگھيو ھو ۽ ھر ھر پئي ٻني ۽ ٻني واسين جو پڇيئين. اسان ٽي ھفتا آمريڪا ۾ رھياسين پر مون محسوس ڪيو تہ ڪوبہ اھڙو وقت نہ ھو جڏھن ٻني جو ذڪر ڪونہ ٿي ڪيائين.

جڏھن اسان آمريڪا ڇڏي واپس لنڊن روانا ٿياسين. تڏھن تہ ھر ھڪ ماڻھو جو نالو ونيو پيو سلام ڏئي.

لاس اينجلس جو شھر پئسفڪ سمنڊ ۽ لاس اينجلس نديءَ جي ڪناري تي بھترين موسم ۽ حسين نظارن جي ڪري آمريڪا جي خوبصورت ۽ مشھور شھرن مان ھڪ آھي. لاس اينجلس دنيا جو نمبر ون امير ترين ڏرتيءَ جو ٽڪر پڻ آھي. لاس اينجلس آمريڪا جو ٻيو نمبر وڏو شھر آھي آدمشماري جي لحاظ کان. لاس اينجلس آمريڪي رياست ڪئليفورنيا جي گاديءَ وارو شھر پڻ آھي. لاس اينجلس جي پنجٽيھ لک آدمشماري آھي. دنيا ۾ وڏي ۾ وڏو فلمي مرڪز ھالي ووڊ پڻ ھن شھر جو ھڪ حصو آھي. جنھن ڪري ھت ڪيترائي جڳ مشھور اسٽوڊيوز آھن ۽ جڳ مشھور فلمي ستارا پڻ رھن ٿا. جن ۾ مائيڪل جئڪسن، مئڊونا، آرنلڊ شيوارز نيگر، وان ڊيم، ميل گبسن، سلويٽر ۽ استالن شامل آھن.لاس اينجلس فلمن، فلمي اسٽوڊيوز، ميوزڪ، ريڊيو، ٽي وي ۽ ڊزني لينڊ (Disney land) جي ڪري دنيا جو وڏو سياحت جو مرڪز بہ آھي. سياحت سان گڏ نہ رڳو آمريڪا پر سڄي دنيا جو وڏو صنعتي ۽ خلائي مرڪز پڻ آھي. شھر مٿان ٿھيل رستن کي ھت چون فري ويز (Free ways) فري ويز جھڙا سھڻا ۽ ڪشادا رستا دنيا ۾ ٻئي ڪنھن ھنڌ نہ آھن. فري ويز تي ڪار ۾ ھلندي ائين محسوس ٿيندڙ جھڙوڪ توھان اڏامي رھيا آھيو.

نظام جو گھر ايئرپورٽ کان ايترو پري ڪونہ ھو. پر پاڻ اسان کي شھر جو چڪر لڳائي پوءِ پنھنجي فليٽ تي ونڻي آيو. پاڻ سندس بيبڊ روم اسان جي حوالي ڪري پاڻ ٻئي روم ۾ ويجي رھيو. اسان ٿورو آرام ڪري وھنجي ڪپڑا بدلائي اچي ٽي وي لانئوج ۾ ويناسين. نظام اسان جي اڳيان چانھہ رکي ۽ فون تي ڪيترن پاڪستاني دوستن کي اسان جي اچڻ جو ٻڌايو. انھن مھربانن پوءِ اسان جون ڪيتريون ئي پر تڪلف دعوتون ڪيون. ڪافي تحفا پڻ ڏنا. پوءِ مون ڏٺو تہ نظا جو رڳو لاس اينجلس نہ پر ڪافي ٻين شھرن ۾ پڻ دوستن جو وڏو حلقو موجود ھو.

اسان تيار ٿي ڪار ۾ چڙھي ھاليوڊ جي ھڪ نائيٽ ڪلب ۾ آياسين. نائيٽ ڪلب باھران عالم چنا جھڙو ڏگھو شيدي بادشاھہ ھٿ ۾ لڪڻ نہ پر بند ڪٽيو بينو ھو. مون ڪيس غور سان ڏٺو تہ مشڪي اسان کي چيائين ھيلو ھيلو (Enjoy). نائيٽ ڪلب ۾ تمام گھٽي رش ھئي. ان حد تائين جو ڪافي وقت بيھڻ کان پوءِ جڳھہ ملي.

ڪنھن زماني ۾ توھان کي يورپ ۽ آمريڪا ۾ عرب ٽوئرسٽ تمام گھٽا ملندا ھئا. پر ھينئر جپنيز ۽ ڪورين ٽوئرسٽ توھان کي عربن کان بہ وڌيڪ ملندا. ھينئر پئٽرو ڊالر نہ پر ھٿيارن ۽ ڪمپيوٽر ۽

انٽرنيٽ جي Age آهي. جنهن ڪري هاڻ انهن قومن جي اهميت دولت جي ڪري عربن کان زياده ٿي وئي آهي. ڪنهن زماني ۾ يورپين عورت عربن وٽ رهي پوءِ باقي زندگي عيش سان گذاريندیون هيون. پر هاڻ ته يورپ ۽ آمريڪا جي نائيٽ ڪلبن ۾ عربن کي هنئين چوندي ٻڌم ته "واحد گلاس وسڪي" يعني صرف هڪ پيگ، نه ته اڳ ۾ سندن ٻولي ٻي هئي. هن نائيٽ ڪلب ۾ توهان پنهنجي پسند جي ڊانسر کي وٽي پر ۾ ننڍين ڪمرن ۾ جدا نيڪ ڊانس بہ ڏسي سگهو ٿا. جنهن لاءِ توهان کي في ڏيڻي پوندي. ڪيترا شوقين پسند جي ڊانسرن کي پاڪرن ۾ گهلي اندر جدا ڪمرن ۾ وٽي، جدا نيڪ ڊانس ڏسي رهيا هئا. اهي ننڍا ڪمرا يا شيڊ اهڙي نموني ٺهيل هئا جو ٻاهر وڏي ڊانس هال ۾ ويٺل ڪجهہ قدر انهي ڊانس مان بہ مستفيض ٿي رهيا هئا. اسان جهڙن جون اکيون هال ۾ گهٽ پر انهيءَ طرف زياده ڏسي رهيون هيون. يعني "بندو بہ خوش ته شيطان بہ راضي" مطلب ته اسان انهي گناهہ جي ڪم ۾ شامل نہ آهيون. پر الله ته ڏسي پيو ته لکي لکي اهو گناهہ جو ڪم ڪري رهيا آهيون. سو بہ مفت ۾. ڪيترو وقت ڪلب ۾ گذاري نيٽ جڏهن بک لڳي تڏهن ٻاهر نڪتاسين. اتي ئي ڪنهن انڊين ريسٽورانٽ ۾ وڃي ويٺاسين. اسان مان ڪنهن اڃا سگريٽ مس دکايو ته هوٽل وارا پهچي ويا. سائين هي ته نو سموڪي حصو آهي. توهان مهرباني ڪري هتان اٿو ٻئي هنڌ هلي ويهو. آمريڪا ۾ توهان کي اهو مسئلو هر هنڌ نظر ايندو. ماني کائي گهر ڏانهن وڃي رهيا هئاسين ته نظام ٻڌايو ته هن گاڏي کي مون کي ونندي ادائي سال ٽيا آهن. پر ايان تائين پنچر ڪونہ ٿي آهي. هڪ پئٽرول پمپ تي نظام پئٽرول پرايو. پاڻ لهي ٻاهر ڪئبن واري کي پئسا ڏيئي اچي خود پئٽرول ڪار ۾ پريائين. پاڻ ٻڌايائين ته هت ائين ٽيندو آهي. پلي ڪٽي ڪيڏو بہ وڏو ماڻهو هجي پر خود پئٽرول گاڏي ۾ وجهڻو پوندس. جيترا پئسا اندر ڏيئي آيو هوندو صرف اوترو ئي پئٽرول گاڏي ۾ پوندو. پوءِ خودبخود مشين بند ٿي ويندي. هتي پئٽرول پمپن سان گڏ آٽو ميٽڪ ڪپڑن ڌوئڻ جون مشينون ۽ وڏيون سپر مارڪيٽون بہ هونديون آهن. جتي توهان کي هر شئي ملندي، فري ويز تي اهڙن پئٽرول پمپن تي رهائش ۽ کاڏي جون وڏيون وڏيون هوٽلون بہ ٽين. تمام گهڻي دير ٿي ويئي هئي. پر ٽرئفڪ ۽ روشنين جي ڪري رات ۽ ڏينهن جو ڪوبہ احساس ڪونہ هو. پاڪستان ۾ پاڻ لائيٽ جي بل کان ۽ ملڪ ۾ گهٽ لائيٽ پيدا ٽيڻ ڪري حڪومت اخبارن ۽ ٽي وي تي اشتهار ڏيندي آهي ته لائيٽ گهٽ خرچ ڪريو. سادگي اختيار ڪريو. پر هت ته هر هنڌ لائيٽ جا جهرمٽ لڳا پيا آهن. مون آمريڪا ۾ بہ ڀگالهيون هر هنڌ جت جت ويس ات تمام گهڻيون نوٽ ڪيون. يعني هڪ ته آمريڪن هر ڀگالهہ تي پيا کلن. ٻيو پيا کائين ۽ پيئن. يورپ ۾ ماڻهو روڊن تي هلندي گهٽ کائين. پر هت ته ماڻهو کائين ئي روڊن تي، هر هڪ کي کا نہ کا شيءَ هٿ ۾ پيو چرندو. ڪار هلائيندي بہ توهان ڏسندا ته ڪوڪويا جوس پيو پيئندو

يا وات پيو چورينڊو. يورپين جي مقابلي ۾ ڳالهائيندو به اهڙي انداز ۾ جو جڙ ڪا وات ۾ شيءَ پئي اٿس. آمريڪي اسٽائل ٿورو ڪهروءِ رف آهي. آمريڪن روڊن تي هلندا به اهڙا تڪڙا جو جهڙو ڊوڙن پيا. هلڻ جو به پنهنجو اسٽائل اٿن.

رات جو تمام دير سان گهر پهتاسين ننڊ به دير ڪونہ ڪئي. آئون سمجهان ٿو تہ ڏينهن جو هڪ بجي اک ڪوليم تہ حمزو خان ءِ نظام ستا پيا هئا. نظا م جو سالو قاسم ڪنهن ايئر ڪمپنيءَ ۾ نوڪري ڪندو هو. سو ستل ڪونہ ڏٺم، شايد ڊيوٽيءَ تي ويل هو.

نظام آمريڪا ۾ ڪجهہ وقت نوڪري ڪئي. پر هاڻ پنهنجو بزنس اٿس. مون چانهہ ٺاهي پيتي ءِ هيٺ ٿورو پرپرو اخبار ونڊ ويس. هت اخبارون وڪڻڻ تي ڪوبہ ماڻهو ڪونہ ٽئي. شيشي جي ڪٻٽن ۾ سجي آمريڪا جون ڪئين اخبارون رکيون آهن. پنهنجي پسند جي اخبار ڪٽي پئسا اتي رکي ڇڏيو. پيو مڙئي خير. هر ماڻهو اخبار گهر گهرائي تنهن ڪري اتي رکي رکيل اخبارن تي رش صفا ڪانہ ٽئي. گهر اچي اخبار پڙهيم. هتي جون اخبارون ڇا! جهڙا رسالا، خاص ڪري (Sunday) يا ڪنهن خاص ڏينهن تي اخبارون سون صفحن تي شايع ٿين. آمريڪا ۾ ايڏا مصروف ماڻهوڪيئن اهڙيون اخبارون پڙهندا هوندا. هر اخبار ۾ توهان کي هر چوائس ملندي. آمريڪا جون اخبارون ءِ رسالا توهان کي دنيا جي هر ملڪ ءِ هر شهر ۾ ملنديون. مثال ٽائيم، نيوز ويڪ، ريڊرس ڊائجسٽ، توهان کي پاڪستان جي هر وڏي شهر ۾ ملندا. باقي دنيا تہ ٽي پري. اهي ٽيئي رسالا آمريڪا يورپ ءِ ايشيا ۾ جدا جدا شايع ٿين. انهن رسالن جو آمريڪن ايڊيشن توهان کي ڪراچيءَ ۾ صرف (Agha's Super Market) آغاز سپر مارڪيٽ يا ميريٽ هوٽل تي ملندا. اسلام آباد ۾ هر هنڌ اهي ايڊيشن ملندا.

اڏ ڪلاڪ ڪن اخبار پڙهيم وري چانهہ ٺاهيم تہ نظام اٽيو ءِ پنهنجي مخصوص انداز ۾ سلام ڪري چيائين تہ سائين توهان ڇڏيو آئون ٿو چانهہ ٺاهيان. مون چيس تہ گرما گرم چانهہ تيار آهي. تون پيسٽ ڪري اڇ تہ گڏجي چانهہ پيون. چانهہ پيئندي پيئندي ڪيتريون پراڻيون ساروڻيون ياد اچي ويون ءِ اهو وسري ويو تہ ڪو اسان آمريڪا ۾ وينا آهيون. جڙ تہ پنهنجي ڳوٺ ٻني واري پيجاريءَ جي ڇهر تي ٻارن کي ڪرڪيٽ ءِ والي بال راند ڪڏندي ڏسي رهيا آهيون ءِ شام جو شهر جو مال، ڏنار ٻيلي مان ڪاهي واپس وڃي رهيا آهن. شهر جا جوان ٽولن ۾ پنهنجي پنهنجي چوپاري لڳايو وينا آهن. ٽڏي هير ۾ ڇهر تي ليٽندي ٽارن جي واڱڻائي ءِ ديويءَ جي پيلن گلن جي سرهاڻ جڙ تہ اسان جو هتي به پيڇو ڪري آئي هجي. اسان تيار ٿي ٻاهر. گهمڻ Town of the Queen of the angels فرشن جي راڻي جي Angels_los_or loss= Praise or Reputation هن شهر ۾ گهڙي پياسين. جيڪو آمريڪا جي پنجاهہ رياستن، هر هڪ.

1_ واشنگٽن	Washigton
2_ اوريگان	Oregon
3_ نويدا	Nevada
4_ مونٽانا	Montana
5_ اڊاهو	Idaho
6_ اٽاهه	Utah
7_ اريزونا	Arizona
8_ يومنگ	Wyoming
9_ ڪولورادو	Colorado
10_نيو ميڪسيو	New Mocico
11_نارٿ ڊاڪوٽا	North Dakota
12_سائوٿ ڊاڪوٽا	South Dakota
13_نيبراسڪا	Nebraska
14_ڪانساس	Kansas
15_اوڪلاهوما	Oklahoma
16_ٽيڪساس	Texas
17_اووا	Lowa
18_مائينيسوٽا	Minoesota
19_مسوري	Missouri
20_آرڪينساس	Arkansas
21_لوسيانا	Louisiana
22_وسڪانين	Wisconsin
23_الينوائس	Illinois
24_مشيگان	Michigan
25_ڪينٽڪي	Kentucky
26_اوهيو	Ohio
27_ٽينيسي	Tennessee

28_الاباما	Alabama
29_ فلوريڊا	Florida
30_ سائوٿ ڪيرولينا	South Carolina
31_ ورجينيا	Virginia
32_ نارٿ ڪيرولنيا	North COrolina
33_ ويسٽ ورجينيا	West Virginia
34_ پينسلوانيا	Pennsylvania
35_ نيويارڪ	New Yark
36_ مئيني	Maine
37_ نيو هيمپشائر	New Hampshire
38_ ورمانٽ	Wermont
39_ مساچوسيٽس	Massachusetts
40_ روڊي آئلينڊ	Rhode Island
41_ ڪونيڪٽيڪٽ	Connecticut
42_ نيو جرسي	New Jersey
43_ ڊلاويئر	Delaware
44_ ميري لينڊ	Mary land
45_ الاسڪا	Alaska
46_ مسيفسيپي	Mississippi
47_ هوائي	Hawaii
48_ جارجيا	Georgia
49_ انڊيانا	Indiana
50_ ڪيليفورنيا	California

جي گاديءَ جو هنڌ لاس اينجلس کي گهمڻ ڦرڻ لاءِ نڪري پياسين. گهمڻ لاءِ ڪئين مکيہ مرڪز آهن. جن ۾ مارڪيٽ، چائنا ٽائون، لٽل ٽوڪيو هاليوڊ، بيورلي هلز يونيورسل اسٽوڊيو. گرفٽ پارڪ، ڊائون ٽائون ۽ سمنڊ جو ڪنارو اچي وجن ٿا. اتي سدائين ماڻهن جي ميڙ لڳي پئي آهي. اسان ڊائون ٽائون جي علاقي ۾ گاڏي بيهاري سپر مارڪيٽن ۾ گهڙي پياسين. هڪ سپر مارڪيٽ

مان ٻئي سپر مارڪيٽ ۾ پهچندا وياسين. اتان مون ڪافي واچون، جوراب ۽ ميڪ اپ جو سامان ورتو. اڄ اسان سان نظام جو دوست ظفر به گڏ هو. ڏاڍو مزيدار ماڻهو هو. هڪ سپرمارڪيٽ ۾ وياسين جنهن جو مالڪ سنڌي هندو هيرالال مهتاڻي هو. اسان اتان به ڪجهه خريداري ڪئي. اسان کلي ظفر ۽ نظام ٻڌايو ته لاس اينجلس جي (Diamonds) هيرن جواهرن جا وڏا واپاري ڪافي انداز ۾ سنڌي هندو آهن. جن جا ڪروڙن جا واپار آهن. ڪافي وقت ڀائون ٽائون جي علائقي ۾ چڪر لڳائي گهر پهتاسين. جتي فون ڪري ماني گهرائي سين. ماني ۾ هڪ اضافي ڊش مفت ۾ ڏنائون. توهان پنهنجي پسن جي ماني ڪيڏي مهل به فون ڪري گهرايو. ٽائيم ٻڌائيندا ته هيتري وقت ۾ ماني پهچي ويندي ۽ اوتري وقت ۾ ئي ايندي. ڪابه اضافي چارج ڪانه ونندا ۽ هڪ به ڊش مفت ۾ ڏيندا ۽ اڳهه به مناسب، گهٽو ڪري ته ريسٽورانٽ کان به سستي هوندي آهي. هونئن به آمريڪا يورپ کان ڏهيو پر ٻين ڪافي ملڪن کان به سستو آهي. کاڌو، رهائش، فون، شاپنگ، ٽئڪسي، عياشي، بدمعاشي هر ڳالهه سستي، توهان کي ٻئي ملڪ جي شيءَ انهيءَ ملڪ کان به آمريڪا ۾ سستي ملندي. هونئن به حد جي صوبيدار کي ٻين ماڻهن جي پيٽ ۾ هر شئي سڻي ۽ سستي ملندي آهي.

شهيد پٽي جو نعرو هو ته "طاقت جو سرچشمو عوام آهي،" پر مون ڏٺو آهي ته طاقت جو سرچشمو عوام نه پر ٽاٽوآهي. جنهن وڏيري جو ٽاٽي تي ڪنٽرول، اهوئي طاقتور حاڪم آهي. آمريڪا بادشاهه ته سڄي دنيا جو ايس ايچ او آهي. سو انهيءَ ملڪ ۾ هر شيءَ سڻي، سَسِتي، ملاوٽ کان پاڪ.

اسان شام جو هڪ تمام وڏي مارڪيٽ ۾ وياسين. جتي گهٽو ڪري سڀ دڪان هندستاني ۽ پاڪستانين جا هئا. هر پاڪستاني ۽ هندستاني شيءَ به ملي. نظام سندس پائليٽ دوست، جيڪو جنرل ضاءَ جو پائليٽ به رهي چڪو هو ۽ هينئر هوائي جهازن جي سکيا جو هتي آمريڪا ۾ سندس ذاتي ادارو آهي. جنهن ۾ پائليٽ شاگردن کي سکيا ڏيندو آهي. سندس پنهنجا ذاتي ڏهاڪو ڪن هوائي جهاز آهن، جيڪي مسواڙ تي ورتل اٿس. تنهن کي فون ڪري گهرايو ۽ ڪيس چيائين ته منهنجا هي دوست پاڪستان مان آيا آهن. انهن کي اڄ تنهنجي هوائي جهاز ۾ لاس اينجلس مٿان رات جو چڪر لڳرائيندا سين. هن چيو ته اهو ڪو مسئلو ڪونهي. هن صاحب پهريائين ايويئشن (Aviation) وارن سان ڳالهايو. جتان ڪيس جواب مليو ته اڄ نه پرسياڻي فلاءِ (Fly) ڪجو. چو ته موسم صحيح ناهي تنهن ڪري سياڻي رات جو پروگرام رکو. ٻيو ته جهازن جي گهٽي رش آهي. هن کين چيو ته آئون سياڻي ٻاهر ويندس. ان تي ايويئشن وارن ڪيس چيو ته توهان انتظار ڪريو.

اسان توهان کي ٻڌايون ٿا. تمام گهڻي دير کان پوءِ جواب ڏنائون ته اڄ ممڪن ناهي. ائين نظام طرفان اسان لاءِ رڪيل بهترين پروگرام ٿي نه سگهيو. انتظار ۾ ڪيڏانهن ٻاهر به نڪري نه سگهياسين. ڇو ته ڪافي دير ٿي ويئي هئي. اڄ اسان جو پروگرام هو ته صبح جو اول جڳ مشهور يونيورسل اسٽوڊيو (Universal Studio) ڏسبو. شام جو آمريڪا، ڪينيڊا ۽ ميڪسيڪو ۾ رهندڙ سنڌين جي تنظيم سانا (SANA) جي سالياني اجلاس ۾ شريڪ ٿبو. انهيءَ جو خاص مهمان رسول بخش پليجو هو. جيڪو آمريڪا ۾ خاص انهيءَ ڪانفرس ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ پاڪستان مان آيل هو. اسان تيار ٿي يونيورسل اسٽوڊيو روانا ٿياسين. جتي پهچي نظام ڪار پارڪ ڪري ٽڪيٽون ورتيون.

آمريڪا سان پاڪستان جي ماڻهن جي محبت ۽ نفرت جو اظهار به ڏاڍو عجيب ۽ دلچسپ آهي. آمريڪا عراق تي حملو ڪيو ته ان وقت سيني ماڻهن پنهنجي پٽن تي عراق جي صدر جو نالو صدام حسين رکيو. هر ٽرڪ تي صدام حسين جو ڦوٽو هو ۽ صدام حسين جو نالو هر گهر ۾ پهچي چڪو هو. وري جڏهن آمريڪا عرب واپاري اسامه بن لادن جي هيڊ ڪوارٽر افغانستان ۾ حملو ڪيو ته سڄي پاڪستان ۾ اسامه بن لادن جا پوسٽر لکن جي تعداد ۾ وڪرو ٿيا. وري جڏهن آمريڪا لاٽري ذريعي شهريت ڏيڻ جو اعلان ڪندو آهي ته ڪراچي، حيدرآباد ته ٽهيو پر ٻني جا به ڪيترا ماڻهو ان لاءِ فارم پريندا آهن. پاڪستان جي هر رسالي ۽ اخبار ۾ توهان کي ان لاءِ مڪمل جاڻ ملندي. ڪراچي، حيدرآباد، لاهور، اسلام آباد ۽ هر وڏي ننڍي شهر ۾ لاٽري فارم ملندا. اخبارن جا هاڪر ته رسالن سان اهي فارم تيستائين وڪڻندا رهندا جيستائين وڃي ويزا لاٽري جي تاريخ ختم ٿيندي. اهو نفرت ۽ محبت جو انداز به عجيب آهي. يونيورسل اسٽوڊيو دنيا ۾ ٿي وي ۽ فلم جو وڏي ۾ وڏو اسٽوڊيو آهي. جيڪو 425 ايڪڙن تي ٽهيل آهي. هيءَ هڪ ننڍي دنيا آهي. جتي هڪ ٻئي طرف جي ڪابه خبر نه آهي. ڪيڏي مهل ريل ۾ ته ڪيڏي مهل جهنگ ۾. هن کي گهمڻ لاءِ هڪ نه پر ڪئين ڏينهن گهرجن. هت توهان فلم نه پر جيئريون جاڳندیون فلمون ڏسندا ته فلمون ڪيئن ٿيون ٽهن. ڪن ڪن جڳهين تي توهان کي ڪل ٿيندي. مثال توهان هڪ سين ڏٺو ته ڪار هلندي هلندي وڃي پاڻي ۾ ڪري ۽ ان ۾ سوار سڀ ٻڏي مري ويا. وري ٿوري دير ۾ ڪار پاڻي کان ٻاهر ۽ مسافرن کي ڪجهه به نه ٿيو. يا همراهه کوهه يا کڏ ۾ ڪريا. مٿان انهيءَ کوهه ۽ کڏ ۾ بم اڇلايائون ته کوهه تباهه. همراهن جي جسم جا ٽڪرا ٽڪرا ٿي ٻاهر نڪري هيڏانهن هوڏانهن پکڙجي ويا. ٿوريءَ دير ۾ ڏسندا ته اهي کوهه ۾ پيل همراهه بلڪل صحيح سلامت گڏ يا کوهه مان پيا ٻاهر نڪري. يا هوائي جهاز ۽ هيليڪاپٽرن جا ساموندي جهازن تي حملا ۽ هڪٻئي

تي حملا، جهاز تباهه ۾ غرق ٿي ويا. ٿوري دير ۾ ڏسندا ته هوائي جهاز هيليڪاپٽر بلڪل صحيح سلامت نيڪ ٿي پنهنجي جڳهه تي اچي ويا. يا توهان ٽرين ۾ پيا وڃون. ٽرين وڃي وڏي اوڙاهه ۾ ڪري يا ڪنهن پاڻيءَ جي ڏنڊ ۾ ڪري ۽ چئوطرفن پاڻي. رڙيون ۽ روڄ لڳا پيا آهن. شينهن، ڊائنوسار ۽ بلائون توهان کي بس هاڻ ٿيون وات ۾ وجهي ڇڪڻ ڪائين. وري ٿوري دير ۾ ڏسو ته توهان ۽ توهان جي ٽرين يا ٽرام بلڪل نيڪ ٿي ويا ۽ توهان اڳتي سفر تي پيا وڃو. سڀ پروگرام ايڏا سهڻا جو مصنوعيت جو تصور به نه ٿئي. هن اسٽوڊيو ۾ هڪ نه پر ڪئين ڊپارٽمينٽ آهن. جن جي مڪمل معلومات جو ڪتابچو توهان کي رسيپشن تي ئي ملي ويندو يا اڳيان انفرميشن بوٿ (Information Both) تي توهان کي هر ڳالهه سمجهائيندا. توهان جي تفريحي ۽ هي رهنمائي لاءِ هي سيڪشن ناهيا ويا آهن.

1_ Guest Relation
2_ First Aid
3_ Security
4_ T.V Ticktes
5_ Read Mision
6_ Daiper Changing facility
7_ Lost Children and lost found
8_ Production schedules
9_ Photo with stars
10_ Film and Camera on Rent
11_ Travelers Cheek Credit cartd
12_ Ready Tealer Cash Machine

اهي اسٽوڊيو کي هلائڻ ۽ سمجهڻ جا ڊيپارٽمينٽس آهن ۽ اسٽوڊيو جنهن کي تفريح جي مقصد لاءِ ناهيو ويو آهي. انهيءَ جون تقريبن پنجاهه برانچون آهن. جن ۾ هڪ هڪ ڪلاڪ جا پروگرام ٿين. جنهن جا مڪيه ۽ مشهور پروگرام هي آهن.

1_Animal Actors stage
2_Carnival International
3_Fievels play land

هي پروگرام ننڍن ٻارن جي لاءِ ڏاڍي دلچسپي جو آهي.

4_An American Tail Show
5_Conan
6_Rochy and Bull winkle show
7_Star Treck
8_The wild_wild_west
9_Maimi vice
10_Back Draft
11_Cinamic
12_E_T
13_Back lost Tour
14_king kong
15_Bact to the future squire
16_Taws
17_Flash Food
18_psychi House
19_Collaping Bridge
20_Eath Quack
21_Avalanche
22_Tram Ride

اهڙا ٻيا ڪوڙ پروگرام، اسٽوڊيو جي اندر دڪان، بارون ۽ هوٽلون، سي بہ درجن جي حساب سان، جتي توهان کي آمريڪا کانسواءِ ميڪسيڪن، جپنين، يورپين، چائينيز، انڊين ۽ ٻين ڪيترن ملڪن جا

قسمين قسمين ڪاڏا ۾ مشروبات ملن. ماڻهن جي هر پروگرام سينٽر تي ايڏي رش جو ٽائيم گذرندي خبر ئي نه پئي. سڀ پروگرام هڪ ڏينهن ۾ ڏسڻ ته ناممڪن هو پر جيئن ته نظام هت ڪيترا دفعا آيو هو. تنهن ڪري هن اسان کي دلچسپ ۾ مکيه مکيه پروگرام ڏيکاريا ۽ گهمايا. اسان ٻنهڑن جي ماني ۽ شام جي چانهه اتي ئي ورتي. هن استوڊيو ۾ سڄي دنيا جا سياح هزارن جي تعداد ۾ اچن. هن استوڊيو کي آمريڪن فلم پروڊيوسر ڪارل ليمي ٺاهيو. پر هي هاڻ آمريڪن نه پر ڪنهن جپنيز خريد ڪيو آهي ۽ ان جي ملڪيت آهي. اسان سڄ لڻي مهل هن عظيم يونيورسل استوڊيو ۾ هڪ نه وسرندڙ ڏينهن گذاري ڪيس خدا خافظ چئي گهر پيڙا ٽياسين. جتي ڪجهه دير آرام ڪري چانهه پئي هوٽل "ميرٽ" ڏانهن روانا ٽياسين. جيڪا نظام جي گهر جي بلڪل ويجهو ئي هئي. اتي (Sana) جو سالياڻو اجلاس ٿي رهيو هو. آئون اڳ به عرض ڪري آيو آهيان ته Sana مخفف آهي. (Sindhi Association Of North American) سنڌي ايسوسيئيشن آف نارٿ آمريڪا جو يعني ته U.S.A ميڪسيڪو ۽ ڪينيڊا ۾ رهندڙ سنڌين هڪ تنظيم ٺاهي ته اتي رهندڙ سنڌي هڪ ٻئي سان واقف رهن ۽ هڪ ٻئي سان ملند جلندا ۽ باخبر رهن ۽ ڪين ڄاڻ هجي ته ڪٿي ۽ ڪيترا سنڌي رهن ٿا. اها تنظيم پنهنجي سالياني گڏجاڻي ڪري ۽ هڪ رپورٽ پڙهي ۽ شايع ڪري. پر اها تنظيم آهستي آهستي هاڻ نه صرف هڪ سماجي تنظيم پر سنڌين لاءِ هڪ سياسي تنظيم به ٿي ڪم ڪري رهي آهي. جهن کي پنهنجو هڪ رسالو پڻ آهي. جنهن کي 1_خالد هاشماڻي 2_ارشاد قاضي 3_منظور شاهه 4_محمد مٺل وقاصي ۽ محمود قلباڻي پنهنجي محنت سان شايع ڪندا آهن ۽ هاڻ پنهنجي سالياني اجلاس ۾ سنڌ مان مهمان خصوصي ۽ راڳ رنگ جي محفل لاءِ فنڪار به گهرائين. جنهن ۾ 1_ رسول بخش پليجو 2_ عبدالحفيظ پيرزادو 3_غلام مصطفيٰ شاهه 4_ عبدالله شاهه ۽ راڳ رنگ جي محفل لاءِ عابده پروين ۽ زرينه بلوچ شامل آهن ۽ سنڌ جي مسئلن ۽ سنڌ سان هر ٽيندڙ ناانصافي کي هيءَ تنظيم انساني حقن واري انٽرنيشنل تنظيم ۽ انٽرنيشنل پريس ۽ آمريڪا جي بين انٽرنيشنل فورمن تي آڻي ٿي ۽ سنڌ مان ڪوشش ڪري سنڌ ۽ سنڌين سان ٿندڙ بي انصافيءَ جا انگ اکر گڏ ڪري. سانا وارا انهيءَ مقصد کي اڳيان رکي سنڌ مان ڏاها ۽ سياسي ليڊر گهرائي پنهنجي خيالن کي ٻڌن ٿا ته جيئن سنڌ ۽ سنڌين سان سڌي طرح رابطي ۾ رهن ۽ تازي معلومات حاصل ڪري سگهن. هيءَ تنظيم سنڌ جي ڪن تنظيمن کي ايمبولينس ۽ مالي امداد پڻ ڪندي آهي. مطلب ته آمريڪا ۽ انٽرنيشنل پليٽ فارم تي هيءَ تنظيم سنڌين جي حقن لاءِ پاڻ پتوڙي رهي آهي. اسان (Sana) سانا جي آخري اجلاس ۾ جڏهن پهتاسين ته ڪافي پراڻن دوستن سان ملاقات ٿي. جنهن ۾ قاضي خالد، اقبال ترين، قلباڻي، هالپوٽو ۽ ٻيا پڻ ڪافي دوست گڏيا جن مان ڪي ته اسان جي پڙهائي واري دور ۾ اسان سان گڏ پڙهندا

هئا يا وري ڪنهن شاگرد تنظيم ۾ سنڌ ۾ گڏجي ڪم ڪندا هئا. سڀ دوست ڏاڍي حب ۽ خلوص سان گڏيا ۽ ڪيئي پراڻيون يادون ياد اچي ويون. اسان جو تعارف پڻ ڪرايو ويو. جيڪو قاضي خالد اڪبر مرحوم ڪرايو. (تازو پاڻ وفات ڪري ويو آهي.) سنڌ ۾ ساڻس ڪيئي ڪچهريون سندس سول لائين واري گهر ۾ ۽ ڪراچيءَ ۾ ٿيون. (Sana) جي عهديدارن سان پڻ ملاقات ٿي. جنهن ۾ (Sana) جو صدر اي ڊبليو پٽي ۽ هوست ڪاميٽي جو صدر نثار صديقي خاص طرح شامل آهن. آخر ۾ هن سيشن ۽ اجلاس جي خاص مهمان رسول بخش پليجي تقرير ڪئي. جنهنکان پوءِ موسيقي جي محفل ٿي. جنهن ۾ عابده پروين کي دعوت ڏنل هئي پر اها نہ پهچي سگهي. هن محفل ۾ هڪ سنڌي هندو ڇوڪريءَ ڪلاسيڪي ڊانس ڪئي جيڪا لاجواب محفل جي پڄاڻي ٿي. مون کي نالو ياد ڪونهي پر نظام جي ڪنهن دوست وٽ هن ئي هوٽل ۾ ڪافي دير تائين ڪچهري ڪري پوءِ گهر ڏانهن روانا ٿياسين. موڪلائڻ مهل اقبال ترين پنهنجي ائڊريس ڏني ۽ دعوت بہ ڏني. رات جي مانيءَ جو بندوبست بہ هن هوٽل جي ڪمري ۾ ڪنهن دوست وٽ هو. ڪافي دير اتي ڪچهري هلي پوءِ سيني يارن کان موڪلائي واپس گهر آياسين. صبح جو سوير تيار ٿي (Disney Land) لاءِ روانا ٿياسين. دنيا جي جڳ مشهور تي وي ۽ فلم ڊائريڪٽر ۽ پروڊيوسر جنهن ڪارٽون جي دنيا ۾ Molise mickey ۽ Donald Duck جي نالي سان وڏي شهرت ماڻي سو هو Water Euas Disney جيڪو اصل شڪاگو جو رهاڪو هو. پر پنهنجي سڄي زندگي ڪئليفورنيا ۾ گذاري. ان 1955ع ۾ ڊزني لينڊ ناهيو ۽ پوءِ 1971ع ۾ Florida رياست ۾ Orlando جي ويجهو (Disney World) ۽ (Disney Wild park) قائم ڪيو. 1972ع ۾ ئرس ٻاهران هن ئي فرم ئي يورو ڊزني پڻ قائم ڪيو آهي. ڊزني لينڊ ۾ داخل ٿيڻ لاءِ ٽڪيٽ جو نالو آهي (Passport) جنهن جا ست قسم ٿين.

1_Three Magic Days

2_Two Magic Days

3_One Magic Day

4_Disney Land Annual Passport

5_Disney Land Seasonal Passport

6_Senior Fun Passport

7_Guided Tours

جھڙي طرح ٽڪيٽ کي چون (Passport) تھڙي طرح توھان ڊالر جي بدلي جيڪي ڪوپن ونڻي اندر استعمال ڪندا ان کي چون Disney Dollor اھوڪوپن توھان ڏزني لينڊ کان ٻاھر بہ مٽائي واپس ڊالر ونڻي سگھو ٿا.

اسان پنھنجي گاڏي پارڪ ڪري ٽڪيٽ لاءِ اڳتي وڌياسين تہ آسمان ۾ ڪڪر وانگر لکيو پيو ھو (Well Come to Disney land) اھو جملو وري وري ٿي لکيو ويو. ھن ڪار پارڪنگ لاءِ جيڪو گرائونڊ ھو ان ۾ آئون سمجھان ٿو تہ لک کن گاڏين بيھڻ جي گنجائش ھئي. گاڏي بيھارڻ ۽ سمجھائڻ لاءِ بہ ھڪ ھڪ گاڏيءَ کي ڪتابچو ٿي ڏنائون. جنھن ۾ ڪار پارڪنگ بابت سمجھاڻي ڏنل ھئي. تہ جانور ۽ ڪائڻ پيئڻ جو سامان توھان اندر ڪٽي نٿا وڃي سگھو. واپس اچڻ وقت توھان ڪھڙي نموني سان گاڏي ڪڍي ويندا. جيڪڏھن توھان پروگرام وچ ۾ ڇڏي ويندا تہ ڪھڙي نموني گاڏي پارڪ ڪجي ۽ ڪڍجي. اسان جنھن وقت داخل ٿياسين اھو تائيم ھو صبح جو 20_11 ڪمپيوٽر ٻڌايو پئي تہ اسان جو نمبر ڪھڙو ھو. مون ڏٺو تہ مونکان اڳ پنج لک نو ھزار ڪجھ سئو ماڻھو اندر داخل ٿي چڪا ھئا. اھو آڪر جو ڏينھن ھو شايد ان ڪري ايتري رش ھئي اندر ڪنھن ڪنھن پروگرام ۾ تہ ھڪ ھنڌ پنجاھ ھزار ماڻھو بہ ڏسڻ ۾ آيا. ھڪ ھڪ ايليويٽر تي ماڻھو جھڙيون مکيون چنبڙيون پئيون ھيون. ھت ھڪ نہ پر سون جي تعداد ۾ پروگرام ٿين. جن کي ڏسڻ لاءِ ھڪ ڏينھن نہ پر ڪئين ڏينھن گھرجن. سيني پروگرامن ۾ آخري پروگرام رات جو جلوس ھڪ سحر انگيز پروگرام ٿيندو آھي. جنھن کي ڏسي ماڻھن جا ھوش اڏاميو ويجن. تمام وڏو جلوس جيڪو رنگ برنگ بلبن سان سجايل. جنھن ۾ ڪيئي حسين ناريون پنھنجن خوبصورت ادائن سان آيل مھمانن کي آخري الوداع چون ۽ اھڙي سھڻي انداز ۾ الوداع چون جو ائين محسوس ٿيندو تہ اھو سڄو اھتمام مون لاءِ آھي. اھو پروگرام ڪافي رات تائين ھلي ۽ ڪيترائي ماڻھو ان پروگرام کي ڏسڻ لاءِ سوير کان ئي لائنون ھڻي ويھي رھن. آئون توھان کي اندر جي پروگرامن ڏيکارڻ کان اڳ ئي ٻاھر ونڻي آيس. سو سائين اسان پڻ ٽيڪٽ وٽي جيڪا نظام خريد ڪئي. اندر داخل ٿياسين اسان جو تصور ھو تہ اندر ڪا ڏاڍي رش ھوندي پر سواءِ آخري پروگرام جي اسان کي اندر ڪٿي بہ رش محسوس نہ ٿي. اندر گھڙڻ وقت نظام پھرئين سڄي ڏزني لينڊ جي تاريخ جاگرافيءَ بابت ٻڌايو ۽ پڻ ھڪ ننڍڙو پمفليٽ ڏنو تہ ڏسو تہ ڪھڙا پروگرام ڏسون. اسان پمفليٽ تہ پڙھيو پر خبر ڪابہ نہ پئي. ھڪ تہ پمفليٽ ۾ ھڪ نہ پر سئو پروگرام ٿين ٻيو تہ

اسان کي ان متعلق ڪابہ ڄاڻ نہ هئي. جو ڪجھ سمجھي سگھون. سو اسان سڀ پروگرام ڪيس ناھڻ لاءِ چيو. پاڻ چيائين تہ هت تہ ڪئين پروگرام آهن. پر چند سنا پروگرام تا ڏسون. پھرئين اسان هڪ سب ميرين ذريعي پاڻي اندر داخل ٿياسين. پاڻيءَ اندر داخل ٿيڻ کان پوءِ اندر سمنڊ هجي يا هڪ کوھہ پر ڳالھہ مڙوئي برابر. پاڻيءَ اندر اسان کي ايئن محسوس ٿيو تہ اندر بہ ڪا ٻي وڌي ڪائنات آهي. سمنڊ اندر گھمڻ جو مزو اچي رهيو هو. وڏا وڻ، ساوڪ، ننڍيون وڏيون مڇيون هلڻ ۾ ايئن پئي محسوس ٿيون جڻ تہ سب ميرين تيز رفتاريءَ سان ڪنهن سمنڊ ۾ هلي رهي آهي. اسان ڪلاڪ کن سب ميرين ۾ چڪر لڳائي پوءِ خلائي شٽل نما هڪ سياري ۾ وڃي آسمان پيڙا ٿياسين. جڻ تہ سڄ پڇ تارن، چنڊ ۽ ڪهڪشان جي دنيا ۾ وڃي پھتاسين. اسان وري شٽل جي حرڪت بہ اھڙي جڻ آسمان ۾ پيا هلون. ڏاڍو مزو آيو.

مون پنھنجي گھر واري ۽ ٻارن سان گڏ پئرس واري يورو ڊزني بہ ڏٺي آهي. پر اها هن جي مقابلي ۾ تمام ننڍي آهي. ٻيو تہ لاس اينجلس واري يورو ڊزنيءَ ۾ سڄو سال رش لڳي پئي آهي. پر پئرس واري موسم جي ڪري سياري ۽ برساتن واري موسم ۾ تہ بلڪل بند هوندي آهي. اسان ٻيا بہ ڪئين خوفائتا، ڪل ٻوڱ، جادو ۽ ميوزڪ وارا پروگرام ڏٺا. ٻنپھرن جي ماني بہ هت کاڌي. رات وارو شو جيڪو ڊزني لينڊ پروگرام جو آخري ۽ بھترين پروگرام هوندو آهي. جنهن کي جو Main Street Electrical para) (De اهو پروگرام ڏسي رات جو دير سان جڳھہ تي پھتاسين. ٿوري دير محفل جمائي سمھي رهياسين. صبح جو سوير اسان تيار ٿي (Nevada) رياست جي شهر (Las Vegas) ڏانهن باءِ روڊ نظام جي ڪنهن ٻئي دوست جي وڏي گاڏيءَ ۾ روانا ٿياسين.

آئون سمجھان ٿو تہ پنجن ڇھن ڪلاڪن جو رستو هو. جيڪو سڄو جابلو رستو هو. پر ٿوري ٿوري پنڊ تي بھترين هوٽلون، پٽرول پمپ ۽ سپر مارڪيٽن جي ڪا کوٽ ئي ڪانہ هئي. وڏا ڪشادا رستا جن تي بيشمار ٽرئفڪ روان دوان لڳي پئي هئي. اسان بہ 160 اسپيڊ فري وي ۾ لاس ويگاس شهر ڏانهن اڳتي وڌي رهيا هئاسين. اهو بھتر ٿيندو تہ آمريڪا گھمائڻ سان گڏ مختصر طرح سان توهان کي آمريڪا جي تاريخ بابت بہ ڪجھ ٻڌائجي.

آمريڪا دنيا جي گوولي تي آخري ملڪ آهي. جنهن کي دريافت ڪيو ويو آهي. آئون سمجھان ٿو ان کان پوءِ ملڪن جي ٻيھڪ جوڙجڪ ۾ پيڇ ڏاھہ ضرو ٿي آهي. پر ڪوبہ نئون ملڪ زمين تي ظاهر نہ ٿيو آهي. سال 1000ع ۾ ليف ارڪسن (Leif Erickson) نارٿ آمريڪا جي سمنڊ تائين ويو پرڪابہ زمين ڏسڻ کانسواءِ واپس هليو آيو.

12 آڪٽوبر 1492ع ۾ اسپينش سياح ڪرسٽوفر ڪولمبس سين سلوادور جي ڌماس آئيلينڊ تي لٿو. تنهن کان پوءِ انگلينڊ جو سياح جان ڪئبيٽ (John Cabot) هت پهتو. هت پهرين يورپ مان اسپينش قوم رياست سينٽ آگسٽائين (Saint Augustine) جنهن کي هاڻ فلوريڊا ٿو چيو ويجي ۾ اچي آباد ٿي. اهو 1565ع سال هو. پر باقاعدگيءَ سان هت رهڻ جي شروعات انگريزن ڪئي. جيڪا 1706ع ۾ شروع ٿي. جيڪا هاڻ ورجينا (Virginia) جي نالي سان مشهور آهي. انگريزن جي آبادي هت تيزي سان وڌڻ لڳي. هي نہ رڳو پاڻ هت اچڻ لڳا پر آفريڪا مان پڻ هزارين غلام نيگرو زوريءَ پاڻ سان وٺي آيا. جيئن هتي جون زمينون آباد ڪن.انهيءَ بابت آمريڪا ۾ فلم (Roots) پريل آهي. جيڪا هڪ بهترين ٽيليويزن سيريز آهي انهيءَ دوران فرينچ پڻ وڏي تعداد ۾ آمريڪا ڏانهن ڪاهي پيا. فرانس ۽ انگلينڊ جي هونئن بہ ڪالونين تان سڄي دنيا ۾ ويڙهہ لڳي پئي هئي. هت پاڻ ايئن ٿيو. ڪيترين جنگين کان پوءِ آخري جنگ (War of Independence) آزديءَ جي جنگ سان مشهور آهي. تنهن جي فتح کان پوءِ يونائيٽيڊ استيٽس (United States) جي نالي ۾ تيرهن رياستن پاڻ ۾ اتحاد ڪري هڪ يونين ٺاهي ۽ فيصلو ٿيو تہ اها يونين گڏيل حڪومت قائم ڪندي.

پهرئين ميٽنگ ۽ ڪنفيڊريشن قائم ڪري وڏ ۾ وڏ اختيار رياستن کي ڏنا ويا.1787ع ۾ پهريون دستور جوڙيو ويو. جيڪو دستور يونائيٽيڊ استيٽس جي نالي پڌرو ٿيو. جنهن ۾ مرڪز جي ٽن اهم برانچن کي قائم ڪيو ويو. اهو 1788ع سال هو ۽ ٻئي سال 1789ع ۾ جارج واشنگٽن آمريڪا جو پهريون صدر ٿيو. 1810ع ۾ فرانس ۽ انگلينڊ جي جنگ ڪري آمريڪا جي معيشت کي ۽ جهاز رانيءَ کي شديد ڌچڪو لڳو.

آمريڪا جا واپاري جهاز برٽش نيوي جي حملن ڪري سخت مشڪلات ۾ اچي ويا. آمريڪا مجبور ٿي انگلينڊ سان جنگ جو اعلان ڪيو.

اها جنگ (War of 1812) جي نال سان مشهور ٿي. جيڪا آمريڪا کٽي. انهيءَ جنگ جي ڪري آمريڪا مٿان جيڪو يورپ جو جنگي خوف طاري هو. سو هميشہ لاءِ ختم ٿي ويو ۽ ان وقت جي آمريڪي صدر 1815_1817 Jams Monroe جيمس مونرو. يورپينس کي اهڙين اڳراين کان خبردار ڪيو. انهيءَ دوران (Texas) ٽيڪساس رياست يونائيٽيڊ استيٽس ۾ شامل ٿي. جنهن تان آمريڪا ۽ ميڪسيڪو جي جنگ لڳي. جنهن ۾ آمريڪا کٽيو ۽ ريو گرينڊ (Rio Grande) ميڪسيڪو ۽ ٽيڪساس جي وچ ۾ بائونڊري تسليم ڪئي وئي. ڪينڊا جيڪا انگلينڊ جي ڪالوني هئي. جهن جون سرحدون پڻ آمريڪا سان مليون ٿي. تن تي بہ ٻنهي ڌرين جو ٺاهہ ٿي ويو ۽ آمريڪا جون سرحدون چئوطرف مضبوط ۽ محفوظ ٿي ويون. 1860ع ۾ خود آمريڪا ۾ وڏي سول وار

ٿي. ٽيو هينئن جو ريپبلڪن گروپ جيڪو غلاميءَ جي سخت خلاف هو. سو آمريڪا جي صدارتي اليڪشن ۾ ڪٽي آيو. جنهن غلامي ختم ڪرڻ جو اعلان ڪيو. انهيءَ قانون جي ڪن رياستن مخالفت ڪئي ۽ آهستي آهستي يونين ڇڏڻ جو اعلان ڪيو. ڪجهه ئي هفتن جي اندر سائوٿ جي ڪيترين ئي استيٽس جنهن ۾ ڪيئرولينا، مسيسي، فلوريڊا، الباما، جارجيا ۽ ڪجهه وقت کان پوءِ لوسانيا، ٽيڪساس، ورجينا، آرڪانساس، نارٿ ڪيئرولينا ۽ ٽينسي، غلاميءَ جو مخالف صدر هو ابراهام لنڪن جنهن يونين کي هر حالت ۾ برقرار رکڻ جو اعلان ڪيو. تنهن طرفان غلامي ختم ڪرڻ جي اعلان شرط آمريڪا ۾ سول وار شروع ٿي ويئي اهو سال 1861ع هو.

آخر پنجن سالن جي سول وار کان پوءِ نارٿ ڪٽيو ۽ سائوٿ هارايو. اهڙيءَ طرح سان ابراهام لنڪن جي فتح ٿي ۽ غلامي ختم ٿي. سال 1865ع اپريل جي نائين تاريخ مڪمل جنگ ختم ٿي ۽ 14 اپريل 1865ع يعني صرف پنجن ڏينهن کان پوءِ عظيم انسان کي ٿيٽر جي ٻاهران گولي هنئي ويئي ۽ ٻئي ڏينهن صبح جو مري ويو. پاڻ پنهنجي زندگيءَ ۾ پنهنجي مقصد کي ڪامياب ڪيائين. سر جو سانگو ڪونہ ڪيائين. اهري طرح آمريڪا ۾ ڪارن مردن کي ووٽ جو حق ملي ويو. انهيءَ کان پوءِ آمريڪا ڏاڍي ترقي ڪئي. سندس اهميت نہ رڳو يورپ ۾ پر سڄي دنيا ۾ وڌندي ويئي.

1920ع ۾ عورتن کي پڻ ووٽ جو حق ڏنو ويو. ٻئي ورلڊ وار (Second World war) ۾ آمريڪا غير جانبدار هو. پر جڏهن جپان آمريڪا جي رياست هوائي جي بندر پرل هاربر تي حملو ڪيو. تہ آمريڪا به هن جنگ ۾ ٽپي پيو. جنگ کان پوءِ آمريڪا جي (Cold war) سرد جنگ جي نالي سان ڪميونسٽ ورلڊ سان سالن جا سال اٽڪيٽ رهي. نيٽ يورپ جي جدا ٿيل ملڪن کي پاڻ ۾ گڏي ڪميونسٽ دنيا کي هڪٻئي کان جدا ڪري بن بلاڪن يعني چائنا ۽ روس ۾ ورهائي ڇڏيو. ويٽ نام جي جنگ کان جان ڇڏائي روس کي مختلف ملڪن جي مسئلن ۾ ڦاسائي نيٽ سڏي طرح سان افغان جنگ ۾ روس کي گهلي آهستي آهستي روس کي اهڙو تہ ڪمزو ڪيائين جو وڏي ۾ وڏو سپر پاور يعني روس خود ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويو. اڄ روس خود گهرو ويڑهه ۾ ڦاٽو پيو آهي ۽ سندس معيشت اهري هنڊ وڄي پهتي آهي جو خود روس جي شهرين جو پنهنجي ملڪ جي معيشت تان اعتبار کڄي ويو آهي ۽ هو هاڻ روبل جي عيوض پاڻ ووٽ ڊالر رکڻ ٿا چاهين ۽ اهو ٽرينڊ پاڻ ووٽ پاڪستان ۾ پڻ وڏي پئماني تي شروع ٿي ويوآهي. اڄ آمريڪا ان مقام تي اچي پهتو آهي جو ڪيس ختم ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو ٿو نظر اچي.

آمريڪا اهڙو رڄ ناهي ورتو آهي جو سڄي دنيا جون مڇيون خود اڇيو انهيءَ رڄ ۾ ڦاسن. ڪيس کابہ تڪليف ڪانہ ٿي ڪرٽي پوي. ڇو تہ اهو دنيا جو اڪيلو سپر پارو آهي. آمريڪا جي صدر جو

سرڪاري گهر وائيٽ هائوس جو اهو ڪمرو جتان صدر ويهي ٿو حڪم هلائي. تنهن جو نالو آهي اوول روم . بهتر آهي ته آئون توهان کي ان بابت ڪجهہ ٻڌايان. بيضي نما پيلو اوول روم، "ڊپلوميٽڪ رسپشن روم"، بلو روم هميشہ رسيپشن روم طور تي ئي استعمال ٿي رهيو آهي.

سواءِ جان ايڊمس جي وقت ۾ جڏهن اهو سائوٿ اينٽرينس هال طور استعمال ٿيندو هو. ميڊيسن (Medison) ايڊمنسٽريشن جي دور ۾ بينجمين لاتروب عمده طور تي هن کي ڊيزائن ڪيو. جنهن مان گهڻو ڪجهہ 1814ع ۾ باهہ جي ڪري ختم ٿي ويو. پر ڪجهہ شيون باقي رهيون. جڏهن صدر مونروءِ (Monroe) وڏي اوول روم کي ٻيهر ڊيڪوريٽ ڪيو ته ان کي فرينچ امپائر اسٽائل تي ڪيو ويو. انهيءَ صورت ۾ ايجا تائين آهي. مونروءِ آمريڪن فرم روسيل ۽ لافرگ جي ذريعي سوٽ لاءِ فرينچ موهاگني فرنيچر لاءِ آرڊر ڏنو. پر فرم موهاگنيءَ چمڪندڙ فرنيچر آندو.

مونرو جي گهرايل شين مان اٺ ايجا تائين موجود آهن. جن ۾ هڪرو گهڙيال شامل آهي. چمڪيدار ڪاٺ جي جهوڙ جي هيٺ ماربل جي ٽاپ واري ٽيبل پڻ پيل آهي. اهو جهوڙ 19 صديءَ جي ابتدا ۾ ڪاٺ ۽ ڪٽ گلاس مان ٺهيل آهي. الهندي پت جي پاسي بيلانگ صوفي جي مٿان جان ٽيلر جو پورٽريٽ پڻ ٽنگيل آهي.

بلو روم جي رنوويشن ۽ ريفريشنگ جو ڪم ٻيهر 1990ع ۾ وائيٽ هائوس پرزورويشن ڪاميٽيءَ جي زير نگرانيءَ ۾ شروع ٿيو ۽ 1995ع جي وچ ۾ ختم ٿيو. پردن ۽ فرنيچر ڪورنگ جوڪلر 1800ع ۾ استعمال ٿيندڙ ڪپڙن جي رنگ جهڙو آهي. ريفريشنگ جي طور تي پٽين تي هلڪي سنهري رنگ جو پيپر هنيو ويو آهي. اها ڊيزائين اوائلي 19 صدي جي آمريڪن پيپر مان ورتي وئي آهي.

بلو روم جي رنگ ۾ چمڪ اهڙي طرح ڏني وئي آهي جو اهو 19 صديءَ جي اوائلي حصي جي دور جهڙو لڳي ٿو. ڪاٺ جي سامان کي اڇو رنگ هنيو ويو آهي. نئون اوول ڪاربيٽ 19 صديءَ جي ڊزائين تحت وڇائي رنوويشن کي مڪمل ڪيو ويو آهي. ان جي ڊيزائين 1815ع جي انگلش نيو ڪلاسيڪل ڊيزائين مان ورتي وئي آهي.

اسان کي لاس اينجلس مان نڪتي ٽي ڪلاڪ کن ٿي ويا هئا. واٽ تي هڪ تمام وڏي هوٽل هئي. ۽ فري وي جي مٿان هوٽل وارن جي پل ٺهيل هئي. هوٽل ۾ رهائشي ڪلب، سوئمنگ پول، ڊسڪو، وڏا وڏا دڪان، وڏي ڪار پارڪنگ جنهن ۾ هزارين گاڏيون بيٺيون هجن. اسان اتي ماني کائي ٽورو ريسٽ ڪري اڳتي پنهنجي منزل لاس ويگاس ڏانهن روانا ٿياسين.

نوويڊا جي جبلن جي سهٽي شام کان پوءِ رات شروع ٿي. رات جو ترئفڪ ڏينهن کان بہ زياده نظر آئي. رستو ون وي هو. انهيءَ ون وي رستي جي وچ ۾ ايتري ته ننڍي ديوار ٺهيل هئي جو ٻنهي پاسن کان هلندڙ

ٽرئفڪ جي روشني هڪٻئي کي صفا نظر نٿي آئي. انهيءَ ڪري ٽرئفڪ سواءِ ڪنهن ڊسٽربنس جي روان دوان هئي نہ تہ ايڏي ساري ٽرئفڪ ۾ انهيءَ جي روشني جي ڪري ٽرئفڪ ضرور متاثر ٿئي ها.

اسان رات جي وقت جڏهن لاس ويگاس شهر ۾ داخل ٿياسين تڏهن منهنجو تہ دماغ ئي چڪرائجي ويو. هيڏي ساري روشني هيڏي سهڻي ترتيب سان نائيٽ ڪلب ۽ ڪيسينوز، جن جو ڪو ڇيهہ ئي ڪونهي. وڏيون وڏيون بلند عمارتون جيڪي جڙ تہ ڪنوار وانگر سينگاريون ويون هجن. جن مٿان هيڏيون روشنيون، روشنيون بہ اهڙي ڪمال سونهن سان سينگاريل جو ڀالهہ سمجهہ ڪان پري هئي.

هڪ هوٽل ميٿراج جنهن جي اڳيان وڏو باهہ جو مچ مٿي آسمان ۾ انهيءَ هيڏي ساري مچ جي مٿان پاڻي ايئن پيو وهي جڙ تہ هيٺ ڪنهن آبشار ۾ پيو ڪري. سڄي ملڪ جا ماڻهو سڄي رات رڳو انهيءَ منظر کي پيا ڏسن.

دنيا جي وڏي ۾ وڏي هوٽل M.G.M گرانڊ هوٽل جنهن ۾ پنج هزار پنج (5005) ڪمرا آهن. سا پڻ هن شهر ۾ آهي. هوٽلن، ڪلبن ۽ ڪيسينوز ۾ ايڏي رش جو ڊزني لينڊ ڪان بہ وڌيڪ رش. تڏهن بہ نائيٽ ڪلبن ۾ وائين، وسڪي، بيئر بلڪل فري ملي، ڪئين چوڪريون هٿن ۾ ٽري ڪنيو پيون هلن. جنهن ۾ وسڪي، وائين ۽ بيئر جا گلاس ڀريا رکيا آهن، هر ڪنهن اڳيان اڇيو جهڪيو چون سر ڊرنڪ ڪٽو ۽ انهيءَ جي ڪابہ قيمت ڪانہ هئي. نہ وري ڪلبن ۾ ڪا داخلا في هئي. صرف اتي جيڪي گيمس وغيره هئا انهن لاءِ توهان ڪوپن ونڻي کيڏو سابہ توهان جي مرضي.

اسان هوٽل علاءُ الدين ۾ ڪمرو ورتو. ڪمرا ڪشادا ۽ تمام سهڻا هئا جن ۾ هر ضرورت جي شيءَ هئي. امريڪا ۾ هيءَ اسان جي هوٽل جي پهرين رات هئي. ڇو تہ لاس اينجلس ۾ اسان هوٽل ۾ نہ پر نظام جي گهر رهيا هئاسين. آمريڪا جون هوٽلون باقي دنيا جي هوٽلن ۽ خاص ڪري يورپين هوٽلن ڪان وڌيڪ خوبصورت، وڌيڪ آرائش ٽيل ۽ هوٽلن جا ڪمرا بہ وڏا ۽ انهن سيني سهولتن جي باوجود وري سستيون بہ تمام گهڻون آهن. گهڻو ڪري اڏو اڏ نہ تہ ان ڪان بہ گهٽ. هونئن بہ آئون عرض ڪري آيو آهيان تہ آمريڪا يورپ ۽ جپان تہ نهيو پر ڪن شين ۾ پاڪستان ڪان بہ سستو آهي.

اسان جو ڪمرو 33 فلور تي هو. اسان تيار ٿي هيٺ هوٽل جو چڪر لڳايو. پوءِ نڪري ڪيترن ئي ڪيسينو نائيٽ ڪلبن ۽ ڊسڪو جا چڪر هڻندي صبح ڪري ڇڏيو. اسان کي انهيءَ جوکوبہ احساس ڪونہ ٿيو تہ ڪوپرهہ ڦٽي چڪي آهي ۽ اهي ئي ڪانگ، ڪبوتر، جهرڪيون جيڪي دنيا ۾ ٿين. تن جي چرچر جا آواز وٽن ۽ ڇبرن تي ٻڌي احساس ٿيو تہ زندگيءَ جي هڪ ٻي رات بہ ڪٽي وئي. پر خبر ئي ڪانہ پيئي. اڃوڪي رات ڪٽندي ڏڪ نہ پر سڪ ٿيو اسان پنهنجي هوٽل پيڙا ٽي ائين سمهي رهياسين جو وري تقريبن رات ٽي چڪي هئي. اسان وري بہ انهن روشنين ۾ ٽپڻ ۽ نچڻ وارين

جي پرن هينان ڏيجي وياسين ۾ هڪ حسين رات جو زندگي ۾ اضافو ٿي ويو. نظام تاڪيد سان چيو تہ اهو منهنجي سالي قاسم سان ذڪر نہ ڪجو. ۽ ڏينهن ۽ راتيون لاس ويگاس ۾ ٿي ويا هئا. سو اسان اڄ خيال ڪيو تہ اڄ لاس ويگاس جي جان ڇڏيون.

لاس ويگاس جو ريگستان 1864ع کان اڳ صرف چند ماڻهن جي رهائش هئي. پر پوءِ 1864ع ۾ آمريڪي فوجين لاءِ هت هڪ فورٽ بيڪر (Fort Baker) قائم ڪيو ويو. انهيءَ کان پوءِ 1905ع ۾ هت ريل پهتي تہ آبادیءَ ۾ تيزي سان واڌارو ٿيو. تنهن کان پوءِ 1931ع ۾ هت جوا گهرن کي قانوني شڪل ڏني وئي ۽ پٽ ساڻئي سال هوور ڊئم (Hover Dam) تيار ٿيو ۽ ڊيٿ ويلي نئشنل پارڪ (Death Valley National park) قائم ٿيڻ کان پوءِ هي علائقو هڪ مشهور ٽوئرسٽ جڳهہ ٿي پئي.

1980ع ۾ هتي جڏهن کان وڏي تعداد ۾ ڪيسينو کليا تڏهن کان هي شهر نہ صرف نوويدا ۽ آمريڪا پر سڄي دنيا جي توجهہ جو مرڪز ٿيو. 1980ع جي مختصر عرصي ۾ هن ايڏي تہ ترقي ڪئي جو آمريڪا جي ڪيترن شهرن کان خوبصورتيءَ ۽ ترقيءَ ۾ ايترو اڳتي نڪري ويو جو اڄ تہ لاس ويگاس آمريڪا جو مشهور ترين شهر آهي. جتي سڄي دنيا جا سياح سڄو سال پيا اچن. آمريڪا جي شهري ترقي رپورٽ ۾ سڄي آمريڪا ۾ تمام تيزيءَ سان وڌندڙ نمبر پهريون شهر لاس ويگاس آهي. هاڻ ڪمرشل سان گڏ ايئرفورس، نيس، سمال، آرمس رينج، نيل، ايئرفورس رينج، نيوڪليئر ٽيسٽنگ، سائيٽ يونيورسٽي ۽ انٽرنيشنل ايئرپورٽ پڻ آهي. اسان لنچ ڪري هوٽل مان سامان کڻي شهر کي آخري سلام ڪندي لاس اينجلس ڏانهن روانا ٿياسين. لاس ويگاس ايندي ويندي گاڏي نظام هلائي. گاڏي آئون ۽ حمزه خان بہ هلائي ڇاڏون. پر هت گاڏيون ايڏو تيز هلائين ۽ ايڏو چستيءَ سان هلائين جو ان لاءِ جدا پريڪٽس گهرجي ۽ وقت گهرجي. سو اهو سارو بار نظام مٹان هو. ايڏي وڏي سفر ۾ حمزو ڪيڏي ڪيڏي مهل سمهيو رهندو هو. پوءِ اسان جي ڪچهري شروع ٿيندي هئي. واپسيءَ ۾ پڻ هڪ هوٽل تي ماني کاڏي سين. واپسيءَ جو سفر هونئن بہ جلد فتح ٿيندو محسوس ٿيندو آهي. سو ويڙ جي مقابلي ۾ اچڻ ۾ ٿورو اڳ يعني اٽڪل اڏ ڪلاڪ اڳ پهتاسين. لاس اينجلس جي رستن جهڙا سهڻا ۽ گهڻا فري ويز خود سڄي آمريڪا ۾ بہ ڪونہ آهن. سو لاس اينجلس جي فري ويز تي پهچي شهر اندر داخل ٿياسين.

لاس اينجلس ۾ ميٽرو پوليٽن (10541) ڏهہ هزار پنج سئو ايڪيتاليهہ اسڪوائر ڪلوميٽر جي علائقي ۾ بہ خودمختيار ميونسپاليٽيون آهن، جيڪي هي آهن. بيورلي هلز (Baverly Hills) ۽ ڪلورسٽي (Culver City).

لاس ايجنلس جو هي علائقو پهرئين ملڪ جو امير ترين زرعي علائقو هو. پر پوءِ سڄي دنيا ۾ آمريڪا ۾ جڏهن صنعتي انقلاب آيو تہ اهو زرعي علائقو فري ويز رهائشي ڪالونين ۾ صنعتي علائقن ۾ تبديل ٿي ويو ۽ ڏسندي ڏسندي سڄو علائقو بئنڪنگ، انشورنس، هيلٿ ڪيئر سروس خلائي مصنوعات جي پيداوار، فارميسي، گلاس، ربڙ، سيمينٽ، پٽروليم جي مصنوعات، ريفائنريز، فوڊ پروسيسنگ، اليڪٽرانڪس ۽ سڄي دنيا جي سياحت، فلم، ريڊيو، ٽيليويزن ۽ ريڪارڊنگ جي گاديءَ جو هنڌ ٿي ويو. هن شهر ۾ صرف پبلڪ ٽرانسپورٽر جي تمام گهٽي ڪوٺ آهي. جيئن آمريڪا ۾ دنيا جي ٻين اهم مشهور شهرن ۾ توهان کي پبلڪ ٽرانسپورٽر جام ۽ هر هنڌ ملندو پر لاس اينجلس ۾ پبلڪ ٽرانسپورٽر نہ هڻڻ جي برابر هئا. هرڪو ماڻهو پنهنجي سواري ڪري. تنهن ڪري ٽوئرسٽن لاءِ سستي ٽرانسپورٽ تمام گهٽ آهي.

جيتوڻيڪ هت تمام وڏو سامونڊي بندر ۽ ڪيترائي ايئرپورٽ شهر ۾ آهن. ڪيتريون ئي يونيورسٽيون ۽ ڪاليج، هونئن بہ سڄي دنيا ۾ زياده ۾ زياده شاگرد آمريڪا ۾ پڙهندا آهن. (ڏسو صفحو 100 گنيز بڪ آف ريڪارڊس 1998).

مقامي ماڻهن کي وڏي تعداد ۾ پنهنجين گاڏين هڻڻ ڪري ضرورت ڪانهي. پر ٻاهرين ملڪن جي سياحن ۽ شاگردن کي اها ضرورت محسوس ٿئي ٿي.

گهر پهچڻ کان اڳ هڪ سپر مارڪيٽ مان ڪجهہ سامان ورتوسين. اسان گهر پهتاسين تہ قاسم گهر ۾ ئي ويٺو هو. اسان کي گرم گرم چانهہ ناهي ڏنائين ۽ پڻ پاڪستان مان آيل فونن جي باري ۾ ٻڌايائين. حمزه خان کي ٻڌايائين تہ توهان جو دوست ارشاد ميمڻ توهان لاءِ ميسيج ڏنو تہ لاس ويگاس اچي تہ مون سان فون تي ڳالهائجو. ارشاد ميمڻ حيدرآباد جو ميمڻ هو. ڪمشنر هارون ميمڻ جو مائٽ هو ۽ اسان کي (Sana) جي اجلاس ۾ گڏيو هو. مانيءَ جي دعوت لاءِ چيو هئائين. حمزه خان چيو هئس تہ اسان جو سڄو پروگرام ٺهيل آهي. جيئن ئي فري ٿيندس تہ توهان سان رهاڻ ڪبي. سو حمزه خان کيس فون ڪئي تہ سپاڻي توهان سان ڪچهري ڪبي. پروگرام مطابق پاڻ ٻئي ڏيهاڙي صبح جو اسان کي ونڊي لاس اينجلس بيچ ۽ شهر جون ڪيتريون ئي نيون جڳهيون ڏيکاريائين. جيڪي اڳ اسان ڪونہ ڏٺيون هيون. پاڻ ٻنهي جي ماني پڻ کارايائين. ۽ رات جي ماني ءَ لاءِ پڻ چيائين. اسان چيس تہ رات جي ماني نظام جتوئي جي دوست ظفر جي گهر اڳ ئي بڪ ٿيل آهي. پاڻ اسان کي نظام جي گهر لاهي اسان کان موڪلائي روانو ٿي ويو. اسان تيار ٿي نظام سان گڏ ظفر جي گهر روانا ٿياسين. ظفر نظام جو دوست، ڏاڍو تيز ۽ مزيدار ماڻهو هو. هن آمريڪا بابت ڏاڍيون مزيدار ۽ نيون ڳالهيون ٻڌايون. پاڻ ٻڌايائين تہ آمريڪا ۾ ماڻهوڪتا ۽ ٻلا ڏاڍي شوق سان پالين. جڏهن پوڙها ٿين تہ کين

چڏيو ڏين ۾ حڪومت انهن ڪتن، بلن کي پالي ۾ کين شيلٽرن ۾ رهائي ۾ کارائي پياري. انهن ڪتن بلن کي بنا ملاوٽ کاڏي لاءِ ٺيڪدار. جن جي مٿان حڪومت جا ڊاڪٽر جيڪي انهن ڪتن بلن جي خوراڪ روزاني چيڪ ڪن ٿا متان هنن کي ٺيڪدار ملاوٽ وارو کاڏو نه کارائين. ڊاڪٽر اهو به خيال رکندا آهن ٿا هيتريون ڪليوريز ۾ هيترا پروٽين هنن کي روزاني ملن. انهيءَ مطابق کير ۾ کاڏو مهيا ڪيو ويندو آهي. سواهي آهن آمريڪا ۾ ڪتن بلن جا پاڻ.

سڄي رات ظفر جي گهر ڪچهري هلي. پاڻ هندستاني پلي بئڪ سنگر مهيندر ڪپور جو ڏاڏو فين هو. ان جا چوندڙ مزيدار گانا ٻڌايائين. رات جي پوئين پهر پهچي بستر پيڙا ٽياسين. ان صبح جو اسان کي سينڊياگو (sandie go) وڃڻو هو. اسان جو گائيڊ يعني نثار پليجي جو ايراني دوست حامد بيج اسان کي سندس ڪار ۾ ڪٽي سينڊياگو روانو ٽيو. سينڊياگو آمريڪا ۾ جلد ترقي ڪندڙ شهرن مان هڪ آهي. سندس آدمشماري يارهن لک آهي. يعني ڪئليفورنيا رياست جو ٻيو نمبر وڏو شهر يعني لاس اينجلس کان پوءِ جيڪو تمام تيزيءَ سان وڌي ۾ ترقي ڪري رهيو آهي. هي شهر زراعت ۾ صنعت جو وڏو ڪاروباري مرڪز آهي ۾ پئسفڪ سمنڊ جو وڏو سامونڊي بندر پڻ آهي. هتي تمام وڏا ٽرالر مڇيون مارين ۾ انهن وڏن ٽرالرن تي مڇيون دٻن ۾ بند ٿي مارڪيٽ ۾ اچن. انهيءَ ڪانسواءِ آمريڪن نيوي جا وڏا شپ يارڊ جتي سامونڊي لڙاڪا جهاز ۾ انهن جا پارٽس تيار ٿين.

روس جي ٽٽڻ کان اڳ دنيا ۾ روس پهريون نمبر بحري طاقت هو. انهيءَ کان پوءِ آمريڪا جو نمبر هو. آمريڪا دنيا ۾ پهريون نمبر هوائي طاقت هو. چين پهريون نمبر پيدل فوجي طاقت هو. پر هينئر ٻه پهريون نمبر پيدل فوجي طاقت آهي. پر هاڻ روس نمبر ون بحري طاقت نه رهيو آهي، پر هاڻ نمبر ون بحري ۾ هوائي طاقت آمريڪا آهي. جنهن جو هاڻ کو مقابلو ئي نه آهي.

1947ع ۾ آمريڪن ڊالر ۾ پاڪستاني روپيو برابر هئا. هاڻي هڪ ڊالر ۾ 56 پاڪستاني روپيا هڪ ڊالر جي برابر آهن. پاڪستان جو پهريون وزيراعظم لياقت علي ۾ پاڪستان جو پهريون فوجي ڊڪٽيٽر ايوب خان جڏهن آمريڪا ويا تہ لياقت علي آمريڪا جي صدر آئزنهاور ۾ ايوب خان کي جانسن خود ايئرپورٽ تي وٺڻ آيا. پر هاڻ آمريڪي صدر دنيا جي ڪنهن ٻ بادشاهہ يا صدر کي ايئرپورٽ تي وٺڻ لاءِ نه وڃي. زياده ۾ زياده ڪنهن سربراهہ کي عزت ڏين تہ وائيٽ هائوس جي اندر گارڊ آف آنر ڏين. ات آمريڪي صدر ٻ آيل مهمان سربراهہ سان گڏ هجي، نہ تہ هاڻ آمريڪي صدر صرف وائيٽ هائوس جي اوول روم ۾ ئي ملندو آهي. جيڪو هاڻ B.B.C.C.N.N يا ٻين ٽي وي چئنلن تي روز ڏسڻ ۾ ايندو آهي.

اسان ڪئليفورنيا جي خوبصورت فري ويز تي اٽڪل ڪلاڪ هلندي اچي سينڊياگو پهتاسين. سينڊياگو آمريڪا جي خوبصورت ترين شهرن مان هڪ آهي. جنهن جي موسم ٻارهوئي وٽندڙ آهي. جنهن ڪري هت سڄو سال سياح ايندا رهندا آهن ۽ سڄو سال گهما گهمي هوندي آهي. سينڊياگو جو چڙيا گهر دنيا جي وڏن چڙيا گهرن مان هڪ آهي. هتي لوهريا بيچ سڄي دنيا ۾ مشهور آهي. جتي لکين سياح هر سال اچن. اسان چڙيا گهر. بيچ ۽ ميونسپل هال ڏسڻ کان پوءِ انهيءَ يونيورسٽي ۾ وياسين جتي نثار پڙهندوهو. ڪافي دير ٽي ويئي هئي. پوءِ اتي ماني کاڌي سين هڪ انڊين هوٽل جي مانيءَ کان پوءِ شهر جو چڪر هڻي واپس روانا ٿيا سين. ڇو ته رات جو نظام جي ٻئي دوست لاس اينجلس ۾ اسان جي ماني ڪئي هئي. واپسيءَ ۾ اسان اوشن سائيٽ (Ocean Site) بيچ تان ٽيندا لاس اينجلس ڏانهن روانا ٿياسين. اوشن سائيٽ بيچ هل لاجواب ٽوئرسٽ اسٽاپ هو. جت سمنڊ اندر هزارين عورتون ۽ مرد پاڻي ۾ هلندڙ موٽر سائيڪلن تي انهيءَ انتظار ۾ بينا هئا ته ويو اچي ته ان مٿان موٽرسائيڪل هلايون. جيئن ئي ويو چڙهي ته موٽرسائيڪل سوارن ان مٿان موٽرسائيڪل اهڙي نموني ٽي هلائي جو جهڙوڪر موٽرسائيڪل پاڻي تي اڏامي رهيا هئا. انهيءَ راند ۾ مرد ۽ عورتون ٻئي شامل هئا. ڏسڻ وارا اسان جهڙا تماشائي ته هزارن جي تعداد ۾ هئا.

ڏاڍو دلچسپ ۽ وٽندڙ منظر هو. دنيا جون بيچز ته ڪيتريون ڏٺيون سين پر اهڙو منظر ان کان اڳ صرف فلم يا ٽي وي ۾ ڏٺوسين. پر اڄ روبرو ڏسي رهيا هئاسين. اسان کي هت رات ٽي وئي هئي ۽ حامد بيچ تي نظام سان موبائيل تي ڳالهايو ته اسين رات جو نوبن بجي پهچي سڏا طفيل جي گهر هلنداسين جت رات جي مانيءَ جو بندوبست ٽيل هو.

ڪئليفورنيا جا سهڻا فري ويز جن تي آمريڪن وڏين گاڏين ۾ سواري ڪندي لطف ٻئي آيو. وقت ۽ سفر جو احساس ئي ڪونہ ٿيندو هو. حامد اسان کي نظام جي گهر لاهي پاڻ ٻاهران ئي روانو ٿي ويو. اسان باٿ روم مان ٽي نظام جي دوست جي گهر روانو ٿياسين. جت اسان جو انتظار اڳ ۾ ئي ٽي رهيو هو. طفيل اسان جو ٻين دوستن سان تعارف ڪرايو. نظام حمزه خان کي ته سينيئر ڪري تعارف ڪرايو جيڪو هو به هن مون کي MPA ڪري ملايو. پر مون کين چيو ته ڪٽيل نہ پر هارايل، انهيءَ تي سپ ڏاڍا ڪليا. محفل دير سان شروع ٽي ۽ ظاهر آهي ته دير سان ختم ٽي.

آمريڪا لاس اينجلس، بيورلي هلز (Baverly Hills) ۽ سهڻا دوست، سهڻيون راتيون خبر ئي ڪانہ پئي ته ڏينهن راتيون، مهينا، سال ۽ جواني ڪيئن گذري ويا. ۽ هاڻ پنهنجي جوان اولاد پاڻ سان گڏ لنڊن، پئرس، سوئيزرلينڊ، مونٽي ڪارلو وينس، هالينڊ، جرمني ۽ برسلز ۾ ڏسي پاڻ جي جوانيءَ جي تصوير انهن ۾ ڏسي ڏاڍي دل خوش ٽيندي آهي ۽ پاڻ کي هڻڻ جو احساس ۽ تسلسل نظر ايندو آهي.

رات جاڳندي ۽ ڏينهن سمهندي پورو ٿي ويو. شام جو گاڏيءَ ۾ لاس اينجلس بوليوارڊ (Boulevard) جي سن سيٽ تي هلندي سج کي لهندو ڏسي احساس ٿيو ته اهو سج اهو نه آهي جيڪو غريب ملڪن جي ديسن ۾ لهندو ۽ ايرندو آهي.

اسن پنيرڪي ڏاري هلتن هوٽل جي سٽ ماڙ بلڊنگ ۾ گهڙي هوٽل جي نائيٽ ڪلب ۾ ويا سين. جتي ايڏي ته رش هئي جو ويهڻ ته ٺهيو پر بيهڻ جي جڳهه به ڪانه هئي. نظام پنهنجي مخصوص انداز ۾ چيو پليجا صاحب هليا اچو. اسان سندس پٺيان پئي ويا سين. نيٽ نظام هڻي هنڌ ڪيو. مونکي ۽ حمزه خان کي جڳهه ڳولهي اسان کي ويهاري پاڻ ڪٽ ٻئي هنڌ وڃي ويٺو. ڪافي دير کان پوءِ آيو ۽ اسان کي به پاڻ وٽ وڃي ويهاريائين. پوءِ اهو انڊين گانو ته "دور پي دور چلي، ۽ چلتا هي بدن." سو هڪ نه پر ڏزنن جي حساب سان ٻرندڙ ۽ سڙندڙ بندن نه صرف ڏسڻ ۽ ڇهڻ لاءِ پر ڪائڻ ۽ پيئڻ لاءِ به تيار، صرف آرڊر جي دير. ڪافي دير کان پوءِ گهر روانا ٿياسين.

صبح جو سوير تيار ٿي لاس اينجلس جي ايئرپورٽ تي پهتاسين. جتان ٽڪيٽ ونڊي سين فرانسسڪو (Sanfrahcisco) ڏانهن روانا ٿياسين. نظام پنهنجي ڪنهن دوست کي ايئرپورٽ ۽ پڻ جهاز هلندي فون ڪيو ته اسان بن ڪلاڪن کان پوءِ سين فرانسسڪو جي انٽرنيشنل ايئرپورٽ تي پهچنداسين. تون اسان کي ات ونڻ اچج، جهاز صحيح وقت تي ايئرپورٽ تي لٿو ۽ اسان جو سامان مختصر هو جيڪو اسان سان هو. تنهن ڪري سواءِ سامان جي انتظار جي ٻاهر روانا ٿياسين ۽ ٻاهر اسان جو ميزبان انتظار ڪري رهيو هو. سندس ڪار ۾ چڙهي سندس گهر طرف روانا ٿياسين.

1_All Roads lead to rome.

2_Rome was not bult in a day.

3_Do in rome as Roman's Do.

4_Rome was burying nero was fiddling.

اهي چوٽيون انهيءَ دور جون هيون جڏهن روم دنيا جي وڏي حصي تي قابض هو ۽ سندس حڪومت يورپ جي هڪ ڇيڙي کان ونڊي هندستان جي ٻئي ڇيڙي تائين هئي. پر هاڻ (All roads lead to America) سو انهيءَ آمريڪا ۾ سڄي دنيا جي قومن جو هيڊ ڪوارٽر ۽ سڄي دنيا جا ملڪ پنهنجا فيصلا ۽ چوڙيون نبيريون هن سرزمين تي "اقوامتحده" يا هاڻ سڏو سنئون وائيٽ هائوس ۾ ڪن.

اقوام متحده قائم ڪرڻ لاءِ جيڪا پهرئين انٽرنيشنل ڪانفرنس ٿي جنهن ئي اقوام متحده جو چارٽر تيار ڪيو هو. تنهن جو پهريون اجلاس پڻ هن شهر سين فرانسسڪو ۾ ٿيو هو. سين فرانسسڪو آمريڪا ته ٺهيو پر دنيا جي چند سهڻن شهرن مان هڪ آهي. جيڪو سمنڊ جي وچ ۽ چوطرف سهڻن

ٽڪرين تي قائم آهي ۽ انهن ٽڪرين کي پلين ذريعي ملائي هڪبئي سان گڏي هڪ حسين منظر قائم ڪيو ويو آهي. انهن پلين ۾ هڪ دنيا جي سھڻي پل يعني گولڊن گيٽ برج (Golden gate Bridge) پڻ آهي. جيڪا واقعي لاجواب آهي.

سين فرانسسڪو جو شهر سمنڊ، ٽڪرين ۽ پلين، بلڊنگن ۽ قدرتي بيهڪ جي ڪري تمام سھڻو ٿو لڳي. اسان هن سھڻي شهر جي سھڻن علائقن مان ٽيندا گولڊن گيٽ جي پل پار ڪندا مئرن ڪائونٽي (Marin County) علائقي ۾ هڪ شاندار بنگلي جي ٻاهران پهتاسين جتي ڪار ۾ ويٺي اسان جي ميزبان ڪار گئريج جو دروازو رموٽ ڪنٽرول ذريعي کوليو ۽ اسان جي ڪار گئريج اندر داخل ٽيڻ شرط دروازو بند ٽي ويو ۽ اسان اندران ئي ٻئي دروازي ذريعي ڊرائنگ روم ۾ پهچي وياسين ۽ اسان جو ميزبان اسان جي خاطر خواهه ۾ لڳي ويو. ٽوري دير کانپوءِ هو اسان کي پنهنجي هوٽل تي وٺي آيو. جتي پڻ هن اسان جي ڏاڍي خاطري ڪئي. هن کا ٻئي هوٽل خريد ڪئي هئي. جنهن جي چارج اڄ رات هن کي وڻڻي هئي. اسان هن کان موڪلائي هوٽل تي ڪمرو وٺي اچي ستاسين. صبح جو هوٽل تي ناشتو ڪري نظام جي ٻئي دوست وٽ پهتاسين. جنهن ٻنهڑن جي ماني سان گڏ سڃو ڏينهن اسان کي پنهنجي ڪار ۾ شهر گهمايو. هڪ سئو ويهه اسڪوائر ڪلوميٽر ۾ پکڙيل ۽ نو سئو فوٽ ڊگهين ٽڪرين تي قائم هي خوبصورت ترين شهر جيڪو ڪن خوبين ۾ آمريڪا جي سيني شهرن کان اڳتي آهي.

1_سڃي آمريڪا ۾ زياده شراب هن شهر ۾ استعمال ٿئي.

2_سڃي آمريڪا ۾ زياده خودڪشيون هن شهر ۾ ٿين.

3_سڃي آمريڪا ۾ زياده طلاقون هن شهر ۾ ٿين.

4_سڃي آمريڪا ۾ فلوريدا رياست کان پوءِ زياده ۾ زياده سياح هن شهر ۾ اچن.

5_ سڃي آمريڪا ۾ زياده ۾ زياده هومو سيڪيوئل (Homo Sexual) هن شهر ۾ رهن ۽ 1970ع کان وٺي هي شهر دنيا جي (Gay Civil Rights) جو سڃي دنيا جو مرڪز آهي.

6_سڃي ڪئليفورنيا رياست جي سون جو مرڪز به هي شهر آهي.

7_دنيا جي سھڻن سامونڊي بندرن مان هڪ آهي.

8_سڃي دنيا ۾ آرٽ ميوزڪ ۽ سني ڪاڏي جي ڪري پڻ مشهور آهي.

انهن سيني ڳالهين کان وڌيڪ عجيب ڳالهه ته آمريڪا ۾ زياده ۾ زياده Earth Quakeo زلزه پڻ هن شهر ۾ اچن خاص زلزلا 1998_1868_1898_1900_1906_1990 ۾ آيا.

سين فرانسسڪو شهر جي ڊائون ٽائون (Dowon Town) علائقي ۾ گهمڻ جا مک ۽ اهم مرڪز هي آهن.

ٽرانز آمريڪا	1_Trans America
پائرامڊ بلڊنگ	2_Pyramid Building
چائنا ٽائون	3_China Town
گيري اسٽريٽ	4_Geary Street
ڪوئيٽ ميموريل ٽاور	5_Coit Memorial Tower
فشرمين مارڪيٽ	6_Fisher man Market.

ڊائون ٽائون جو علائقو پنهنجي سهڻي ڪيبل ڪار سسٽم جي ڪري به تمام مشهور آهي. پهرئين اسين ان مشهور گلن سان جنجهيل پهاڙي رستي کي ڏسڻ وياسين. جتي گاڏي هلائڻ لاءِ به هڪ قابل ڊرائيور گهرجي، ڇو ته هتي گاڏين جي سڄو ڏينهن ايڏي ته رش آهي جو گاڏيون جهڙيون مالها ۾ موتي، گاڏين جي وچ ۾ نالي ماتر وڇوٽي آهي. رنگين قسمين قسمين گلن جي وچ ۾ منڊي ماڪوڙي جي اسپيڊ ۾ مٿان کان هيٺ لهندي وڏين آمريڪن گاڏين جو ڏيک جنهن کي سوين سياح روزانا وڊيو ۽ ڪئميرائن ۾ محفوظ ڪن. اهو سلسلو ڏينهن رات چالو آهي. اسان به ڪجهه فوٽا ڪڍيا. انهيءَ کان پوءِ فشرمين مارڪيٽ آياسين. جت پڻ گهڻي رش هئي. ديس ديس جا نر ۽ ناريون پنهنجي ڏن ۾ مگن هئا. سين فرانسسڪو جي نالي سان شرٽون پهريل گهمندي ڦرندي دنيا جهان کان بي خبر نظر ٽي آيا. اسان به هڪ هوٽل تي ويهي آئس ڪريم کاڌي ۽ اخبار پڙهي، ڪجهه شاپنگ ڪري اسان واري ميزبان جي مني مارڪيٽ تي آياسين. جت اسانجي ميزبان اسانکي گفٽ طور شرٽون، پينون، ڪي چينز، جوراب، رومال ۽ ٻيا به ڪافي تحفا ڏنا.

اسان رات جو نائيٽ ڪلب وياسين جتان ڪافي دير ڪانپوءِ پنهنجي هوٽل پيڙا ٽياسين. صبح سوير اسان ايئرپورٽ پهچي واپس لاس اينجلس ڏانهن روانا ٽياسين. سين فرانسسڪو کي ڇڏيندي اڄين محسوس ٽيو جڏ ڪنهن پيار ڪندڙ سريت کان ڇڄي ڏار ٽيو هجان. اسان هوائي جهاز جي درين مان سين فرانسسڪو شهر کي ڏسندي ڪکر ۾ داخل ٽي وياسين. ننڍي هوندي ڪوهه مريءَ ويندا هئاسين ته ڪکرن کي هيٺ ڏسي ڏاڍو مزو ايندو هو ۽ ڪيترو وقت پيا ڪکرن کي ڏسندا هئاسين. پر جڏهن جهاز ۾ چڙهڻ جو اتفاق ٽيو ته ايترو سارو وقت ڪکرن جي اندر ۽ ٻاهر جي ڪابه خبر نه. سو ڪجهه وقت ته ڏاڍو مزو آيو پر هر هر ڪکرن ۾ مزو نه پيو اچي، ماٺهو پائئي ته جهاز جي ٻاهران سڀ ڪجهه ڏسان، سمنڊ، درياءَ، ٻيلا، جبل، شهر ۽ راتين جون روشنيون خاص ڪري امير ملڪن جي

شهرن جون روشنيون جن کي ڏسيو ماڻهوءَ جو دماغ دنگ رهجيو وڃي تہ ڪهڙيءَ نہ سهڻي ترتيب سان هيٺ روڊ، رستا ۽ ان تي روشنيون ناهيون آهن. سچ تہ ڪي شهر هيٺ کان بہ مٿي رات جو روشنين جي ڪري وڌيڪ خوبصورت لڳن، ايفل ٽاور، ٽوڪيو ٽاور، امپائير اسٽيٽ بلڊنگ، زيورچ ۽ جدي جا تمام وڏا ڦوهارا تہ ماڻهوءَ کي جهاز مان وسرن ئي نہ. سو اسان بہ سين فرانسسکو جي ڪرن مان ٻاهر نڪري گولڊن گيٽ برج ۽ ٻين پلين کي ڏسڻ ٿي چاهيو پر ڪرن جند نہ ڇڏي ۽ اسان اڳتي نڪري وياسين. لاس اينجلس تائين فلائيٽ ڪا گهٽي دير نہ لاٿي. اسان ڳالهين ئي ڳالهين ۾ لاسس اينجلس پهچي وياسين. ايئرپورٽ کان ٻاهر قاسم جتوئي نيڪر پاتل اسانجي انتظار ۾ بينو هو ۽ اسان گهر ڏانهن روانا ٿي وياسين. اسان جڏهن آمريڪا جي ٽوئر ۾ هئاسين تڏهن صدارتي ۽ سينيٽ جي اليڪشن جو چرچو هو. آمريڪا جي صدر جي عهدي لاءِ آمريڪا جي ان وقت صدر جارج بش ۽ سندس مخالفت ۾ بل ڪلنٽن بينل هئا. بل ڪلنٽن (Arkansas) آرڪانس اسٽيٽ جو گورنر پڻ هو. سندس شخصيت ۾ ڏاڍو اعتماد هو. منهنجو اندازو هو تہ هي ماڻهو ضرور اليڪشن کٽي ويندو. بش جي اپوزيشن هونئن بہ ڏاڍي خراب هئي. جنهن جو خود هن پنهنجي ڪتاب ۾ تفصيل سان ذڪر ڪيو آهي. بش ۽ ڪلنٽن کان سواءِ آزاد اميدوار راس پيروٽ جيڪو آمريڪا جو امير ترين ماڻهو هو. سو اليڪشن ۾ پنهنجي آئيورٽائيز تي پاڻيءَ وانگر پئسو وهائي رهيو هو. ۽ هن اليڪشن ۾ توقع کان وڌيڪ يعني اوٽويهہ سيڪڙو ووٽ کڻي خود آمريڪي شهرين کي حيران ڪري ڇڏيو.

پاڻ سمجهندا آهيون تہ رڳو هندستان ۽ پاڪستان ۾ خانداني سياست آهي. يعني هندستان ۾ گانڌي ۽ نهرو فئملي، پاڪستان ۾ ڀٽو ۽ نواز شريف فئملي، پر آمريڪا ۽ ٻين مغربي ملڪن ۾ ائين ڪونہ هوندو. پر آمريڪا ۾ پڻ پاڻ وانگر پهريائين کان وٺي اڄ تائين اهو سلسلو هليو اچي. جنهن جا ڪجهہ نمونا هن ريت آهن. يعني جارج بش صدر تہ سندس ٻہ ڀٽ گورنر ۽ وري سندس هڪ ڀٽ جارج ڊبليو بش صدر.

جان آدم (John Adams) صدر تہ سندس پٽ جان ڪوئينسي آدم پڻ صدر ٿيو.

وليم ايچ هيرسين (Willam_H_Harrison) صدر تہ سندس پوٽو بنجمن (Benjamin Harrison) صدر.

جيمز مئڊيسن (Jamses Madison) صدر تہ سندس سڳو سئوٽ زيچري ٽيلر (Zachary Taylor) صدر.

ٿيوڊر روز ويلٽ (Theodore Roosevelt) صدر تہ سندس اڳو سئوٽ فرينڪن ڊي روز ويلٽ (Fanklin_D_Roosevelt) صدر ٿيو.

جان ايف ڪئنيڊي صدر ته سندس پاءُ صدارتي اميداوار جي چونڊ هلندي قتل ٿي ويو. سندس ٻيو پاءُ همیشہ سينيٽر چونڊجي ۽ اڄ ٻہ سينيٽر آهي. ڪئنيڊي فيملي جا فرد هر صدارتي اليڪشن ۾ سندس پارٽي جي اميدوار جي مدد ڪن ۽ انهن جي آمريڪي عوام ۾ تمام گهڻي عزت آهي.

(هي ڪتاب مون هڪ وقت نہ پر ڪيترن ئي نشستن ۾ لکيو آهي، تنهن ڪري نوان پراڻا واقعا گڏ ٿي ويا آهن.)

هن سال يعني سال 2000ع جي آمريڪي صدارتي اليڪشن کي ڊيموڪريٽڪ پارٽي نالو ئي (Kennedy night) ڏنو هو. جنهن ۾ صدر بل ڪلنٽن نائب صدر الگور کان سواءِ ٻہ مڪ مقرر هئا. ڪئنيڊي فئملي مان هئا يعني جان ڪئنيڊي جي واحد بچي ويل ڏيءَ ڪيرولين ڪئنيڊي ۽ سندس پاءُ يعني مساجوسيٽ رياست مان چونڊيل سينيٽر جن جي تقريرن ۾ رڳو سندن خاندان جا نظريہ ۽ ڪارناما هئا. سو سائين خانداني سياست ۾ رڳو اسان جو نالو بدنام نہ آهي، پر آمريڪا وارا اسان کان ٻہ اڳتي آهن. نہ رڳو خانداني سياست پر جنس ۽ مذهبي ڪٽر پڻي جي ٻہ حد چئجي. يعني هندستان جهڙي ملڪ جو صدر مسلمان ۽ سک ٿي سگهي ٿو. يعني ڊاڪٽر ذاڪر حسين ۽ گياني ذيل سنگهہ، سريلنڪا جي صدر عورت ٿي سگهي ٿي يعني مسز بندرانائيڪي، پر آمريڪا جي هاٿي ۽ گڏهہ جي جنگ ۾ اها ڳالهہ ناممڪن آهي. (ريپبلڪ هاٿي. ڊيموڪريٽڪ گڏهہ پارٽي نشان) آمريڪا جا 43 ئي صدر هي قسم کڻي کڻي پنهنجي آفيس پيڙا ٿيا.

I do sotemnly swear (or offirm) that I will faithfully execute the office of president of the united states and will do the best of my abilities preserve, protect and defend the constitution of united states.

آمريڪن صدر

جارج واشنگٽن	1_ George Washington:1789_1797
جان آدم	2_John Adams: 1797_1801
ٿامس جيفرسن	3_ Thomas Jefferson:1801_1809
جيمس مئڊيسن	4_James Madison: 1809_1817
جيمس مونرو	5_James Monroe: 1817_1825
جان ڪئنسي آدم	6_Jahn Quincy Adams:1825_1829
ائنڊريو جئڪسن	7_Andrew Jackson:1829_1837

8_Martin van Buren:1837_1841	مارٽن وين برن
9_William Henry Harrison:1841_1845	وليم هينري هوريسن
10_John Toylor:1841_1841	جان ٽيلر
11_James k.Polk:1845_1849	جيمس_ڪي_پولڪ
12_Zachary Taylor:1849_1850	زيچري ٽيلر
13_Millard Fillmore:1850_1853	ملرڊ فلمور
14_Franklin Pierce:1853_1857	فرئنڪن پائيرس
15_James Buchanan:1857_1861	جيمس بچنان
16_ Abraham Lincoln:1861_1865	ابراهام لنڪن
17_ Andrew Johnson:1865_1869	ائنڊريو جانسن
18_Ulysses S. Grant:1869_1877	پوليسس.ايس. گرانٽ
19_ Rutherford B. Hayes:1877_1881	روٿر فورڊ. بي. هيز
20_James A. Grafield:	جيمس_اي_ گيرفليڊ
21_ Chester A. Arthur:1881_181	چيسٽر. اي. آرٿر
22_Grover Cleveland:1885_1889	گروور ڪليو لانڊ
23_ Benjamin Harrison:1889_1893	بينجمن.هيريسن
24_Grover Cleveland:1893_1897	گروور ڪليو لانڊ
25_ William Mc kinley:1897_1901	وليئم مئڪنلي
26_ Theodore Roosevelt:1901_1909	ٿيوڊور روز ويلٽ
27_ William H. Taft: 1909_1913	وليئم. ايچ. ٽئفٽ
28_Woodrow Wilson:1913_1921	وڊرو ولسن
29_Warren G. Harding:1921_1923	وئرن. جي. هارڊنگ
30_ Ca;vom Coolidge:1923_1927	ڪالون ڪولج
31_ Herbert C. Hoover:1929_1933	هربرٽ سي هوور
32_Franklin D.Roosevelt:1933_1945	فرئنڪن دي روزويلٽ
33_ Harry S.Truman:1945_1953	هئري ايس ٽرومئن
34_Dwight D Eisenhower:1953_1961	دوائيٽ ڈي آئزن هاور

جان ايف ڪئنيڊي	35_John F.Kennedy:1961_1963
لانڊن بي جانسن	36_ Lyndon B. Johnson:1963_1969
رچرڊ ايم نڪسن	37_ Richard M.Nixon:1969_1974
جيرالڊ فورڊ	38_Gerald R Ford:1974_1977
جميز ڪارٽر	39_James Carter:1977_1981
رونالڊ ريگن	40_Ronald W Reagan:1981_1989
جارج بش	41_George H. W. Bush989_1993
بل ڪنٽن	42_Willaim J Clinton:1993_2001
جارج ڊبليو بش	43_George W. Bush:2001

يعني سڀ جا سڀ عيسائي ۽ انهن ۾ به صرف هڪ دفعو رومن ڪيٿولڪ جان ڪينيڊي چونڊجي آيو آهي. نہ ٿہ سڀ جا سڀ پروٽيسٽنٽ (Protestant) آهن. هن دفعي الگور پهريون پيرو پنهنجي ڪمزور پوزيشن جي ڪري ڪينڪتي ڪٽ مان چونڊيل يهودي سينيٽر جوزف ليبرمين کي نائب صدر لاءِ اميدوار بيهاريو. باقي رهيو جنس جو مسئلو تہ ڪڏهن به ڪا عورت صدر يا نائب صدر منتخب نہ ٿي آهي. هڪ پيري آمريڪي نائب صدر جي عهدي لاءِ عورت فرارو اليڪشن ۾ بيٺي هئي. پر ڪيس وڏي اڪثريت سان شڪست آئي. آمريڪي صدارتي اليڪشن به هڪ وڏي جوا ۽ مٿي جو سور آهي. مٿي جو سور ان ڪري جو آمريڪي صدارتي اميدوار کي ڪيترن ئي مرحلن ۾ اليڪشن وڙهڻي پوي ٿي. اهو ان ڪري جو جيڪڏهن صدارتي اميدوار عام ووٽن ۾ ڪٽي به وڃي پر، رياستي پاپولر (Popular) ووٽن ۾ ڪري پوي تہ عوام جي اڪثريتي ووٽن جي راءِ جي ڪابہ اهميت نہ ٿيندي ۽ گهٽاووٽ ڪٽندڙ اميدوار جو پيڙو ئي ٻڏو. اهڙو حشر هڪ نہ پر گهٽائي پيرا آمريڪي اليڪشن ۾ ٿيو آهي. جنهن جا ڏنگيل اميداوار هي آهن.

سال	اميدوار جو نالو	انتخابي اداري جا ووٽ	عوام جا ووٽ	نتيجو
1824	جان ڪيو آدم	84	115696	ڪٽيو
1824	اينڊريو جيڪسن	99	152933	هارايو
1876	روزفورڊ بي هيز	185	4035924	ڪٽيو
1876	سيموئل جي ٽلڊن	184	4287670	هارايو

1888	بينجمن هيريسن	233	5445269	ڪٽيو
1888	گروور ڪيلولينڊ	168	5540365	هاريو

يعني اينڊريو جيڪسن، سيموئل جي ٽلڊن ۽ گروور ڪليو لينڊ عوامي ووٽن ۾ ٽه ڪٽيو پر انتخابي اداري جي ووٽن ۾ ڪامياب نه ٿيڻ ڪري هارائي ويا. صدارتي اليڪشن جي ڄاڻ سان گڏوگڏ ڪجھ سينيٽ بابت پڻ ٻڌو.

سن 1787ع ۾ آئين جوڙڻ واسطي ڪنوينشن ۾ آمريڪا جي وڏين ۽ ننڍين رياستن جي وچ ۾ ٿيل "عظيم عهد نامي" (Great Compromise) جي نتيجي ۾ ڪانگريس ٻن ايوانن ۾ ورهائي وئي. 1_ ايوان نمائندگان (House of Representatives) 2_ سينيٽ (Senate). ايوان نمائندگان ۾ ميمبرن جو تعداد رياستن جي آدمشماري مطابق مقرر ٿيو. جڏهن ته سينيٽ ۾ ميمبرن جو تعداد سموري رياستن جو برابر آهي. رياست ۽ حڪومت هلائڻ لاءِ گهربل ڪمن جهڙوڪ. جنگ جو اعلان، لشڪر جو انتظام، ٽئڪسن جي مقرري، ڊوڪڙ اڏارڻ، سڪو ٺاهڻ، واپار جو انتظار ۽ حڪومت جي ڪمن ڪارين لاءِ قاعدن ۽ قانونن جوڙڻ جي ذميواري آئين موجب ٻنهي ايوانن کي هڪ جيتري سونپيل آهي. ملڪي ۽ غير ملڪي معاهدن ۽ نامزدگين بابت راءِ ۽ صلاح مصلحت ڪرڻ جو خصوصي اختيار سينيٽ کي حاصل آهي. آئين موجب سينيٽرن لاءِ هي شرط آهن. انهن جي عمر گهٽ ۾ گهٽ 30 سال هجي. اهي آمريڪي شهري ۽ چونڊ سان واسطيدار رياست جا رهاڪو هجن. اصل ۾ رياستي اسيمبلين کي سينيٽر چونڊڻ جو اختيار آئيني طور حاصل هو. پر سن 1913ع ۾ آئين ۾ ٽيل ترميم سترهن موجب سينيٽرن جي عوام طرفان سڌي چونڊ جو قاعدو نافذ ڪيو ويو. سن 1789ع ۾ ايوان نمائيندگان عوام لاءِ پنهنجا دروازا کوليا. تڏهن کان چند سالن لاءِ نيويارڪ ۽ فلاڊيلفيا ۾ ڪوٺايل سينيٽ جا اجلاس مخفي طور منعقد ڪيا ويا. سينيٽرن کي اها توقع هئي ته بنيادي طور تي اهي صدر جي مشاورتي مجلس طور ڪم ڪندا ۽ آئين ۾ گهربل ترميم ڪرڻ جا مجاز به اهي هوندا ۽ ڪانگريس جي بلن ۾ به گهربل ترميم ڪرڻ جا اختيار کين حاصل هوندا. عوامي دٻاءُ سينيٽ جي همت افزائي ڪئي ته اها سينيٽ ۾ هڪ وزيٽرس گيلري قائم ڪري ۽ اها 1795ع ۾ معائنہ ڪارن لاءِ کولي وئي.

جڏهن 1800ع ۾ وفاقي گادي فلا ڊيلفيا کان نئين بنايل ضلعي ڪولمبيا ڏانهن منتقل ٿي ته اتي ڪانگريس جي ٻنهي يعني سينيٽ توڙي ايوان نمائندگان ۾ عوام لاءِ گيلريون مهيا ڪيون ويون.

1830ع واري ڏهاڪي دوران سينيٽ ۾ آمريڪي قوم جا وڏا سياسي مدبر ۽ عظيم مقرر موجود رهيا، جن سينيٽ جي ايوان ۾ ڊينئل ويبسٽي، هينري ڪلي، جان ڪيلهون ۽ ٻيا شامل هئا. هڪ فرينچ مبصر جنهن سينيٽ جو دورو ڪيو. تنهن پنهنجي تجزيي ۾ ڄاڻايو تہ آمريڪي سينيٽ انهن هوشيار وڪيلن، ممتاز سالارن، داناءَ قاضين ۽ پارليامينٽ ۾ ٿيندڙ مباحثن ۾ سڀ کان مٿانهون آهي.

هنن ڏهاڪن دوران سينيٽ وفاقي اختيار بمقابلہ رياستي حقوق ۽ ملڪي سرحدن اندر وڌندڙ غلاميءَ واري رجحان بابت مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ پاڻ پتوڙيو پر صورت حال موجب مناسب سمجهوتي يا ناهہ لاءِ ٿيندڙ ڪوششون ناڪام ٿيون ۽ آمريڪي قوم خونريزي، گهرو لڙائي ۽ افراتفريءَ جو شڪار ٿي وئي.

سن 1859ع ۾ سينيٽ پنهنجي نئين ۽ ڪشادي عمارت ۾ منتقل ٿي. 1861ع ۾ آمريڪي وفاق ۾ شامل ڏکڻ وارين رياستن جي وفاق کان جدا ٿيڻ سبب اتان جي چونڊيل سينيٽرن استعيفا ڏني جنهن ڪري سينيٽ جي ميمبرن جو تعداد گهٽو گهٽ ٿيو. نتيجي طور نئين ريپبلڪن پارٽي کي سينيٽ ۾ اڪثريت حاصل ٿي. گهرو لڙائي ۾ شامل ٿيندي انهن سينيٽرن جو صدر اينڊريو جانسن سان ٽڪر ٿي پيو. جيڪي ڏکڻ وارين رياستن ۾ وڏي پئماني تي تعمير نو جا خواهان هئا.

صدر اينڊريو ابراهام لنڪن وارين پاليسين کي اختيار ڪيو. انهيءَ تضاد سبب سينيٽ ۾ صدر کي هٽائڻ لاءِ باقاعدي مقدمو هليو. جتي هو فقط هڪ ووٽ وڌيڪ حاصل ڪرڻ سبب صدارت جي عهدي تان دستبردار ٿيڻ کان بچي ويو. حالتن ان جي پيش نظر اوڻيهن صديءَ جي باقي عرصي دوران ڪمزور صدرن جو انتخاب اينڊوريو جانسن جي مماثلت سان جاري رهيو ۽ انهيءَ دور ۾ سينيٽ سرڪار جي طاقتور ترين اداري طور قائم رهيو. سينيٽرن جو دليل اهو هو تہ انتظاميہ، آئين ساز ادارن جي ماتحت هڻڻ گهرجي ۽ صدر سمورو ڪم ڪانگريس جي جوڙيل قاعدن ۽ قانونن کي نافذ ڪرڻ ۽ انهن تي عمل ڪرائڻ تائين محدود هجي. ويهين صديءَ جي شروعات ۾ طاقتور صدر روز ويلٽ ۽ ودرو ولسن سينيٽ جي بالادستيءَ کي چئلينج ڪيو ۽ طاقت جو توازن وائيٽ هائوس ڏانهن منتقل ٿيو. تنهن هوندي بہ سينيٽ انهيءَ ورسيلز واري معاهدي کي رد ڪندي صدر وڊرو ولسن کي سندس حڪومت جي آخري ڏينهن ۾ وڏو سياسي ڏڪ رسايو. جنهن معاهدي تحت پهرين عالمي لڙائي ختم ٿي ۽ ليگ آف نيشنس (League of Nations) قائم ٿي. 1930ع واري ڏهاڪي واري صورتحال جي درميان صدر فرينڪلن روز ويلٽ جي ملڪي اڏاوت سڌارن ۽ ڇوٽڪاري واري نئين پروگرام جي لاءِ سينيٽ مثبت موٽ ڏني. سينيٽ جي تاريخ ۾ بي مثال قانون سازي جي عمل وفاقي حڪومت جي ڏانچي. سائيز ۽ حيثيت کي واضح طور بدلائي ڇڏيو.

1937ع ۾ سينيٽ صدر روز ويلٽ جي انهيءَ تجويز کي رد ڪيو ته سپريم ڪورٽ ۾ من پسند ماڻهو مقرر ڪيا وڃن ۽ سخت مايوسيءَ سبب روز ويلٽ جي عالمي پاليسين ۾ گهٽتائي ٿي.

1941ع ۾ پرل هاربر بندر تي حملي جي نتيجي ۾ راءِ عامہ تيزيءَ سان تبديل ٿي ۽ سينيٽرن جنگي حڪمت عمليءَ خلاف جلوس ڪڍيو ۽ نعرا هنيا ته سياست پاڻيءَ جي دنگ تي رکجي وڃي ٿي.

جنهن ۾ آمريڪي خارجہ پاليسي ۾ هڪ نئين جذبي جو اظهار ٿيو جنهن ۾ سرڪاري موقف سان ڪليل اختلاف هو. 1946 ع ۾ سينيٽ جي تاريخ ۾ وڏي تبديلي آئي جڏهن سينيٽ آئين جي نئين ترتيب لاءِ هڪ ٻهراڻ بحال ڪيو جنهن سان ڪميٽي سسٽم کي نئين شڪل ملي ۽ سينيٽرن ۽ سندن ڪميٽين جي ڪم ڪار لاءِ پيشور ملازم مقرر ڪيا ويا. قومي بچاءُ واري پروگرام غير ملڪي امداد ۽ آمريڪا جي اتحادين جي مدد ڪرڻ وارن ڪمن ۾ اضافي ٿيڻ سبب ۽ سرد جنگ جي ڪري آئين سازي ۾ گهٽو اضافو ٿيو. 1950ع واري ڏهاڪي دوران سينيٽ شهري حقن بابت پاليسين تي سخت مباحثن ۾ ڦاٽل رهي. جنهن طويل ڏڇو برپا ڪيو. پر نيٽ هڪ يادگار قانون شهري حقن وارو ايڪٽ 1964ع ۾ پاس ڪيو ۽ 1965ع ۾ ووٽ ڏيڻ جي حق وارو ايڪٽ پاس ڪيو. ويٽنام واري جنگ ۾ آمريڪا جي ملوث هڻڻ تي پڻ سينيٽ ۾ن حصن م ورهائجي وئي. جيتوٽيڪ سينيٽرن 1964ع ۾ پرجوشيءَ سان گلف آف نونڪن ٻهراڻ درست ڄاڻايو پر انهي جي نفاذ جي مخالفت ڪيائون . ۽ ان کي منسوخ ڪرڻ لاءِ ووٽ ڏنائون. خارجہ پاليسي بابت صدر کي حاصل وڏيڪ اختيارن تي سينيٽ کي لاحق ڳڻتيءَ جي پيش نظر هڪ نئون قانون (War power act of 1973) سينيٽ طرفان تشڪيل ڏنو ويو. جنهن موجب ڪنهن بہ لڙائيءَ لاءِ آمريڪي فوجون موڪلڻ لاءِ ڪانگريس جي تصديق ۽ نوٽيفڪيشن جو پڌرو ٿيڻ لازمي هو. 1972ع ۾ پيدا ٿيل واٽر گيٽ واري چوري ۽ صدارتي مهمن ۾ ٿيل بيقائدگين جي جانچ پڙتال لاءِ سينيٽ هڪڙي ڪاميٽي تشڪيل ڏني، جنهن جي اڳواڻي اتر ڪيرولينا وارو سينيٽر سام اورن ڪري رهيو هو. تنهن جي رپورٽ جي بنياد تي صدر رچرڊ نڪسن کي مجبورن استعيفا ڏيڻي پئي. انهيءَ کان پوءِ بہ سينيٽ صدر جي اختيارن سان پنهنجو توازن برقرار رکندي اچي ۽ بعض صدارتي قدمن جي حمايت بہ ڪندي اچي ته انتظاميا واري شعبي تي ڪڙي نظر پڻ رکندي اچي. هن تپاس ڪرڻ ۽ توازن برقرار رکڻ وارو نظام جيڪو آئين ٺاهيندڙن جي ذهن محسوس ڪيو. آمريڪا واري نمائنده جمهوريت ۾ بہ سئو سالن کان وڌيڪ وقت کان وڻي برقرار آهي.

قاسم اسان کي پاڪستان مان آيل فون ۽ نياپن جي باري ۾ ٻڌايو ته ڪنهن ڪنهن فون ڪيو ۽ ڪهڙا ڪهڙا حڪم توهان لاءِ هئا. تنهن جي تفصيل ٻڌائڻ کان پوءِ هن اسان کي گهر پيڙو ڪيو. هاڻي اسان

وٽ آمريڪا ۾ رهڻ لاءِ صرف هڪ رات ۽ هڪ ڏينهن بچيو هو. جنهن کي اسان سڀي نموني گذارڻ ٿي چاهيو.

هاليڊي ان جي سوٽ نمبر 323 جي ڊريسنگ ٽيبل تي وينل برندا ميڪ اپ ڪندي پنهنجي پڳل ٽٽل انگريزي ۾ ٻڌايو ته هو اصل ميڪسيڪو جي آهي. پر ڪجھ وقت کان آمريڪا ۾ رهندي آهي. سندس منهن منهانڊا ملوڪڙا هئا. پر پاڻ بدن ۾ پريل هئي. سندس گھنڊيدار وڏن وارن ماڻھوءَ کي مست ڪري ٿي ڇڏيو. سندس وارن جي خوشبوءَ ۾ جڻ ته نشو سمايل هو. جنهن جي سرهاڻ سڄي ڪمري کي خوشبو سان واسي ڇڏيو هو. سندس گھاٽن وارن تي مٿو رکي پوءِ ايازچواڻي ته :

ڪنهن ڪاري چڱ تي رات ڪٽي،

ڪنهن ڳاڙھيءَ ڳل تي باک ڦٽي.

ائين وقت ڪٽيو ائين عمر لٽي،

سپ سانگ سجايو آ پيارا!!

سندس مرمرين بدن کي اکيون ڏسيو ڏسيو پيو ٿرن. پاڻ مون کي چيائين ته گلاس ٺاهي ڏيان. مون چيس ته تنهنجي هٿن جو ٺهيل گلاس وري شايد نه به نصيب ٿئي. پاڻ کلي گلاس ٺاهي ڪٽي اچي منهنجي اڳيان رکيائين ۽ پاڻ سگريٽ دکايائين ته سگريٽ جو گول گول دونهون. سندس چهرو ڇهي رهيو هو ۽ ڊريسنگ ٽيبل جي روشنين ۾ اهو نظارو ڏاڍو وٽندڙ لڳي رهيو هو. برندا پنهنجو فون نمبر مونکي ڏيندي چيو ته توهان جي هڪ فون تي اچي حاضر ٿيندس.

مون سندس گول ڳاڙھن سٽين ارهن ۾ نهاريندي کيس ٻڌايو ته اڄ رات اسين واپس لنڊن وڃي رهيا آهيون. پاڻ چئين ته پوءِ ڇا آهي. جڏهن به اچو هت پنهنجون روح رڇندیون ٿيندیون رهنديون. کيس ڪهڙي خبر ته آمريڪا اسان لاءِ ائين آهي جيئن جنت جو ديدار. پاڻ ڊريسنگ ٽيبل تان اٿي ڦر موٽڙي جيان ڦرندي منهنجي هنج ۾ اچي پئي ته مون کي حافظ شيرازيءَ جو هي شعر ياد اچي ويو.

گرچه پيرم، تو تنگ در آغوش گير،

که صبح گاهي زکنار تو جوان پر خيرم.

"جيتوڻيڪ پوڙھو آهيان پر جي تون رات پر پنهنجي آغوش ۾ ويھاريم ته جيڪر صبح تائين تنهنجي محبت جي ڪري جوان ٿي اٿان."

مون محسوس ڪيو ته سندس شرير ۾ پنيوريءَ جيان شوخيون ۽ اڻبنگايون هوريان هوريان مچي مچ ٿي رهيون آهن. سندس سونهن چوڌهين جي چانڊاڻ وانگيان چمڪي ماکي جي لار وانگر منهنجي شرير ۾ سمائجي وئي. ڪوڙڪي ۾ ڪنبي ڦاٽل هن هرٽي جي ڪجلين اکڙين

۾ جڏهن نهاريم تہ سندس چوخيون ۽ اڇ ٻنگايون ٽڏيون ٽي چڪيون هيون. سندس ڪونج جهڙي ڳچيءَ جون جوان ايريل نسون آهستي آهستي سن ٽي رهيون هيون. هوءَ اڏري واپس پنهنجي ماڳ ڏانهن هلي وئي. ۽ آئون ڏسندو ئي رهيس. سندس ڏنل فون نمبر ڦاڙي پنهنجي جڳهہ ڏانهن روانو ٽي ويس.

بي ڏيهاڙي صبح جو سوير آئون، حمزه ۽ قاسم برٽش ايمبيسي لاءِ روانا ٽياسين. جتي حمزه خان لاءِ انگلينڊ جي ويزا ونڊي هئي. ڇو تہ حمزه وٽ انگلينڊ هڪ دفعو گهمڻ لاءِ ويزا هڻي جيڪا ختم ٽي چڪي هئي. اسان واپس پاڪستان نہ پر لنڊن ۾ رهي پوءِ وايا دبئي پاڪستان ٽي وڃڻ چاهيو. قاسم اسان کي اچي برٽش سفارت خاني پيڙو ڪيو. جيڪو جدا ڪنهن بنگلي ۾ نہ پر هڪ وڏي بلڊنگ اندر ڪجهہ ڪمرن ٽي قائم هو جتي ڪابہ رش ڪانہ هئي. اتي فوٽن ڪيڻ لاءِ ڪئميرا بہ پيل هئي، جتي ماڻهن خود فوٽو ڪيڊي پي فارمن ٽي هنيا ۽ اسان بہ ائين ڪيو. ويزا جي دريءَ تي هڪ محترمہ ويٺي هئي، جنهن کي حمزه خان سندس سينيٽ جو ڪارڊ ڏيکاريو ۽ سڄي ماجرا ٻڌائي. پر مائي صفا لائين تي نہ پئي آئي. چيائين توهان اهو سڀ ڪجهہ پنهنجي ملڪ ۾ ڪري اچو ها. هت ڇو؟ تمام گهڻي پڇ پڇان کان پوءِ ويزا هڻي ڏنائين. هونئن بہ ماڻهو هر ڪم يعني ويزا ايئر ٽڪيٽ وغيره پنهنجي ئي ملڪ ۾ لڳرائي پوءِ ٻاهر وڃي نہ تہ ڏاڍو مسئلو ٽوٽئي. گهمڻ ڦرڻ تہ ڇٽو مرڳو ماڻهو ڏڇي ۾ اچيو وڃي. اسان ٻاهر نڪري اتي ويجهو هڪ وڏي سپر مارڪيٽ ۾ آياسين.

ڪئليفورنيا رياست ۾ دنيا جون وڏي ۾ وڏيون سپر مارڪيٽون آهن. ۽ ڪئليفورنيا رياست جي اها بہ هڪ انفراديت ۽ سڃاڻ آهي. مون ۽ حمزه خان ڪجهہ سامان خريد ڪيو ۽ هڪ رسيپشنسٽ يا سيل گرل کي حمزه خان اجرڪ تحفي طور ڏني جيڪا هن خوشيءَ سان قبول ڪئي.

اسان شهر جا چڪر هڻندا اچي گهر پهتاسين. ڪئليفورنيا جي امير رياست، اسان تي رڳو سندس سهڻن شهر لاس اينجلس، سن فراسيڪو، سين ڊياگو ۽ سهڻين ٽيچز ان ۾ قائم هالي ووڊ، ڊزني لينڊ، يونيورسل استوڊيو ۽ گولڊن گيٽ برج جي ڪري سڃاڻون، پر ڪئليفوريا جي هڪ ٻي بہ سڃاڻپ آهي. جيڪا آهي هڪ تمام وڏي ڊيري فارمنگ، باغات، سبزين ۽ زراعت تي قائم هي رياست آمريڪا جي پنجن پهرين نمبر زرعي رياستن ۾ بہ پهريون نمبر آهي يعني:

1_ ڪئليفورنيا

2_ ٽيڪساس

3_ آئيئوا

4_ نيبراسڪا

5_ الينيوسن

سڃي ملڪ جي اڏ ڪان بہ وڏيڪ ڊيري، ميوات ۽ پاڄيون پيدا ڪندڙ هي رياست پنجاهہ سالن ڪان بہ مٿي پنهنجي اها حيثيت برقرار رکيو اچي.

جيئن تہ اڄ رات جو اسان جي لنڊن لاءِ پرواز ڪنفرم هئي پر تڏهن بہ آياتا جي اصولن مطابق اسان کي چوويهہ ڪلاڪن جي اندر وري بہ ايئر لائين کي فون ڪري ٻڌائڻو هو تہ اسان اڄ لنڊن اسهي رهيا آهيون. جنهن پڻ ڪمپيوٽر کان معلوم ڪري اسان کي ٻڌايو تہ توهان جون لنڊن لاءِ سيٽون ڪنفرم آهن اسان توهان جي انتظار ۾ هونداسين. اسان گهر پهچي ڪجهہ دير آرام ڪري پوءِ پنهنجو سامان سهيڙي قاسم کان موڪلائي نظام سان گڏ سندس ڪار ۾ ايئرپورٽ روانا ٿياسين جيڪو نظام الدين جي گهر جي بلڪل ويجهو هو. آمريڪا ڇڏيندڙن مسافرن کان آمريڪا وارا نہ اميگريشن نہ ڪسٽم جو پڇن. ڇي اسان کي هن کي روڪڻو تہ ڪونهي جيڪو بہ هن ملڪ مان نڪري سو سنو، سا دير تہ لڳي ئي ڪانہ.

جهاز جي اڏام جو اعلان ٻڌي اسان نظام کي پاڪر پائي سندس لک ٿورا مڇي موڪلايو. جنهن آمريڪا جهڙي ملڪ ۾ اسان کي هيترو وقت ڏنو ۽ پڻ هزارين ڊالر اسان تي خرچ ڪيا. پنهنجي ملڪ ۾ تہ ائين ڪرڻ سولو آهي. پر ٻاهرين ملڪ ۾ جتي ماڻهو وڃي ئي پئسو ڪمائڻ ٿو ات ايئن ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. پر نظام جو ڪجهہ ڪيو اهو قرض اسان کان لاهڻ ناممڪن آهي. صرف لفظن سان اهو بيان ڪري سگهون ٿا ۽ وڙڪري مون کي اهو بہ چيائين تہ توهان ٻہ ماڻهو آمريڪا موڪليو آئون ڪين ڪنهن نہ ڪنهن ڏنڊي سان لڳائي ڇڏيندس. اسان سندس معصوم چهري کي ڏسي.

ٿورا نہ ٿورا، مون تي ماروئڙن جا،

پلايون ۽ پيرا، ڳٽي ڳٽيندس ڪيترا.

شاهہ لطيف جو مٿيون بيت دل ئي دل ۾ جهونگاريندو جهاز پيڙا ٿياسين. آمريڪن ائير لائين جو هي (Wide body) ويڪرو جهاز مسافرن سان ڀريو پيو هو. ٿوري دير ۾ سندس ڦيٽا رن وي تي ڊوڙڻ لڳا. پر آهستي آهستي سندس آواز بند ٿي ويو ۽ اسان آمريڪا جي هوائن ۾ پهچي لنڊن ڏانهن رخ ڪيو جنهن جي پهچڻ ۾ اڃان سڄا سارا نو ڪلاڪ پيا هئا.